# شهر صحرا پانيان

( مصر جو سفر نامو، رپورتاز، نوٽبوڪ جا ورق )

ليکڪ
مدد علي سنڌي

ممتاز پبليڪيشن

Mumtaz Publishers
5th Floor Abdullah Chambers, I.I. Chandrigar Road Karachi

ليکڪ جا حق ۽ واسطا قائم

# مهاڳ-1

## اهرامن جي سحر ۾ قاتل...

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن اسين ونيونٽ تحريڪ ۾ پنهنجي پنهنجي ماڳن ۽ ٺڪاڻن تي اڏول ٿيو بيٺا هئا سين - ڪوبہ اسانجو اڳواڻ نہ هو ۽ نہ ئي اسين ڪنهن جا ڪارڪن هئاسين .پنجاب جي اسٽئبلشمينٽ، سنڌ کي ڪالوني ٺاهڻ لاءِ ٿورن پئسن ۽ رعايتن تي، ڪجهہ ويڪائو سنڌي سياستدانن کي ڏنا ۽ دلاسا ڏيئي، +ويسٽ پاڪستان -وجود ۾ آڻي، سنڌ جي سونهن، ثقافت، اقتصاديات، ماضي، حال، مستقبل ۽ سمورو موروثي ۽ تاريخي سرمايو هڙپ ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺي هئي - هيڏسنهن رڳو، سنڌي اديبن جي قومي تنظيم، سنڌي ادبي سنگت ۽ انجا ڪارڪن هئا، جيڪي متي سان ڪفن ٻڌي هٿين خالي پڙ ۾ لٿا هئا .نہ ڏينهن ڏسبو هو ۽ نہ ئي رات، بکن ۽ فاقن تي، ڪيسا خالي ريتي جي ٿرڪن جي پويان گلهبا گلهبا، شهر شهر ۽ واهڻ واهڻ پيا لتاڙيندا هئا سين ۽ در در وڃي، انهيءَ ظلم خلاف ماڻهن کي ڄاڻ ڪرائبي هئي .

انهيءِ تحريڪ ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪرڪنن جا ڪي هجوم نہ هئا، بس هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي سچا ليکڪ ئي جيالا ڪرڪن هئا، جيڪي پنهنجي مَتي ڪَٽي، پيا ووڙيندا هئا .ڪو ڊپ نہ هو، ڪا مصلحت نہ هئي، زندگيءَ جو اهو ئي مشن ۽ مقصد هو تہ انهيءَ آزار کي هٽائڻو آهي.

انهيءَ دور ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي سنڌي اخبارون هيون، جيڪي بہ پنجاب جي دلالن جون ٻولڙيون هيون، ڪراچيءَ مان نڪرندڙ نواءِ سنڌ، مولوي عبدالغفور سيتائي جي ايڊيٽريءَ ۾ نڪرندي هئي، جيڪو ڪڏي )ڪراچي (جي مظهر العلوم مدرسي جو فارغ التحصيل هو ۽ ايوب کهڙي جو ذاتي ملازم هو .اهو سدائين، پنهنجي آقائن جي اشاري تي ونيونٽ جي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ پيو هنيو چيون هڻندو هو ۽ ونيونٽ جي پٺڀرائيءَ ۾ سنڌين کي ايندڙ دور لاءِ سب باغ پيو ڏيکاريندو هو.

سيتائي مرحوم جي سياسي سرت، مٿاهين هئڻ گهرجي ها، ڇاڪاڻ تہ هنجو لاڳاپو انهيءَ علمي ۽ مذهبي درسگاهن سان هو، جنهن عبيدالله سنڌي جي فڪر جي ترويج ڪئي ۽ عوام کي انگريز سامراج ۽ انجي گماشتن جي گمراهہ ڪُن ۽ عوام دشمن حرڪتن ڪان منطق ۽ دليل ذريعي، نندي ڪنڊ جي ابتر ۽ گنجريل صورتحال ڪان معروضي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ سجاڳ رکيو -پر جيئن شيخ اياز چيو هو، ++پيٽ ڏيڍ خدا آهي، --انڪري شايد مرحوم )ڏاڙهي مڇون چٽ (مولوي عبدالغفور سيتائي، پنهنجو ضمير ۽ ذهن، ايوب کهڙي جي هٿ تي گروي رکي، پنهنجي قيام ڪاري ڪئي.

روزاني +مهراڻ -پير سائين پاڳاري جي اخبار هئي ۽ انجو ايڊيٽر، اڳوٽي الوحيد ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪندڙ معمولي تجربي وارو شخص، سردار علي شاهہ ذڪر هو، جنهن جو ڪردار مشڪوڪ هو) .منگهي پير جو خليفو، خليفو غلام محمد صاحب، ڏٺي صحت سان وڏي جهمار ڏيس، انهيءَ ڳالهہ جو شاهد آهي (.هُو ساڏن سان سنمک ۽ پئنچن سان پورو رهڻ وارو فرد هو .ڪراچيءَ جو هڪ سريلو شاعر، مرحوم عبدالله شرر، جيڪو ذاڪر سان لوحيد ۾ گڏجي ڪم ڪندو هو، سو وڏي واڪ ٻڌائيندو هو تہ مرحوم کي ٿاپي جي ٿونڪر بہ هئي .وڏيون وڏيون مڇون رکندو هو ۽ آڪڙ مان ٻيٺو پيو ٿيندو هو .ڪنهن سطح تائين اسانجي ڪاز جي همنوائي بہ ڪندو هو، پر سنڌ ۾ ترقي پسند اديبن جي چغلخوريءَ ۾ رشيد لاشاري ۽ مرحوم ڊاڪٽر ابراهيم خليل جي ٽولي سان ٻِٺُ تي اسانجي خلاف اجايو سجايو محاذ کوليو ويٺو هو .هن کي تہ ڪجهہ نصيب نہ ٿيو .ڀچاڙي ۾ نور جهڙي نعمت کان بہ مرحوم رهيو پر اسان ڏکين حالتن مان گذرندي، دير سان ئي سهي پر مقصد ضرور ماڻيو ۽ سچ جي صوبي تي يا ڪفر ڪمايو!!

اسين نوانجوان تہ نہ چئو، نوخيز هئاسين، پر اسانجو سياسي شعور، سائين جيم .ايم سيد، ڪامريڊ جمال بخاري، قاضي فيض محمد، حيدر بخش جتوئي، غلام۾ مد لاري، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، نور الدين سرڪي، قادر بخش نظاماڻي، سوڀو گيانچنداڻي ۽ اهڙي اعليٰ مقام جي ٻين ڪيترن ئي ڏاهن، استادن ۽ بزرگن جي فڪر روشنيءَ ۾ انهيءَ چوٽ تي وڃي پهتو هو جو ڪنهن مدرسي جو ملو، قاضي، يا انهن جو ڪو چاڙتو اسانجي ڪنيل قدمن کي پوئتي نہ پئي موٽائي سگهيو.

رسول بخش پليجي جو ذڪر بہ ضرور ڪبو .ون يونٽ خلاف سندس ڪردار بيشڪ برجستائي وارو هو، پر سندس شخصي

ڪردار ڪو اتساهيندڙ ۽ آدرشي نہ هو .هو انهن ڏينهن ۾ نوجوان هو ۽ دنيا جي مختلف تحريڪن جا انقلابي فلسفا بہ پين جي پيٽ ۾ گهڻو هنداي هيائين .پٽائي جي بيتن جي سياسي شرح سان, هن وڏي جوش ۽ ولولي وارو ماحول قائم ڪيو ۽ وڏي اٿل پٿل پيدا ڪرڻ ۾ پين سميت جوڳو ڪردار ادا ڪيو .هڪ پيري رسول بخش پليجو, سردار علي شاهہ ذڪر لاءِ لکيو, ++پاءِ مچون—.پوءِ تہ پير تي ڏونڪو لڳو ۽ سردار علي شاهہ ذڪر ۽ رجعت پسندن جون حڪمت عمليون ۽ تبديل ٿيون .تبديل ڇاٿيون, وٽن ڪو دليل ئي نہ هو ڪو جواز ئي نہ هو, جو ونيونٽ کي قائم رکي سگهجي ها .ان ڏس ۾ ڇام ساقيءَ جون خدمتون وسارڻ جوڳيون ئي ناهن.

خدمتون تہ پين گهڻن دوستن جون بہ آهن جن ۾ حميد سنڌيءَ جو نالو سرِ فهرست آهي .حميد سنڌي, نوشهرو فيروز جي زميدار ۽ ميمڻ سيٺين جي برادريءَ مان هوندي بہ نہ رڳو پاڻ کي دِي ڪلا سيفاءِ ڪيو پر سنڌ جي ڪاز لاءِ جي ڏاڍيون پيڙائون سٺيون . هن ڏاڍي نيڪ نيتيءَ سان جشن روح رهاڻ جا وڏي پيماني تي اهتمام ڪيا, ۽ شِخ اياز کي هيرو بنائڻ .حميد, شيخ اياز کي سنڌ جو آواز بنائڻ جي ڏس ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو, پر اها پي ڳالهہ آهي تہ شيخ اياز عزتون ۽ شهرتون ماڻڻ کانپوءِ وقت جي ظالم حڪمرانن جو ساٿ ڏنو ۽ مظلوم سنڌ جي پيٽ ۾ ڇرو وهائي ڪڍيو -پوءِ جڏهن اهي ساڳيا ظالم حڪمرا پاڻ مظلوم بڻجي پيا تہ شيخ اياز, مظلوم پٽي جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻي وڃي ڊڪٽيٽر بنياد پرست جنرل ضياءُ الحق جا پير پڪڙيا .شيخ اياز ماضيءَ ۾ سنڌ جي حوالي سان لکيل پنهنجي قومي ۽ انقلابي گيتن تان هٿ پڻ کڻي ڇڏيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ فڪري طور تي مولوي موسيٰ پٽو ۽ پين رجعت پسندن ۽ بنياد پرستن جي ٽولي ۾ ڳڻجڻ لڳو.

سنڌ جي لوڻ ۾ ڪو عجب خلل آهي جو, جن کي بہ مان سنمان ڏئيبلندي ن تي پهچايائين, تن مان ٿورن ساٿس وفا ڪئي هوندي.

روزاني ڪاروان جو مولوي خير محمد نظاماڻي, ۽ سائين جي, ايم سيد جي اخبار نئين سنڌ ۽ هيڪڙ پيکر کي هفتوار پرچا هئا, جيڪي اسانجي ۽ سنڌ جي پٺيرائي ۾ هئا – .نہ تہ گهڻو ٽٽو ڪم هٿ سان لکيل پسترن کي مينوئل ڊپليڪٽر تي ڪيڻ سان پيو هلندو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾, مرحوم طارق اشرف ۽ غلام بني مغل جيڪي نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ سنڌ جو درد رکندڙ فرد هئا, تن ڪتابي سلسلو شروع ڪيو, جيڪو اڳتي هلي, +ماهوار سهڻي -جي صورت ۾ انقلاب لاءِ دنگئي پٽر ثابت ٿو .شايد پيئي ڇٽا, حيدر آباد جي ميونسپالٽيءَ ۾ پٽاري وارن ڪان آنو آنو يا چار چار آنا, سرڪاري محصول طور اوڳاڙڻ واري ننڍڙي نوڪري بہ ڪندا هئا تہ انقلابي راهہ کي هموار ڪرڻ لاءِ سڄو وقت پيا جاڪويندا هئا .انهن ئي ڏينهن ۾ +اڳتي قدم -نالي هڪ پرچو حيد آباد مان پڌرو ٿيو, جنهن پين کي ڪٺي نہ بہ چرڪايو هجي, پر مونکي وڏو اتساهہ ڏنو .ان ڪتابي سلسلي جو سهيڙيندڙ هو .مدد علي سنڌي . مدد, جيڪو تحريڪ جي هر اول دستي ۾ اسان سان شامل ہ .اسانجو ڇاڳلو ۽ لاڏلو دوست هو .حرڪتي ۽ حرفتي ڪالهہ بہ هو ۽ اڄ بہ آهي, پر ذهني ۽ بردباري.

پرچو پڙهي, مونکي ساڻس ملڻ جو شوق جاڳيو ۽ مون ڪراچي کان سنڌو وڃي, حيدر آباد جي ڪوڪر پاڙي ۾ مغل ۽ طارق جون پڇائون ڪيون .جنهن ماڻهوءَ مونکي انهن پنهي جو ڏس ڏنو, اهو ڳيرو جو انڙو هو .قد جو پورو پنو )پر هاٺوڪي قد ڪان هر لحاظ کان گهٽ (اکين تي ٿلهو چشمو ۽ وار ڪراچيءَ جي هڪ اردو شاعر تيغ الله آباد جهڙا گهاٽا, چيڙهالا, گهنڊيدار ڪلهن تائين وريل هئا .بعد ۾ تيغ, مصطفيٰ زيدي ثابت ٿيو .جوش مليح آباديءَ جو ٻالڪو هو ۽ اڳتي هلي اردوءَ جو معتبرشاعر ۽ ڪامورو نڪتو . تيغ سڄو ڏينهن اسانجي دوستن مرحوم بدر قريش, ڪرارنوري ۽ پين مڪاني شاعرن سان گڏجي لائيٽ هائوس سئنيما جي پرواري ايراني هوٽل ۾ تنگ پاجامي مٿان يڪ رنگ پٽيهن بٽڻ واري شيرواني, پٽي جي پيڙين مان پيو سوٽا هڻندو هو .هنجي اکين ۾ ذهانت تہ هئي, پر مفلسيءَ ۽ تنگدستيءَ, انهيءَ تي ٻوڏار جا غلاف چاڙهي ڇڏيا ها .جڏهن ڊِي .سي سي ٿيو تہ جن ڪيس ڪڏهن ڇڪي بہ نہ ڪيو, سي سڀ هن جا مداح ۽ دوست بڻجي پيا ۽ ڇچ هزارين جي ناچوڪڙين جيان ڪلهن تائين لڙڪيل وار بہ ترتيب ۾ اچي ويا .مصطفيٰ زيدي جو پيءُ لختِ حسنين گڏيل هندستان ۾ پوليس انسپيڪٽر هو, جنهن ڪراچي جي خالق ڏنا هال ۾ مولانا محمد علي جوهر ۽ انجي پاءُ مولانا شوڪت علي )جيڪو انگريزن جو مخبر هو (تي اغلام بازيءَ جو ڪيس هلايو .مولانا جوهر, ڪلئي عدالت ۾ زينديءَ جي پيءُ, جي خلاف في البديهہ شعر چيو هو:

شهر صحرا پانيان

محمد ڪادشمن علي ڪا عُدو

ڪهان سي هُوالختِ حسنين تو!!

بعد ۾ مولانا انهيءَ ڪيس مان آزاد ٿيو.

++خير ته آهي؟ --هن سوال ڪيو، ++توهانجو نالو؟ --هن هڪ ساهيءَ ۾ ٻئو سوال ڪيو.

++ياءُ، مونکي مدد علي سنڌيءَ سان ملڻو آهي؟ --مون اتاولائي مان وراڻيو.

—!!.....++

ان دور ۾ اسين سڀ ڏاڍا خبردار هوندا هئا سين ۽ ڊڄ پيو ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته هر ڇوٿون ماڻهو، چغلخوريءَ لاءِ سندرو ٻڌيو بيٺو هوندو هو .ايتري قدر جو ونيونٽ جي حمايت ۾ ويسٽ پاڪستان جي حڪومت سنڌي نوجوانن لاءِ مضمونن جي ڇٽا پيٽي ڪرائي ته مرحوم عثمان علي ڏيپلائي جهڙي ماڻهوءَ ٽن سون رپين جي لاءِ، پنهنجي وڏي پٽ محمد علي جي نالي ۾ مضمون لکي، انعام کٽيو ۽ مرحوم کي جيستائين انفارميشن کاتي مان چيڪ نه مليو هو، گهڻو ٽئو وقت حليم جوش وٽ ويٺو هوندو هو .مون ڏٺو

اسين گهڻو ٽئو فرضِ نالن سان پيا هلندا هئا سين .آئون پاڻ کي +الهڏنو -پيو سڏائيندو هوس.

هڪ ڀيري جڏهن، اسانجي يار پرواني ڀٽي، ٽنڊو محمد خان ۾ يادگار مشاعرو ڪوٺايو ته هڪ سانوري ارڪاٽن وارو ڪراڪلي ٽوپيءَ سان همراهه، پڇائون ڪندي اچي مون تائين پهتو، ++ياءُ، تاج بلوچ تون آهين؟ --جواب ٻڌي همراهه مايوس ٿي ٻي پاسي هليو ويو .هڪ انتهائي خوبصورت انسان مرحوم مقبول صديقي ۽ ڊان جي عزيز شخ )جيڪو انهن ڏينهن ۾ عبرت اخبار ۾ ڪم ڪندو هو ۽ اسانجو مهربان دوست هو (جڏهن اهو مڪالمو ٻڌو ته وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي چوڻ لا، ++ابا، جمعدار الهڏنو آيو آهي—.ڳالهه پڌري ٿي پيئي ۽ پوءِ سرويچ سجاولي مونکي ٻکن ۾ سوگهو ڪري پيار ڏنا ۽ چيائين، ++جهڙو ٻڌوسين، اهڙو نڪتين—!!

چغلخوريءَ واري اهڙي تناظر جو احساس ڪندي، مدد علي پڪ ڪرڻ پئي چاهي ته ڪراچيءَ کان ڪهي، جيڪو نوجوان مونسان ملڻ آيو آهي، اهو ڪٿي؟

مدد جي ٻڌتر ڏسندي چيومانس، ++، آءٌ تاج بلوچ آهيان—.پوءِ مدد مونکي ياڪرن ۾ پريو ۽ اڳيان کان ايندڙ مرحوم نيازي همايونيءَ سان گڏجي وچي هوٽل ۾ ڪچهرا ڪيائين.

ان ڳالهه کي ڊگهو عرصو ٿي چڪو هو آهي .ماڻهن جون ترجيحات تبديل ٿيون .ميل ملاقاتن جا سلسلا منقطع ٿيا، هر ڪو پنهنجي پنهنجي نفسانفسي ۾ ونجي ويو، چڙ وچڙ ٿي ويو، چوڏي کان ڏار ٿي ويو .گهڻن ماڻهن انهيءَ تحريڪ مان وڏا فائدا ورتا . غريب، گرامي ۽ ابنِ حيات پنهور ٿيا .انقلاب پنهنجا ٻچا کائي ڇڏيا.

انهيءَ هلچل ڪانپوءِ ٿاڦوڙا کائي ڪن کي ڪنارو مليو ته ڪي ٽٽل تختي تي وچ سير ۾ اجا تائين پيا لوڏا لما کائيندا وتن!!

اسانجو يار مدد، جيڪو سکر گهراڻي جو فرد هو، اڄ اتي ناهي، جتي ڪيس پهچڻو هو .جذباتي آهي .ڪڏهن ڪڏهن غلط فيصلا ٻه ڪندو آهي .يارن کي ذليل ٻه ڪندو آهي ته پاڻ ٻه ڏٺو ٿيندو آهي، پر هنجي اندر جو اهو سچو سنڌ دوست، پنهنجين سمورين تخليقي صلاحيتن سا، وچي اخباري دنيا وسائي.

اسان ڀارن مان گهڻن ته اجا، ملان ڪاتيار، ٽڪڙ درٻيلو ۽ ساڌ ٻيلو ٻه سوليءَ تيت نه ڏٺو آهي، ڇاڪاڻ ته جنهن ماڻهوءَ ۽ عمر ڪوٽ جو ڪرايو ئي نه هوندو ته اهو ڪهڙا سفر ڪندو؟

خوشبختي آهي، مدد جي جو اخبار نويس جي حيثيت ۾، سرڪاري وفدن ۾ ڪيئي ملڪ گهمي آيو آهي ++ -شهر صحرا پانيان—سندس ڪجهه سال اڳ جو سفر نامو آهي.

گهڻا اڻ گهوڙيا ڪاٽ،پنهنجي اڇاٽائي، وائڙائپ، هلڪڙائپ، يا تخليقي صلاحيتن جي انهوند يا ذات جي حصار ۾ بند رهڻ جي ڪري چاڙُ اڳرايون ڏيئي، +مسافرنامه -پيش ڪندا رهيا آهن، جن ۾ هڪ بيوس بندي جو نالو سرِ فهرست آهي، جيڪو انديا جو سفر ڪري، گند جو ڍيو ساڻ کڻي آيو آهي، جنهن کي آڇيندي لڄ ٻه ٿئو مري -نه ٻولي، نه عبارت، نه مقصد نه Vision، رڳو ذاتي نمائش ۽ شخصي تعريف ۽ وڏائي .ڪيس خبر ٻه آهي ته، ++ايمٽا جو پيشاب تيل نه ٿيندو آهي.--

شهر صحرا پانيان

++شهر صحرا پانيا—مدد جي اهڙي لکڻي آهه جنهن ۾ عملي ساڃاهه ۽ سياسي بصيرت موجود آهي .قاهره ويندي، جڏهن هڪ خوبصورت، دلاويز ۽ اڪيلي همسفر ڇوڪريءَ جو قصو ٿو ٻڌائي ته طنز ۾ هنجي مزاج واري شوخي ۽ بي ساختگي سان گڏ ڇوڪريءَ جي تنهائيءَ جو درد به شامل آهي -ٻوليءَ جي جڙاءُ ۽ سيبتي لهجي، مدد جي لکڻي کي منفرد ڪري بيهاريو آهي .هن ڪنهن معمولي ۽ شوقين سياح نه، پر هڪ ڪمٽيندڙ اديب ۽ جانبدار صحافيءَ جو سفر نامو آهي.

سندس سياسي سرت ۾ پنهنجي ديس جي مهڪندڙ مٽيءَ جا هڳاءُ محسوس ٿين ٿا .دبئي نار تان اڏامندي، ڪيسن ڪيٽي بندر جي خوشبوءِ جا هڳاڙ محسوس ٿين ٿا، جيڪو گهٽين ڪارٽين، ماضيءَ جيان، سنڌ جو جديد بندر نه بڻجي سگهيو آهي .عربي سمنڊ جتان جتان گذري ٿو، ان کي انهيءَ ڌرتيءَ جو نالو ڏنو وڃي ٿو، پر جڏهن اهو ساڳيو سمنڊ، سنڌ مان گذري ٿو ته تاريخدارنن جي تعصب تي حيران ٿيندي سوچي ٿو، ++ڇو، ڇو .انکي سنڌي سمنڊ ڇو نه لکيو ويو؟--

قديم مصري پيپائرز مان هٿ لڳل جڏهن انهيءَ انگريزي نظم )اصل ضرور عربي ۾ هوندو (کي حوالي طور پيش ڪري ٿو، تڏهن هنجو شعري شعور پنهنجي پرپور جمال سان مٽي ايري اڇي ٿو، ان گيت جو ترجمو هيٺ ڏيان ٿو:

ڏس ته ڪيڏي نه من موهڻي آهي!!
آهي ڪو انهيءَ جو مَٽُ؟
نئين سال جي مهورت لاءِ
ڪيئن نه ستارن جي ديويءَ جيان نزول ئي ڪري!!
هوءَ ڏوئنرِي ۽ شفاف رنگت واري ڇوڪري.
هن جون اکيون ڪيڏيون اونهيون ۽ سهڻيون آهن
جڏهن ڳالهائي، سندس چپن مان ماکيءَ لار ٽپڪيو پوي.
هنجي سونهن جا ستعارا امحدود ڪٿي؟
هنجي زلفن جي سونهن ۾، سپ چمڪندڙ ڏاتو ڳُتيل آهن
هنجون ٻانهون نازڪ ۽ سونهري آهن.
هنجون آڱريون مخروطي
هلي ته ٻاري ڇُلڪي پولهه هنجي
هنجون سٿرون سونهن جي لهر آهن
ٺلي ته ڊيل جيان ٺلي
هن منهنجي دل ڇڪي ۽ کسي ورتي آهي
ڪاش، مان هنجو آئينو هجان
۽ هوءَ هر وقت مون ۾ پئي نهاري!!
۽ ڪيس ڇهڻيل هجان
ڪاش، مان اهو پاڻي هجان
جيڪو هنجي وجود کي....

مدد، هن سفرنامي ۾ ڪٿي ڪجهه نه لکي ها، پر هن ٽي هزار سال پراڻو مصري گيت ڪتاب ۾ شامل ڪري، سفرنامي جي علمي سونهن، اهميت ۽ افاديت کي وڌائي ڇڏيو آهي .مدد نه رڳو پاڻ کي، پر اسانکي به مصري اهرامن مان هٿ آيل اهڙي مڌر گيت جي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي.

ڪاڪا سِتِ ڪويءَ جو سينو
ڇيري ڦاڙي ٿئي نروار
ڇڻ تيز تکي تلوار

مدد، روماني شعري روايت جي پنيرائي ۾ جنهن گيت جو انگريزي Versionڏنو آهي، اهو نه رڳو سندس جماليات حِسِ کي ظاهر ڪري ٿو، پر انهيءَ مان پڙهندڙ کي جيڪا معروضي خوشِ حاصل ٿئي ٿي، اها ڇڻ Promise of Pleasureآهي، جيڪو هيگل

شهر صحرا پانيان

جي خيال مطابق، +هيئت جو مادي تي حاوي تي وچڻ ۽ ماروائي آدرش يا سيڪس کي هٿي ڏيندڙ آهي -.ڪاش، اناتول فرانس اهو نظم پڙهي ها تہ ڪيس ائين نہ چوڻو پوي ها، +اها سُڌُئي تتي پوي تہ، ڪا شيءِ سهڻي چو هوندي آهي؟-

مدد، گيت کي حوالي طور پيش ڪري، انهيءَ روماني پڏيمانيءَ جي بہ تصديق ڪئي آهي، جيڪا فنڪار جي تخليقي قوت جي نيپاج ڪري، ڪيس فن جي اعليٰ سطحن تي پهچائي ڇڏيندي آهي .هونءَ بہ نقادن جو خيال آهي، +روماني پڏيمانيءَ ۾ جنس ۽ آرٽ جو ماخذ ساڳيو ئي آهي، چاڪاڻ تہ خواهشون، +ڪرب -کي جنم ڏيئي، فنڪار کي حساس ۽ جذباتي بڻائي ڇڏينديون آهن ۽ پوءِ فنڪار لڳاتار آزار ۽ بي چينيءَ ۾ گرفتار رهندي پنهنجي تصورات کي المحدود ڪري ڇڏيندو آهي-.

ولڊيور انٽ صحيح چيو هو، ++جذبن جي شدت جو اٿاهہ وهڪرو ۽ اهڙي حيراني روماني فنڪار لاءِ هر ماڳ تي پُرڪشش هوندي آهي ۽ پوءِ اهڙائي ماڻهو، شاعري، فلسفي ۽ محبت جي پيهر جوڙجڪ ڪندا آهن -۽ هر عاشق مزاج، اهڙين ئي لڪئين مان لطف اندوز ٿيندو آهي—.

پيو تہ هر وچئين ۽ روماني دور ڪانپوءِ، جيڪو عهد ايندو آهي، اهو انقلاب جي نويد بڻجي ايندو آهي -اسانکي انهيءَ عهد جي ڪرشمہ ساز ڪردار جو اوسيئڙو آهي .انقلاب لاءِ سنڌ ۾ ايرا سيرا سندرا بڌجڻ جا اندا ڪاٽا امڪان ضرور پيدا ٿي پيا آهن، پر ان سان گڏو گڏ دلاليون بہ نيلامہ پيون ٿين .شل ڏٽي رحم ڪري.

ڪتاب جي ٻولي معياري، متن ۾ چڪ ۽ ڪشش آهي .هي ڪتاب اهڙي صحافي جي لکت آهي، جنهن جي اندر ۾ هڪ ساچاهہ وند شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ قومي ڪارڪنن ويٺو آهي.

--تاج بلوچ.
18جون 2003
سوجهرو آفيس
ڪراچي.
Email: taj baloch2000@ hotmail.com

## مهاڳ11-
## شهر آشوب ۾ وچايل شخص

شايد 1967 -68ع جو زمانو هو، سنڌ تي ون يونٽ جا ڪارا ڪڪر اچا ڇانيل هئا .پر -4مارچ واري واقعي ڇڻ هڪ تحريڪ کي جنم ڏنو هو .سنڌ جي نوجوان شاگردن ۾ سياسي شعور جاڳي چڪو هو ۽ اهي ون يونٽ جهڙي تحريڪ ۾ ڀرپور نموني سان اڳتي وڌي آيا هئا .انهن ڏينهن ۾ مون هڪڙو افسانو لکيو هو، ”ابرم اُهاءِ ٿيو“ جيڪو قومي رسالي روح رهاڻ ۾ شايع ٿيو هو .ان افساني جو موضوع قومي هلچل ۽ سنڌي نوجوانن ۾ پيدا ٿيل سجاڳي هو –پٺائي پريات آرٽ سرڪل طرفان ان افساني کي ڊرامي جي صورت ۾ پهرين مرزا قليچ بيگ جي ورسي تي اسٽيج تي پيش ڪيو ويو ۽ پوءِ ٽريڊ يونين طرفان حسن ناصر شهيد ڏي جي موقعي تي پيش ڪيو ويو .گهمندي ڦرندي پنڊال کان ٿورو پري ڪار ۾ ويٺل هڪ نوجوان ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪجي ويو .هڪ سهڻو نوجوان، جنهن جا وار غير معمولي طور وڌا هئا –سو، ڪار ۾ ويهي ڏاڍي ڌيان سان آخر تائين فنڪشن ڏسندو رهيو .مون کي الائي ڇو هن ۾ ايتري دلچسپي پيدا ٿي جو مون ڪن دوستن کان پڇيو، ڪنهن مون کي هن جو نالو ممتاز قريشِ ٻڌايو –پر هن بابت وڌيڪ خبر پئجي نہ سگهي.

ان کان پوءِ بہ هو مون کي ڪڏهن ڪار ۾ اتان لنگهندو نظر ايندو هو .ان مختصر نموني ڏسڻ جي باوجود مون کي هن جي شخصيت وڻندڙ لڳي هئي .هن جو ڳنڀير انداز، خاموشي، سوچيندڙ اکيون ڏسي ماڻهو هن کي نظر انداز نٿي ڪري سگهيو .هڪ ليکڪ جي خصلت سان مون کي هن جي شخصيت ايتري پر اسرار لڳي، جو مون چاهيو تہ آئون هن جي ويجهو وڃان ۽ هن کي ڄاڻي سگهان .مون کي معلوم ٿيو تہ ممتاز سنڌ يونيورسٽي مان هسٽريءَ ۾ ايم اي ڪئي هئي ۽ ايم اي ڪرڻ کان پوءِ اڪثر يونيورسٽي ويندو رهندو هو –شايد هن جي هسٽري ڊپارٽمينٽ سان گهڻي دل هئي -شهر جي سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ هن جي چڱي خاصي حيثيت هئي.

ٻن ٽن سالن تائين مون کي ڪنهن بہ اهڙو موقعو نہ مليو جو هن جي ويجهو وڃي سگهان 1969 .ڌاري مدد علي سنڌي اڳتي قدم رسالي جو پهريون پرچو شايع ڪيو تہ مدد سان دوستي ٿي .مدد علي سنڌي سان دوستي ٿيڻ کان پوءِ خبر پئي تہ ممتاز علي قريشي سندس وڏو ياءُ آهي، جيڪو سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌي ادب ۾ ڏاڍي دلچسپي رکندو آهي.

تڏهن مدد وارا، گاڏي کاتي ۾ اسٽيشن روڊ تي واقع هڪ وڏي ماڙيءَ ۾ رهندا هئا .پاسي واري گهٽيءَ ۾ مدد وارن جو هڪ ٻيو گهر هوندو هو .ان گهر جو شاندار ايئرڪنڊيشنڊ ڊرائنگ روم ۽ ان گهر جي سامهون مدد جو قائم ڪيل آشرم، سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ اديبن جو جهروڪر مرڪز هوندو هو .انهيءَ آشرم ۾ سنڌ جا اديب ۽ قومي ڪارڪن اچي رهندا هئا.

سال 1969ع ۾ سائين جي .ايم سيد، سنڌ متحده محاذ ٺاهيو تہ ان جو جهنڊو بہ حيدر آباد شهر ۾ فقط مدد وارن جي گهر تي لڳل هوندو هو .اهو سنڌ جو قومي جهنڊو، اجرڪ، ڳاڙهي ۽ سائي رنگ جي پٽين، مٿس لڳل سنڌ جي نقشي سان، مدد وارن جي اوچي ماڙي تي جڏهن هوا ۾ ڦڙڪندو هو تہ پريان پريان کان پيو نظر ايندو هو1970 .ع ۾ جڏهن سڄو حيدر آباد شهر پيپلز پارٽي، مسلم ليگ، جماعت اسلامي ۽ مولانا نوراني جي جهنڊن سان پريو پيو هوندو هو، تڏهن اهو اڪيلو سنڌ جو جهنڊو، سنڌ جي قومي ڪارڪنن لاءِ هڪ وڏي آٿت هوندو هو .مدد جي والدم جنهن کي سڄي سنڌ جا قومي ڪارڪن امان ڪري سڏيندا هئا، سيني جي لاءِ چپر ڇانوَ ۽ گورڪيءَ جي ماءُ واري ڪردار مثل هوندي هئي .مدد گهر هجي يا نہ هجي، آشرم ۾ رهندڙن کي نہ رڳو ماني ٽڪر پئي موڪليندي هئي، بلڪ روانگيءَ مهل هر ڪارڪن کي حسب ضرورت ڀاڙو بہ ڏيندي هئي .در اصل مدد جي والده ۽ سندس وڏو ياءُ ممتاز علي جو وجود سنڌ جي قومي ڪارڪنن لاءِ ڪنهن گهاٽي وڻ جي ڇانوَ وانگر هوندي هو.

ان زماني ۾ مدد وارن جي گهر ۾ آشرم تي مون سنڌ جا سياسي اڳواڻ بار بار ايندي ۽ انهن جون دعوتون ٿيندي ڏٺيون، ٽن ۾ سائين جي .ايم .سيد، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز، قاضي فيض محمد، شِخ عبدالمجيد سنڌي، مير علي احمد خان ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڪامريڊ پوهو، سائين غلام مصطفيٰ شاهہ، مزدور ڪسان پارٽيءَ جو اڳواڻ ميجر اسحاق، حفيظ قريشي –ان وقت جا شاگرد اڳواڻ يوسف ٽالپر، سيد حسين شاهہ بخاري، لالا قادر، اقبال ترين، سيد شاهہ محمد شاهہ،

يوسف جکراڻي، مير ٿيبو، اسماعيل وساڻ، عزيز پنگوار، سڪندر پنگوار، مولا بخش لغاري، امان الله شيخ، مولانا بخش چانديو، قمر راڄپر، حبيب الله ناريجو، ابوبڪر زرداري، علي حيدر شاهه شامل آهن.

تنهن کان سواءِ اديب ۽ شاعر علي بابا، غلام حسين رنگريز، عبدالفتاح عبد، مومن مليرائي، نبي بخش کوسو، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ابراهيم منشي، عبدالواحد آريسر، رشيد ڀٽي عبدالحق عالماڻي، امداد حسيني، ذوالفقار راشدي، عبدالڪريم پلي، ظفر حسن، طارق اشرف، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر ڪنيو گيانچنداڻي، علي انور هاليپوٽو، مراد علي مرزا، مولانا غلام محمد گرامي، ع ق شيخ ۽ ولي رام ولڀ سميت ڪيترائي اديب دوست آشرم جا مستقل مهمان هوندا هئا .اهو سڀ ڪم هڪ شخص جي همت افرائي ڪري ٿيندو هو -اهو هو ممتاز علي قريشي.

ڪو وقت هو، جو منهنجو پيو گهر ۽ مدد جو گهر هوندو هو .اڪثر ڪري مدد وارن جي گهر ويندو هوس .اتي سندس وڏي ڀاءُ ممتاز علي قريشي سان ۽ ملاقاتون پئي ٿينديون هيون .مون شروع کان وٺي ممتاز جي ڳنڀيرتا ۽ شخصيت جي پر اسراريت جو اثر ورتل هو، تنهن چاهڻ جي باوجود مون کي هن جي قريب ٿيڻ نه ڏنو .پر ڪنهن حد تائين مون کي موقعو مليو، جو هن کي ويجهڙائي کان ڏسي سگهيس.

سمنڊ جي سطح تي ماٺ چانيل هوندي آهي، پر ان جي گهرائي ۾ الائي ڪيترائي طوفان لڪل هوندا آهن .ممتاز علي قريشي به اهو ماڻهو خاموش ۽ گهرو سمنڊ هو، جنهن جو پري کان بيهي پتو لڳائڻ مشڪل هو .هو ٻاهر جيترو خاموش نظر ايندو هو، اوترو ئي گهرو ۾ زور زور سان ڳالهائيندو هو .مون ڪڏهن مدد کان پڇيو ڪو نه پر مون کي لڳو ته هو بيحد حساس ۽ جذباتي هو .شايد ان ڪري هن کي چڙ جلدي اچي ويندي هئي، ۽ پوءِ هو رڙيون ڪري ڳالهائيندو هو .پر ٿوري کان پوءِ اها ڳنڀيرتا ۽ اکين ۾ اداسي جا لڙيل پاڇا منهنجي ذهن ۾ ممتاز هڪ رومانوي ڪردار جو روپ وٺي چڪو هو -آئون چئي ٿو سگهان ته صحيح ڳالهه ڪهڙي آهي .اهو منهنجو خيال هو واقعي ائين هو ته ممتاز مون کي اداس اداس، هيڪل ۽ وياڪل لڳندو هو.

ممتاز عمر ۾ مون جيڏو هو .پر پنهنجي صلاحيتن ۽ محنت سان ايتري مختصر عرصي ۾ گهڻو اڳتي وڌي ويو هو .هو ان وقت جي هلندڙ سنڌ جي قومي تحريڪ جي وڏي دل سان مالي مدد ڪندو هو .اهو يقينن ڏکيو دور هو .ممتاز مالدار شخص هوندي قومي ساڃاهه ۽ ديس جو درد دل ۾ رکندو هو ۽ وقت جي حڪومت کان ڪڏهن به ڊنو نه هو.

ممتاز هڪ خود دار ماڻهو هو، هن اڪيلي سر جاکوڙ ڪري پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر وارن کي خوشحال بڻايو هو -اها ٻي ڳالهه آهي ته حساس ماڻهو پاڻ کي دنيا جي منافقين ۽ دوکيبازي سان شريڪ نه ٿي سگهندا آهن .ممتاز سان به ائين ٿيو -ممتاز اڃا نوجوان ئي هو ته ٿڪجي پيو .شايد هن حد کان وڌيڪ محنت ڪئي هئي .شايد هن ڏٺو ته سندس ڪارج پورو ٿي چڪو هو -دنياوي طور هن جيڪي ڪجهه چاهيو هو سو کيس ملي ويو هو -پر ڪا ازلي کوٽ هئي، جيڪا هن جي اکين مان جهلڪندي هئي، جيڪا ڪڏهن پرجي نه سگهي-

آخر وقت ۾ مون ممتاز کي ڪو نه ڏٺو 27)آڪٽوبر 1980ع (پر مون کي پڪ آهي ته هن جي چهري تي اهائي ڳنڀيرتا هوندي ۽ اکين ۾ چانيل اداسي جي جاءِ تي سڪون اچي والاري هوندي.

اڄ به ڪڏهن ڪڏهن حيدر آباد شهر جي اسٽيشن روڊ تان لنگهڻ ٿيندو آهي ته روڊ تي واقع اها زرد رنگ جي پراڻي عمارت ڏسي، مون کي پراڻو دور ياد اچي ويندو آهي، جتي ڪڏهن سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ اديبن جا ميلا لڳل هوندا هئا، جنهن ۾ سائين جي .ايم .سيد ٻه پيرا اچي رهيو هو، جنهن ۾ شيخ اياز هر سال دعوتون اچي ڪائيندو هو، جيڪو گهر ڪڏهن سنڌ جي ويرين کي ٻارڀرين ڪنڊي وانگر پيو محسوس ٿيندو هو .

هنڌ اهي ئي ماڳ، پر جت نه پسان جوءِ ۾!

ڳالهه ڪٿان جي ڪٿي وڃي پهتي، پر اها حقيقت آهي ته مدد جي شخصيت تي پنهنجي وڏي ڀاءُ جو پرتو پيل هو .اهو ئي شخص هو، جنهن جي بهادري سبب مدد ۽ سندس گهر وارن 1971ع کان وٺي 1977ع تائين حڪومتن جو ڏاڍ ۽ جبر ويهي برداشت ڪيو .اهو زمانو 1972ع کان 1973ع جو هو .جڏهن اسين ڪيفي جارج ۾ شام جو ويهي ڪچهري ڪندا هئا سين .ان وقت مدد علي، اڳتي قدم رسالو ظفر حسن شاهه جي پرفيڪٽ پردس، 747صدر حيدر آباد مان ڪيندو هو .ڊسمبر 1972ع ۾ مدد جي گرفتاري کان پوءِ، مون ماڻڪ ۽ عبدالخالق عالماڻيءَ اڳتي قدم جو سلسلو جاري رکيو هو 28 .اپريل 1973ع تي شهر صحرا پانيان

ڪنووڪيشن واري واقعي کان پوءِ مدد، سنڌ يونيورسٽي مان ريسٽيڪيٽ ٿيو ۽ انڊر گرائونڊ ٿي ويو .مئي 1973ع ۾ اسان کي مجبور ٿي اڳتي قدم رسالو بند ڪرڻو پيو. جو مدد جي گهر تي ڇاپو لڳو ۽ هو مٿس ڪيترائي ڪيس درج ڪيا ويا هئا .بعد جو سمورو وقت مدد جي گهر وارن تي عتاب نازل رهيو .يونيورسٽيءَ ۾ ڪو واقعو ٿئي، يا نعپ تي بندش لڳي، پوليس جو ڇاپو مدد وارن جي گهر تي ضرور لڳندو هو1975 .ع جو اهو زمانو به ياد اٿم، جڏهن ان وقت جي حڪومت هڪ وقت اڳتي قدم پبليڪيشن سميت 72ڪتابن تي بندش هنئي هئي .تڏهن به مدد جي گهر تي ڇاپو هڻي سندس 90سالن جي پوڙهي والد کي گرفتار ڪري سٽي لاڪ اپ حيدر آباد ۾ بند ڪيو ويو هو ۽ مدد جي والده ۽ سندس ڀڻ ڀائرن جي گرفتاريءَ لاءِ پوليس ڇاپا پئي هنيا.

شايد اهو واقعو هو، جنهن کان پوءِ مدد سياست کي ڇڏي وڃي 1980ع ۾ صحافت جا وڻ وسايا .اهو دور، خاص طرح هڪ ليکڪ هئڻ جي حوالي سان، مدد تي ڪيئن گذريو، ته ان جو احساس سندس لکيتن، خاص طرح ڪهاڻين مان پيو پوندو آهي.

**

مدد علي سنڌي افسانوي ادب ۾ پنهنجو مفرد اسلوب رکندڙ ڪهاڻيڪار آهي .هن جو اسلوب جهرڻن ۾ وهندڙ پاڻيءَ وانگر مُنڊر ۽ ستار تي وڄندڙ هڪ اهڙي ڌيمي سر وانگر آهي، جنهن ۾ لطف به آهي ته من کي اداس ڪري ڇڏيندڙ ڪيفيت به آهي .سندس اڪثر ڪهاڻين ۾ وڇوڙي جو درد جو ڇيندڙ احساس ڪوهيڙي وانگر ڇانيل هوندو آهي .لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ به وصال کان وڌيڪ وڇوڙي کي اهميت آهي .لطيف سائين محبوب کي ڳولڻ ته چاهي ٿو، پر نه ملڻ جي دعا پڻ گهري ٿو، ڇو ته من اندر جيڪا لوچ آهي، اها ملڻ سان ماٺي ٿي ويندي .اهڙو ئي هن جو هڪ بيت آهي:

آئون ڏورينءَ، شال مَ لهينءَ، پرين !هيئن پري،
هڏ نه ساهه سري، تن تسلي نه ٿئي.

يا

جيڪي فراقان، سو وصالان نه ٿئي،
اچي اوطاقان، مون کي پرين پري ڪيو.

مدد علي جي نثري نظمن واري ڪتاب ”پنر ملن “مان پڻ هڪ نثري نظم جون سٽون ياد ٿيون اچن:

تنهنجي ۽ منهنجي ملاقات آ،
ڪنهن وڇوڙي جي شرعات!

مون کي ياد ٿو اچي، ته مدد علي جي پهرين ڪهاڻي 1969۾ سهڻي رسالي ۾ ۽ ٻي ڪهاڻي سندس ئي رسالي اڳتي قدم ۾ 1970ع ڌاري شايع ٿي، سندس ٻي ڪهاڻي ”پڪا پکن سا منهڙا، اوري اچي اڏ ““ان وقت نه رڳو سنڌ، بلڪ هند ۾ به ڏاڍي مشهوري ماڻي، ان ڪهاڻي هنديءَ ۾ ترجمو پڻ ساڳئي سال مشهور هندي رسالي ”ساريڪا “۾ شايع ٿيو .سندس ٽين ڪهاڻي، 1978ع ۾ سهڻي ۾ شايع ٿي، جنهن سان هن جديد ڪهاڻي ڏانهن موڙ ڪاڏي.

مدد جون ڪهاڻيون، خاص طرح شعور جي وهڪري ( Stream of consciousness)۾ لکيل، زمان ۽ مڪان جي وهڪري کان مٿانهون هونديون آهن .سندس نثري شاعري، جيڪا 1981ع ۾ ”پنر ملن “جي نالي سان ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿي، ورهاڱي کان پوءِ نثري نظم جو پهريون ڪتاب هو .اصل ۾ مون وانگر مدد کي پنهنجا ڪتاب شايع ڪرائڻ جي هابي ڪونهي .ان ڪري سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ”ادل اندر دريا “۽ پنرل ملن 32سالن کان آئوٽ آف اسٽاڪ آهن ۽ سندس لکيل شاندار ناوليٽ ”هو جي مئا ماگ ۾ 15 “ورهين کان مختلف رسالن ۾ قسطن جي شڪل ۾ ڇپائيءَ جو انتظار پيو ڪري.

مدد جو هي سفرنامو شهر صحرا پانيان مصر جي هڪ رات جي ڳالهه آهي .هن سفر نامي تي هن جي ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جو پرتو پيل آهي .سندس ڪهاڻين وانگر هن سفر نامي ”شهر صحرا پانيان “جي پڇاڙيءَ به وڇوڙي تي ٿئي ٿي، بلڪ ڪلوپيٽرا سان ملاقات ئي وڇوڙي جي شروعات آهي .هن سفر نامو ليکڪ ۽ ڪلوپيٽرا جي پيار جي ڪهاڻي ڪانهي .ليکڪ جي پنهنجي

وچايل دنيا آهي .پنهنجا ڏک آهن ۽ پنهنجون محروميون آهن .ڪلوپيٽرا جيڪا هڪ وڏي گهراڻي جي سڪي چوڪري آهي، ان لاءِ هر سک ۾ اندر جو سک سمايل ڪونهي .هن جا پنهنجا مسئلا آهن، پنهنجو درد آهي ۽ حياتيءَ جو ويراڳ آهي، جنهن ڪي پوڻ لاءِ هوءَ آمريڪا پئي ويئي.

ليکڪ ۽ ڪلوپيٽرا جي سفر جي دروان ڪجهه گهڙين جي اتفاقي ملاقات هئي، پر مدد جي لفظن ۾ ”ڪڏهن گذاريل گهڙيون، نٿهڻ اس جيان ماڻهوءَ کي پيون ساڙينديون آهن“.

ليکڪ ۽ ڪلوپيٽرا ٻه بيچين روح آهن، جيڪي گهڙي کن لاءِ مليا ئي هئا وري هميشه لاءِ وچڙي وڃڻ کان .ڪلوپيٽرا هن جي ڪائي وچايل محبوبه به ڪا نه هئي، جنهن جي وڃڻ تي هو ويهي هنجون هاري ها .اهو هڪ چند گهڙين جو ساٿ هو، گونگو ۽ پوڙو !پر چند گهڙين جو ساٿ ۽ پوءِ دائمي وڇوڙي جو مدد جي مخصوص اسٽائل ۾ بيان پڙهندڙ پاڻ مدد جي جاءِ تي هجي.

هڪ تخليقڪار جي سفر نامي جي اهائي خوبي آهي ته ان ۾ رڳو فوٽو گرافيڪل بيان ڪو نه هوندو آهي ۽ ان جي ۾ ڪنهن ملڪ، شهر يا تاريخي جاءِ تي ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ پاران ڇپايل بروشر مان هٿ ڪيل معلومات ۽ انگ اکر هوندا آهن .بلڪه سفر جي دوران ليکڪ جا جيڪي احساس هوندا آهن، انهن جي تخليقي انداز ۾ اپٽار ئي ڪنهن سفر نامي کي ادب ۾ جوڳي جاءِ ڏياري ٿي.

مصر يا قاهره جي نالي سان گڏ هڪ دهڪدڙ پرئمڊ يا اهرام مصر ذهن ۾ اچن ٿا .مدد کي پرئمڊ ڏسڻ جو موقعو محسوس ڪندا.

مدد علي سنڌي بنيادي طور سفر نامن جو ليکڪ ڪونهي، ”شهر صحرا پانيان “عام سفر نامن کان بنهه مختلف هڪ ادبي سفر نامو آهي.

**شوڪت حسين شورو.**
ڊائريڪٽر سنڌ لاجي، ڄامشورو.
22فيبروري 2003

# هورث جي ديس ۾

11آگسٽ 2000

ايجپٽ ايئر جي جهاز مان.

صاحب من- پهريون سوچيو هوم ته قاهره پهچي اتئون سفر جو احوال لکندس .پر ايئروپلين ۾ چڙهڻ کان پهريون ڊپريشن، وڻ ويڙهيءَ وانگر وکوڙي ويئي .الائي ڇو مون کي سفر کان سخت ڊپريشن ۽ هڪ عجيب ورهين جو تڪ محسوس ٿيندو آهي .هر پيري جڏهن سفر تي نڪرندو آهيان، سخت ٽينشن ۾ هوندو آهيان .اهو سلسلو مون سان گهٽي وقت کان هلندڙ آهي .مان هن ڇمار ۾ دنيا جا ڏهه، ٻارنهن ملڪ گهمڻ جي باوجود سفر کان سخت ڪيٻائيندو آهيان.

سو ڳالهه پئي هلي، سفر جي .ڪراچي ايئرپورٽ تان، ايجپٽ ايئرلائين جي جهاز ۾ ساڍي ٻارهين وڳي منجهند جو اچي چڙهيا سين . ڪل 25ڪن مسافر ان ۾ سوار، باقي جهاز سڄو خالي .مون سان هن سفر ۾ دوست قمر راڄپر ۽ ”ڪاوش “اخبار جو اسلام آباد وارو عيوضي اعجاز مهر ٻه گڏ آهن .مصري ايئرلائين جو پلين نئون، صاف ۽ سٿرو، عملي جا ماڻهو ٻه ڏاڍا فضليت پريا .اصل هر هر پيا سافٽ ڊرينڪس ۽ جوسز آڻو آٽي رکن .البت هاٽ ڊرنڪس ندارد؟ پڇڻ تي ٻڌايائون، ”اجپٽ ايئرلائين ۾ لڪر سرو ڪرڻ تي جهل آهي“.

هوائي سفر ۾ بيئر ۽ وهسڪي تي هريل مسافر اوٻاسيون، ڏيئي بار بار پيا مصري جوس واپرائين.

دل ڪو پلاني ڪي لئي غالب يہ خيال اچها هي !

هي جهاز دبئي مان ٿيندو هلي قاهره پهچندو، اتان سياڻي اسان لنڊن وڃڻ لاءِ مصري ايئرلائين جي ٻئي جهاز ۾ سوار ٿيندا سون . مون کي پهريون ٻڌايو ويو ته هو قاهره ۾ چند ڪلاڪن جي اسٽي آهي .پر هت ته ڳالهه ئي ٻي هئي .لڳي ٿو رات قاهره ۾ رهڻ ڪا نصيب ۾ لکيل هئي.

بهر حال سفر ڏکيو، پنڌ پري ۽ منزل ڏور .ان مان ٻه سري دري جي ويجهو ٿي، جهاز جي اندرئين وايو منڊل کي لڱس جاچڻ .جهاز ۾ ويٺل مسافرن مان اڪثريت پاڪستانين جي آهي .منهنجي ساڄي پاسي قمر راڄپر ۽ اعجاز مهر، ان جي پرسان هڪ گجراتي ڪٽنب، تنهن کان اڳتي ٻه زال ۽ مڙس .منهنجي اڳيان وري هڪ اڪيلي ڇوڪري، تنهن جي اڳيان ماءُ ۽ ڌيئر، ٻه جهونا زال مڙس ۽ چار پنج جوڙا، ٻيا سڀ ڇڙا ڇانڊ .اسان وانگر .سڄهي جهاز ۾ ڇڙو تي اڪيليون عورتون، باقي ٻيون سڀ پنهجن مڙسن سان گڏ .اڪيليون هئڻ جي ڪري جهڙوڪ ڪيترن ئي مسافرن جون اکيون تنهي ۾ ڪُتل -خاص طرح منهنجي اڳيان ويٺل اڪيلي ڇوڪريءَ ڏي هر ڪو پيو نهاري.

اها ڇوڪري ڪراچي مان جهاز ۾ چڙهي ته سيني جي اکين ۾ اچي ويئي .واقعي هوءَ آهي ٻه ڏسڻ جهڙي -قد جي ڊگهي، هڪڙيءَ ٻانهن ۾ امام ضامن ٻڌل ۽ ٻيءَ ۾ سونو ڪنگڻ -.جاڙا پرون، نيڻ اَهو چشم، طبيعت ۾ بي انتها چلولائي، خوبصرت نرم ۽ نازڪ پيرن ۾ اٺلين وڏي ڪڙي وارو سينڊل .وار ڊگها، جن کي هر هر پنهنجي سهڻن هٿن سان ٿي پوئتي ڪري .جنهن مهل پنهنجي وارن کي پئي هٿ لائي ته مان سندس مخروطي ڊگهين آڱرين کي تو ڏسڻ لڳا .الله سائينءَ ٻه ڪو خاص فرصت جي ويل ويهي گهڙيو اٿس .مون دل ئي دل ۾ سندس نالو رکيو آهي ڪلوپيٽرا .چاڪاڻ ته ڪلوپيٽرا جي پرواري سيٽ خالي آهي .ان ڪري هر مسافر جي اها چاهنا ته سندس پرواري سيٽ تي هو ويٺل هجي ها، جيڪي زالن وارا آهن، سي ٻه ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان پيا ڪيس تڪين:!

جو ڪيئڙا جادو ڪري مون وٽان مَ وهو.

ڪراچي کان دبئي ڏيڊ ڪلاڪ جي اڏام .وقت ائين گذري ويو جو خبر ئي ڪا نه پئي .اسان اجا ايجپٽ ايئرلائين جي مخزن ”هورث “پئي پڙهي ته جهاز اچي دبئي ٽڪاءُ ڪيو .دبئي ۾ هڪ اڌ مسافر لٿو پر اسان کي لهڻ نه ڏنائون .دوست اعجاز مهر ڏاڍي ڪوشش ڪئي .پنهنجي ڪارڊ تي ٻه ٽي اکر پائليٽ ڏي لکي اماڻيائين .پر مصر ايئر هوسٽس ڪارڊ ڪٿي گم ٿي، سا ظاهر ان وقت تي جڏهن جهاز قاهره لاءِ پئي اُڏاڻو .اسين ٻه چنبڙي ڪري ويهي رهيا سين .باقي جهاز سڄو مسافرن سان پرجي ويو .دبئي مان

چڙهيل مصرين، جهاز ۾ اصل هولچو مچائي ڏنو .مصرين جا پرڪار ٻه ٻنهه ڪي اسان سنڌين جهڙا .پهريون ته هڪ ٻئي ڪي وٺي ڏاڍا ڀاڪر پاتائون .چميون ڏيئي هڪ ٻئي سان ائين مليا، جهڙوڪ ورهين کان وڇڙيل هجن .پوءِ وڏي واڪي ڳالهائڻ سان گڏوگڏ شروع ٿي ويا پاڪستاني عورتن کي پنهنجي تيز نظرن سان تپاسڻ.

اسان جون همسفر پاڪستاني عورتون، جن سان پنهنجا مڙسالا گڏ آهن، سي مصرين جي ابوالهال جهڙين تيز ۽ تکين نهارن جا تاب نه سهندي پنهنجن مڙسن جي پاسن ۾ سُسي ويهي رهيون .هوءَ اڏورڻ عورت، جنهن سان سندس نينگر گڏ آهي، تنهن به ڏيٽس کي ڪڪڙ وانگر لڪائي، ڪٽي مخزن منهن آڏو رکي .ها اسان جي آڏو ويٺل مهه القا عرف ڪلوپيٽرا جيڪا هيستائين اڪيلي سيٽ تي ويٺي هئي، تنهن جي پر ۾ اچي هڪ مصري ويٺو هو .اچا ڪجهه گهڙيون مس گذريون، جو ڪلوپيٽرا هن مصري سان اهڙي رلي ملي ويئي، چڻ ڪا سندس پراڻي واقف ڪار هجي .اڏورڻ مصري پڻ ڪلوپيٽرا جي حسن کان هيسل ۽ هراسيل . ڪلوپيٽرا جنهن مهل ٿي مُرڪي ڪيس ڏسي ته هن پائو جون سموريون وايون ٻتال ٿيون وڃن.

زندگي مسئلا هزار مگر، مُرڪ تنهنجي سين جو حل آهي....

مون دريءَ مان ٻاهر نهاريو :ان مهل جهاز دبئيءَ واري نار تان اُڏامي رهيو هو .هيٺ سمنڊ جو نيرو پاڻي ڏسندي، مون کي ڪيٽي بندر ياد اچي ويو .دبئي به ڪڏهن ڪيٽي بندر جهڙو هوندو هو .اهائي عربي سمنڊ جي چاڙ ان جي پسگرادي ۾ سؤ کن گهر، سندن زندگيءَ جو گذران مڇي مارڻ .پوءِ وقت بدليو ته دبئي مان چا مان چا ٿي ويو .ڪيٽي بندر تي به جيڪڏهن بندرگاهه ٺهي ته هوند اهو به دبئي کي اڳتي هلي مات ڏيئي ڇڏي .بهر حال اچ خليج فارس، يعني عربي سمنڊ جي نار وارين رياستن جي پل پلان جو ڇيهه آهي .اصل ۾ هي عربي سمنڊ به ڏاڍو عجيب آهي .جيڪڏهن لنگهي ٿو، ايران وٽان، ته سڏجي ٿو خليج فارس، جي گذري ٿو بنگال وٽان خليج بنگال، لنگهي ٿو هندستان وٽان ته بحر هند، گذري ٿو عدن وٽان، ته خليج عدن -پر سنڌ وٽان لنگهندي خبر ناهي تاريخ نويسن ان کي سنڌي سمنڊ ڪري ڇو نه سڏيو آهي؟

قصو ڪو تاهه -عربي سمنڊ مان نڪتل نار جي ساڄي پاسي آهي ايران، کاٻي پاسي عرب امارات، اومان ۽ سعودي عرب .اهو نار وري عراق وٽ بند ٿيو وڃي.

خليج فارس کان وري ٻاهر نڪري عربي سمنڊ ۾ اچبو ته اهو يمن وٽ، نار جي صورت ۾ وهي ٿو .ڏکڻ يمن جي بندرگاهه عدن، ان نار جي ٻنهه مهڙ تي واقع آهي، ان نار جو پاڻي وهي وڃي ٿو ريڊسي يعني ڳاڙهي سمنڊ جي شڪل اختيار ڪري .عدن جي سامهون آهي آفريڪا کنڊ جو ملڪ ايٿوپيا -جنهن کي ڪڏهن حبش جو ملڪ ڪري سڏيندا هئا .ڳاڙهي سمنڊ جي هڪ طرف آهي سعودي عرب ته کاٻي پاسي اٿس ايٿوپيا، سوڊان ۽ مصر .اڳتي هلي ڳاڙهو سمنڊ مصر وٽ بند ٿيو وڃي .ان کي وري بجيره روم يعني ميڊيٽرن سِي )يونوچ سمنڊ (سان ڳنڍيو ويٺي آهي سوئيز ڪئنال .يورپ انهي سوئيز ڪينال وسيلي ايشيا سان جڙيو پيو آهي.

خبر ناهي ته ڪيڏيءَ مهل سمنڊ جهاڳيندي، جهاز اچي سعودي عرب جي ريگستان مٿان اڏامڻ لڳو .جهاز ۾ خاموشي ڇانيل هئي .مان وقت گذارڻ لاءِ هورٽ مخزن پڙهڻ لڳس .ايجپٽ ايئرلائينز جي انگريزي ۽ عربيءَ ۾ ڇپيل مخزن هورٽ ( HORUS)مون کي ڏاڍي وڻي .عربي رسم الخط به ساڳي سنڌيءَ جهڙي، ان ڪري نه سمجهه ۾ ايندي به ڏاڍي سهٽي پئي پاسي .پهريون ته مخزن هورٽ کي ڏسي، مون سمجهيو ته اهو نالو حارث آهي، پر پوءِ ياد آيو هورٽ اصل ۾ قديم مصر جو هڪ ديوتا هوندو هو، مصري ماڻهو هورٽ جي پوڄا ڪندا هئا .شروعاتي زماني ۾ مصر ۾ هر شهر جو ديوتا پنهنجو هوندو هو .انهن مان اڪثر ديوتائن جي شڪل جانورن جهڙي هوندي هئي .هورٽ به باز جهڙي شڪل جهڙو -مصري ڪيس آسمان جو ديوتا سمجهندا هئا .بعد ۾ ڪيس سورج ديوتا سڏڻ لڳا .مصر جو هڪ ديوتا هوندو هو، مصري ماڻهو هورٽ جي ٻن اکين مان هڪ سج ۽ ٻي چنڊ آهي .مصري ديو مالا موجب سندس کٻي اک هڪ ويڙهه ۾ زخمي ٿي پئي، جنهن جي ڪري چنڊ جا روشن ۽ اونداها مرحلا ظئه ٿا ٿين .يعني ڏينهن ۽ رات ٿئي ٿو .انهيءَ هورٽ جي تصوير ان دور جي نقاشن مندرن جي ڀتين تي ٺاهي ڇڏي .هزارين ورهين گذرڻ کانپوءِ به اهي سموريون تصويرون قاهره کان پرڀرو هڪ مندر جي ڀتين تي اڪريل آهن.

هورٽ مخزن ۾ هڪ هنڌ هورٽ جو فوٽو پڻ شايع ٿيل هو مخزن ۾ ڪيترائي معلوماتي مضمون انگريزي ۽ عربي ۾ ڇپيل هئا.

شهر صحرا ڀانيان

انگريزي حصي ۾ ڇپيل قديم مصر جا ٻه پراڻا گيت مون کي ڏاڍا وڻيا. انهن گيتن جو عنوان هو” :قديم مصر جا محبتي نظم “.اهي گيت، اهرامن مان هٿ آيا، جيڪي اٽڪل ٽي هزار ورهيه پراڻن پيپائرز تي لکيل هئا .در اصل پيپائرز ڪاغذ جي هڪ قديم شڪل هئي .مون اهي لندن جي برٽش ميوزيم ۾ پڻ رکيل ڏٺا ) .پيپائرز PAPYRUS نالي هڪ ٻوٽو قديم مصر ۾ نيل ندي جي ڪناري ٿيندو هو .ڏاها مصري ان جي چوڏن تي ويهي لکندا هئا .تڏهن اجا ڪاغذ ايجاد ڪو نه ٿيو هو .بعد ۾ چينين ڪاغذ ايجاد ڪيو .ان جو نالو هنن پيپائرز جي نسبت سان پيپرن رکيو).

قديم پيپائرز تي لکيل ٽي هزار ورهيه قديم گيت پڙهڻ سان، اصل دل ۾ ڪنهن تير وانگر کُپي ويا!

She is girl; there is no one like her.
She is more beautiful than any other.
Look, she is like a star goddess arising.
At the beginning of a happy new year;
Brilliantly white, bright skinned,
With sweet lips for speaking,
She has not one phrase too many.
With a long neck and white breast,
Her hair of genuine lapis lazuli;
Her arm more brilliant than fold;
Her fingers like lotus flowers,
With heavy buttocks and girl waist.
Her thighs offer her beauty,
With a brisk step she treads on ground.
She has captured my heart in her embrace.
to look at her.
One looks at her passing by,
This one, the unique one.
I wish, U were your mirror
So that you always looked at me.
I wish,  I were you garment
So that you would always wear me.
I wish, I were the water that washes you body.

هنن گيتن کي لکئي ٽي هزار ورهيه گذري ويا .جنهن لکيا، اهو زمانو جي هزارين ورهيه پراڻي دز جو حصو بنجي ويو .جن سهڻين اکين جي شاعري واکاڻ ڪئي، اهي مٽيءَ منجهه ملي ويون .پر اهي جذبا، هزارين ورهين گذرڻ ڪانپوءِ به محبت جي شڪل ۾ زندهه آهن . انسان هن ڌرتي تي موجود آهن، سچ، حسن ۽ صداقت ڪڏهن به ناهي مرڻو.

مخزن پڙهندي پڙهندي مون کي ننڊ جو جهوٽو وڪوڙي ويو .اوچتو اک کلي .دريءَ مان ٻاهر ڏٺم، اسان واري جهاز ان مهل ريگستان کي پئي جهاڳيو .جهاز جي اندر لڳل ٽي وي اسڪرين ڏانهن نهاريم، جهاز اجا سعودي عرب جي ريگستان مٿان پئي اڏاٽو . صحراءِ عرب جي اڏي وسعت ڏسي اچرج وڪوڙي ويئي .هيٺ ريگستان، مٿي آسمان ۽ وچ ۾ جهاز-ٻيو ٿيو مڙيئي .خدا ڏي پناهه . ڪٿي به ڪا آبادي، ڪوئي وڻ ٽڻ، پکي پکڻ ندا رد .مسلسل ريگستان کي ڏسندي، الائي ڇو اچي مون کي اڄ ورايو .يڪدم ايئرهوسٽس کي سڏ ڪيم، مائي ويچاري وئي .ڪن پل ۾ مصري شربت جو جمن پري، برف سميت آٽي منهنجي آڏو رکيائين .گلاس سچو پي ويس .خبر ناهي ماٺهو اڳ، هن صحراءِ ۾ ڪيئن سفر ڪندا هئا؟ ۽ سو به اُٺن تي .آخرڪار انسان ئي آهي، جنهن پنهنجي اَڏ جڳاد ڪان جاري ذهني سفر وسيلي، اُٺ ڪان آٽي هوائي جهازن تي ٻهاريو آهي .اڳتئون جو به الله مالڪ آهي .هٽي وڃي هنڌ ڪندو.

سو، ذڪر پئي ٿيو صحرا جو .جهاز اسان سعودي ريگستان ٽپي ڳاڙهي سمند جي ڇاڙ اُڪري، وري اچي مصر جي ريگستان مٿان اُڏاٽو .ان مهل ياد آيو، شايد خدا نه ڀلائي ته سال 1967 ع ڌاري پي .آئي .اي جي قاهره ڏي ويندڙ پهرين افتتاحي فلائيٽ جو جهاز هن شهر صحرا پانيان

ريگستان ۾ ڪري تباهہ ٿي ويو هو .فلائيٽ جا سوين مسافر مري ويا هئا .بهر حال ڏٺيءَ خير ڪيو جو اسان وارو جهاز اهو ريگستان ٽپي اچي، هڪ سمنڊ مٿان اُڏاڻو .يڪدم سامهون جهاز ۾ اندر لڳل ٽي وي اسڪرين تي ڏٺم اسان سوئيز ڪينال کي پئي پار ڪيو .هيٺ سوئيز ڪينال ۾ ڊگهي، سوئيز ڪينال، فرينچ انجنيئر موسيو فريڊنڊ .ڊي .اليسپ جو ڪارنامو 25 .اپريل 1859ع تي نهر جي کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو، جيڪو سال 1869ع ۾ مڪمل ٿيو. سوئيز شهر وٽ جتي ڳاڙهو سمنڊ ختم ٿو ٿئي، اتان ڪينال شروع ٿي اتر ۾ پورٽ سعيد وٽ ميڊيٽرين سمنڊ کي پاڻ ۾ ٿي ڳنڍي.(

سوئيز ڪينال کي ڏسندي دل گهريو تہ جيڪو مصر پاٽي جي جهاز ۾ اچجي ها .اوچتو ياد آيو .بابو مرحوم بہ سال 1920ع ۾ ڪراچي کان ”پنيشولر اينڊ اورينٽل نيويگيشن ڪمپنيءَ “جي پاٽي واري جهاز ۾ ايران، عدن ۽ مصر ويو هو، سندس ان دور جي هڪ يادگار تصوير اسان جي ڪراچي گارڊن ايسٽ واري گهر ۾ لڳل هوندي هئي .تصوير ۾ جهاز جي ڊيڪ تي بابو مرحوم، هڪ عورت جو هٿ هٿ ۾ جهليو بيٺو آهي .ساڙهي پهريل ان سانوري عورت ۽ بابي مرحوم جو ڪوٽ، پينٽ ۽ اکين تي نظر جي سنهري نازڪ ڪمانين عينڪ واريون شڪليون اجا تائين نہ وسريون اٿم .امان مرحيات ٻڌائيندي هئي، اها پٺهين جي ساهيڙي هئي، جنهن کي هو پهريون ايران ۽ پوءِ مصر وٺي ويو هو .دراصل اها مائي، جيڪا اصل ايراڻ هئي، ڪراچي جي سول اسپتال ۾ نرس هوني هئي .بابا مرحوم ڪراچي ۾ سال 1912کان 1974ع تائين 62ورهيہ رهيو .امان سان بابي ٽين شادي سال 1945ع ۾ ڪئي هئي.

زمانو هر شي کي ٿو ڦيرڪائي وجي .اڄ سال 2000آهي .۽ مان سال 1920ع کي پيو ياد ڪريان .يعني مُني صديءَ کان اڳ جي زماني کي –اسي ورهين کان پوءِ قسمت سانگي مان ساڳئي ملڪ ڏانهن پئي ويس.!

دڪلائين جا ڪي تجهي مصر ڪا بازار
خواهان نهي، ليڪن يہ ڪسي جنس گران ڪا

**

# قاهره جا نظارا ۽ رونقون

12آگسٽ 2000
هوٽل مو ان پڪ، هيليو پوليس ،
قاهره ،

صاحب من، -ڪجھ گھڙين جي تاخير لاءِ معافي، اسان وارو جهاز ادائي ڪلاڪ اندر اچي قاهره پهتو .ان مهل شام جا پنج پئي ٿيا .اسان جي وقت ۽ مصر ٽائيم ۾ ٽن ڪلاڪن جو فرق آهي .يعني هتان جو وقت اسان کان ٽي ڪلاڪ پٺتي آهي، سج اجا صحراءِ مصر ۾ ٻُڏي نہ هنئي هئي، جو اسان جي جهاز سوئيز ڪي پار ڪيو .تنهن ڪانپوءِ ريگستان شروٽ ٿي ويو .ريگستان ٽپيا سين تہ پريان کان هڪُ ڇهچ ۽ سائي ڌرتي ڏسڻ ۾ آئي .هڪ پاسي ريگستان بيابان برپٽ تہ ٻئي پاسي ساوڪ جو اهڙو ميلاپ ورلي ڏٺو هوندم .ڇڻ اکين کي ساؤ اچي ويو .ريگستان ۽ نخلستان جو امتزاج اسان جي آڏو هو .مقصد تہ جتان جتان نيل لنگھي ٿي، اهو ٿيو سائو ستابو مصر ۽ جتان نيل نٿي لنگھي سو ٿيو ريگستان .عجب جهڙي ڳالھ آهي .مصر جي 99سيڪڙو ماڻهو بہ آباد آهن نيل نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي.

جيئن ريگستان ٽپي ساوڪ واري علائقي آيا سين تہ آبادي شروع ٿي ويئي .ڪجھ گھڙين ۾ جهاز اچي قاهره مٿان اُڏاڻو .هيٺ وڏيون وڏيون عمارتون سج جي روشنيءَ ۾ چٽيون پئي نظر آيون .جديد قاهره اسان جي آڏو هئي .جهاز قاهره مٿان ٻہ ٽي چڪر هنيا . هيٺ ميرانجهڙي رنگ وارو درياءُ وهندي نظر آيو .اها نيل ندي هئي، جيڪا شهر جي وچون وچ وهي ٿي.

ايتري ۾ جهاز اچي قاهره ايئرپورٽ جي رن وي تي لٿو .جهاز مان هيٺ لٿا سين .ٻاهر اسان جي مٿان مصر جي آسمان تي اجا سج بيٺل هو، چوطرف هوا ۾ هڪ عجيب ۽ اڻچاتل هُڳاءُ شامل هو .اسان سان گڏ جيڪي ٻيا مصري مسافر هئا، اهي سامهون ڏٻارچر لائونج ۾ هليا ويا .اسان کي وٺي آيا ٽرانزٽ لائونچ ۾.

منهنجي آڏو ويٺل ڪلوپيٽرا، جنهن سچي وات، مصري مسافر سان ويٺي ڳالهايو، تنهن بہ رن وي تي لهندي ڪانئس ڪلي موڪلايو .مصري جهڙي مٿس چريو، جيڪر وس پڄيس تہ ڪلوپيٽرا سان ياڪر پائي، عربي ڍنگ جي موڪلاڻي ڪري ها .پر خبر ناهي ڪهڙو حياءُ اچي ويس .ڪلوپيٽرا بہ ڪيس چڱو بيوقوف بنايو .ڪانئس ٽيلفون نمبر ورتائين ۽باءِ باءِ ڪندي، اسان سان گڏ اچي ٽرانزٽ لائونج پهتي.

لائونج ۾ سمورن پاڪستاني جهڙوڪ هڪ ڪٽنب جي شڪل اختيار ڪري ورتي .ڀلا ائين ڪن بہ ڇو نہ؟ ڇاڪاڻ تہ لنڊن ويندڙ ٽرانزٽ مسافرن کي لائونج ۾ ڦهريون تہ جنگي قدين وانگر وڃي واڙيائون .پوءِ سڀني مسافرن جا ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ مصري اميگريشن وارن ڪٺي پاڻ وٽ رکيا، ۽ هڪڙو عملدار وينو هٿ سان انهن پاسپورٽن ۽ ٽڪيٽ ڪٺي غائب ٿي ويو .هاڻي خبر ئي نہ پوي تہ ايئرپورٽ تي ڪيترو وقت ويهارينندا .سڀ مسافر پريشان ٿي ويا .اسان جي آڏو، جيڪي مصري عملدار پيا گھمن، سي ڪا بہ لفٽ ڏيڻ کان لاچار .ڪٺي جو ڪنهن کان پُڇ پر مجال آهي جو هنن پائرن جي وات مان ڪو اکر اُڪلي وڃي!

هاڻ محسوس ٿيو تہ ٽرانزٽ مسافري معنيٰ عذاب :ٽڪيٽ برابر سستي، پر بعد ۾ وڏي خوراي .لائونج ۾ اميگريشن وارا، ڪسٽم وارا، مَني چينجرز ڇڙي پيا پاڻ ۾ ڪچهريون ڪن .سڀ ڳالهين جا ڳهير، پر اسان سان منهن ڏيو نہ نہ پيا ڳالهائين.

ايجپٽ ايئرلائين وارا تہ اسان مان مورڳو هٿ ڪڍي ويا .بازار مصر در يعني قاهره ايئرپورٽ تي ويهي ويهي سچ پچ تہ صبر جا سمورا پيمانا لبريز ٿي ويا .انتظار ائين ڏکوئيندڙ -پوءِ ڪٺي اهو ڪنهن دِلرُبا جو هجي يا ريل جو -ٻنهي ۾ ڏاڍو ڪرب سمايل هوندو اهي . بقول غالب ”عاشقي صبر طلب اورتمنا بيتاب .“سو قاهره ايئرپورٽ جي ٽرانزٽ لائونج ۾ ويهي، مصري اميگريشن عملدار جو انتظار ڪرڻ لڳا سين، جيڪو اسان جا ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ کي گم ٿي هو .جڏهن گھڻي دير ٿي، تہ هر ڪو لائونج ۾ ٽڙي پکڙي ويو.

هڪ تہ قاهره ايئرپورٽ پراڻي ڍنگ جو ٺهيل، ٻيو سندس ٽرانزٽ لائونج يورپي ٽرانزٽ لائونجن جي ڀيٽ ۾ ننڍڙو .منجهس نہ تہ ڪو وڏو ڊيوٽي فري شاپ موجود، جتي ڪٺي ونڊ شاپنگ ڪجي، نہ منجهس ڪا چڱي ڪافي شاپ جنهن ۾ ويهي اک ٽيپ ويڙهائجي .ڇڙو ٽرانزٽ لائونج .ان ۾ ڏهہ پندرهن ننڍڙا شاپس -ڪجھ پرفيومس، ڪجھ جيولري، ۽ ڪجھ هينڊي ڪرافٽس جا .

گُهمي گهُمي ٻه آخر ڏسجي چا؟ لائونجي ۾ هڪ ننڍڙو ڪافي جو اسٽال ۽ مَني چينجرز جو هٽ، پر سان ڪنڊ ۾ هڪ طرف نماز پڙهڻ لاءِ مسجد ته پاسي ۾ جامع الازهر جي ڪتابن جو بند ٽيل اسٽال. البت سڄي لائونج ۾ قديمي مصري آثارن جا سٺا نمونا رکيل. يعني ديوارن تي لڳل. جيڪي مسافرن کي پنهنجي هزارين ورهيه پراڻي شاندار ماضي جا ڏس ۽ پتا پيا ڏئين .ٽرانزٽ هال جي وچ ۾ اهرام وانگر هڪ شيشي جو ڪبٽ رکيل، ان ۾ هر مسافر ڪجهه نه ڪجهه چندو ضرور وجهي .ڪبٽ ۾ ڪيترن ئي ملڪن جي ڪرنسيءَ جا نوٽ ۽ سڪا پيا هئا .مون ڪيسي مان ڪجهه پاڪستاني رپيا ڪڍي ان ۾ دان ڪري ڇڏيا.

اسان جا همسفر ساٿي، ڪجهه وڃي ڪافي جي اسٽال آڏو ويٺا .ڪن لائونج ۾ پيل ڪرسين ۾ اچي پناهه ورتي .ڪي پسار ڪرڻ لڳا .مان ٻه ڪرسيءَ تي ويهي ڪجهه لکڻ لڳس .اسان سان گڏ آيل گجراتي ڪٽنب هڪ پوڙهو ۽ پوڙهي ۽ هو ماءُ ڌيئرن ٻه ڪرسين تي ويهي رهيون .باقي ڪلوپيٽرا وڃي جيولري ۽ پرفيومز جي دڪانن جا ڦيرا ڏيڻ لڳي .منهنجي سامهون پرفيومز جي دڪان تي سيلز گرل ڪان

گونجي جي پرفيومز ڪڍيائين .پرفيوم هجي پيڪ ٿيل، هيءَ ڇوي ته مون کي کولي ڏيکار .اڳيون ٻه مصري سيلز گرل، اُها ڪٽان تي پرفيوم جا سيمپل ڏيکاريس .هوءَ چويس تون وٺ، باقي کولي ڪو نه ڏيکاريندياسائين .مون اهو لقاءُ پئي ڏٺو .ان وچ ۾ منهنجا ساٿي قمر راڄپر ۽ اعجاز مهر اچي منهنجي پر ۾ ويٺا.

-”هاڻ ڇا ڪجي؟ “قمر راڄپر چيو.

-”قاسڻ ڪان پوءِ هاڻ ڦٽڪڻ وري ڪهڙو؟ اڍائي ڪلاڪ هتي ويهندي ٿيا آهن .اجا ڪو والي وارث ٿئي ڪونه ٿو .ويهي ويهي ڪڪ تي پيا آهيون .خبر ناهي ته اهرام ۽ نيل ڏسڻ جي اجازت ملندي ڪي الائي نه “.مون چيو.

-”ايجپٽ ايرلائين جا ڪجهه ماڻهو في مسافر پنجاهه ڊالر پيا وٺن .جنهن ۾ هو نيل نديءَ ڪروز ۾ گهمائيندا، رات جي ماني ٻه اتي هوندي ۽ چون ٿا ته اهرام وٺي هلندا، پر هو پئسا گهڻا ٿا وٺن “.اعجاز چيو.

-”منهنجو خيال آهي ته هوٽل تي وٺي هلن ته پوءِ اتي ڪو ويهي فيصلو ڪجي .پنهنجي ٽيڪسي ڪري گهمون ته وڌيڪ بهتر ٿيندو “.وراڻيم.

منهنجي انهي ڳالهه تي هو ٻه رضامندي ڏيکاري هليا ويا .مان ٻه اتان اٿي سامهون لائونج ۾ مَني چينجر جي پر وڃي ورتي .پهريون همراهه ڳالهائڻ لاءِ تيار نه ٿئي .پوءِ مهر جي نگاهه وڌائين” .قبلا، پاڪستاني رپيا مصري ڪرنسي ۾ بدلائي ڏيندؤ؟“

يڪدم وراڻي ڏنائين، ”پاڪستاني ڪرنسي هرگز نه گهرجي“.

-”پر توهان انڊين ڪرنسي ته قبول ڪريو پيا -“.ڪيس چيم .پر همراهه جو موڊ خراب ٿي ويو .يڪدم دري بند ڪري، سندس پر ۾ ويٺل همراهه سان ڪچهري ۾ شروع ٿي ويو .مَني چينجر جي دريءَ وٽ لڳل چارٽ موجوب پارتي ڪرنسي سميت سمورين ڪرنسيون قبول هيون، پر جيڪڏهن ناقابل قبول هئي ته پاڪستاني ڪرنسي !ڏک ٻه ڏاڍو ٿيو .هڪڙا اسين ماڻهو جيڪي عربن لاءِ اصل مريو ٿا وڃون .اسرائيلي کي اجا تائين ڪو نه مڃيو اٿئون، پوءِ پلي مصر ۽ فسلطين وارا اسرائيل سان دوستيون رکيون ويٺا هجن، پر اسان جو جهيڙو قائم ۽ دائم :

خنجر چي ڪسي پہ، تڙپتي هين هم امير
ساري جهان ڪا درد هماري جگر مين هي!

ڪرنسي چينج ڪرڻ واري وٽان ٿي اچي ڪرسي پيڙو ٿيس .سوچيم:

”قومن جي مزاج ۽ عادتن بابت ڇڙو ڪن ماڻهن کي ڏسي ڪا ٻه اڳڪٿي هرگز نٿي ڪري سگهجي .پر عام طرح ان قوم جي چند ماڻهن جي هلت، چلت ۽ سندس افعالن مان ان قوم جي ماڻهن جو مزاج جي البت ڪجهه پروڙ ضرور پئجي ويندي آهي.

”ائيرپورٽ تي ويهي، مصري ماڻهن جي پرڪارن کي ڏسندي يقين ئي نٿي آيو ته ڪو هي اها قوم آهي، جيڪا 1967ع جي اسرائيلي عرب ويڙهه ۾ وڏي هار کائي چڪي آهي، تر جيترو ٻه احساس منهجن ڏسڻ ۾ نه آيو .يقينن قومن کي ڪي هٿيار، پنهوار جنگين ۾نه بچائيندا آهن، پر منجهن ڪو لڪلڪار فرما جذبو ئي ڪين مقابلي تي آماده ڪندو آهي ۽ اڳتي وڌڻ جي سگهه عطا

شهر صحرا پانيان

ڪندو آهي .چيني، جپاني، ويتنامي ۽ ڪيوين ماڻهن جا مثال اسان جي آڏو آهن .يقينن خاطري اٿم ته مصري ماڻهن ۾ به ڪي خاصيتون ۽ روايتون هونديون، جيئن سنڌي ماڻهن جي قومي ورثو، تاريخ جا انيڪ عروج ۽زوال منجهن وڙهڻ جو جذبو ڪيڏي نه سگهيو آهي .انيڪ ڀيرا سنڌ به پنهنجي مٿان حملي آور غاصب، رهزن مزاج رهيون جي گهوڙن، انهن جي سنبن هيٺان پئي لتاڙجي رهي آهي .۽ لتاڙجي ڏڪ پچائي، وري اٿندي رهي آهي.

”-ان سخت مزاجي، جو سبب ڪي خاصيتون ئي آهن .پڪ اٿم يا تي سگهي ٿو، مصرين ۾ به ڪي اهڙيون خاصيتون ضرور هونديون، جن تاريخ هزارين ورهين واري خوفناڪ اٿل پٿل کان کين پئي بچايو آهي“!.

مان انهيءَ سوچ ۾ هوس ته ايتري ۾ ايجپٽ ايئرلائين جا ٻه عملدار مسافرن کي ورائي ويا .مان اُٺي وڃي هنن جي پر ورتي .خبر پئي ته هو نيل نديءَ ۾ ڪروز ۾ گهمائي واري پروگرام جي بوڪنگ ڪري رهيا هئا .هر مسافر شايد ذهني ڪوفت کي دور ڪرڻ واسطي ”ڪروز“ ۾ نيل نديءَ جي سير واري پنجاهه، پنجاهه آمريڪي ڊالرن ۾ بوڪنگ ڪرائڻ شروع ڪري ڏني .مون وڏيڪ عرب سڳوري کان پڇيو:

”يلا هوٽل ۾ ڪيڏيءَ مهل ٿا وٺي هلو؟“

13 انهن مان هڪ وراڻيو “:مون کي خبر ڪونهي، مان فقط بوڪنگ لاءِ آيو آهيان“.

ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي .هيتري دير به رڳو ان ڪري پئي ڪئي وئي ته جيئن ٽرانزٽ مسافرن کان ڪجهه ڦُر ڦُران ڪري سگهجي .گهڙيءَ ۾ اسان کي ڇڏي باقي سمورن مسافرن بوڪنگ ڪرائي ڇڏي .مون کي به ريس لڳي .وري وڃي هن عملدار جي پر ورتم .ايتري ۾ گجراتي سيٺ مون کي آهستي چيو” :سائين توهين ٽيئي اڪيلا ماڻهو آهيو، چو ٿا هي مهانگو ٽرپ وٺو .اسين ته آهيون زالن سان، جو اهو خشڪ ٽرپ خريد پيا ڪريون .هوندو وري ان ٽرپ ۾ ڇا؟ ڪروز ۾ نيل گهمائيندا، اتي ماني کارائيندا، جڏهن ته ماني پنهنجي ائين ئي هوٽل ۾ هوندي، توهين گهمو ڦرو، ڪائي پي وڃي ڪلبن جو مزو وٺو“.

واقعي چيو هن به صحيح .مان موٽي اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس، ان وچ ۾ اميگريشن واري ڪمري ۾ اچي گوڙ متو .خبر پئي ته اسان سڀني جا پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ اچي ويا آهن .مون وارا ٻئي همراهه غائب هئا .ڊُڪي وڃي مسافرن جي انبوهه ۾ شامل ٿيس، سامهون ميز تي مصري عملدار پاسپورٽ جو ڍير ميز تي رکيو هڪ هڪ مسافر جو نالو وٺي رهيو هو .هر ڪنهن کي تڪڙ، هر ڪو ڌِڪو ڏئي جهٽ هٽڻ ۾ پورو ته من ڪيس جلدي پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ هٿ چڙهي.

خدا ڀلو ڪري هنن مصرين جو .منجهن ڪا به ترتيب اڻ موجود .آخرڪار پاسپورٽن جي ڍڳ مان منهنجو پاسپورٽ ۽ بورڊنگ ڪارڊ منهنجي حوالي ڪيو .مسافرن جو گوڙ متل ڏسي منهنجا ٻئي ساٿي به اچي اتي پهتا .کين به پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽون ڏيندو رهيو.

اسين به ٻيهر لائونج ۾ ڪرسين تي ويهي رهياسين .جيڪا افراتفري پاسپورٽن ۽ ٽڪيٽن وٺڻ مهل ٿي .اوترو اطمينان ان جي واپسيءَ ڪانپوءِ ٿيو .پر ان مهل ئي ڪنهن مسافر ٻڌايو” :ابا اجا منزل پئي اٿوَ .پاسپوٽ ۽ ٽڪيٽ هتان نڪرندي مهل توهان سڀني کان واپس وٺي رکندا .ملندا وري اهي سياٽي ان وقت جڏهن توهان جي فلائيٽ جو وقت هوندو“!!

-”يلا رسيد وغيره به ڏيندا ڪي نه؟ “مون پڇيو.

-”بلڪل نه، رسيد ڏيڻ ڪو نه .ٻئي ڏينهن صبح جو ٽي ڪلاڪ اڳ اچي ايئرپورٽ تان اهي هٿ ڪبا “.هن وراڻيو.

سچ پچ ته اهو ٻڌڻي جهٽوڪي مون سميت ڪيترن ئي مسافرن جو ساهه مُٺ ۾ اچي ويو .پرديس ۾ ماڻهوءَ وٽ چڙو پاسپورٽ ۽ رٽرن ٽڪيٽ ئي ٻه بچاءَ جا هٿيار هلندا آهن .انهن کي هو ساهه سان سانديي رکندا آهن .پئسا پل پورا ٿي وڃن، پر ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويو ته ماڻهو عذاب ۾ اچي ويندو آهي.

حسب معمول منهنجا ٻئي ساٿي وري لائونج ۾ پسار ڪرڻ هليا ويا .قمر راڄپر مون کي ويندي وقت چيو، ”استاد منهنجي پويان نه اچجائين .منهنجي لائين فٽ ٿي ويئي آهي “.مون مُرڪي هن ڏانهن ڏٺو .هو انهيءَ پوڙهي عورت جي ڏيءَ سان لائين فٽ ڪرڻ ۾ پورو هو، جيڪا هڪ پل لاءِ به ڏيءَ کان الڳ نه پئي ٿي .اوچتو منهنجي پر ۾ ويٺل سيٺ ۽ سندس گجراتي زال جي وچ ۾ سُس پُس شروع ٿي وئي .گجراتي سيٺ کي زال ڪا وڏي ڌمال ڪيڏي رهي هئي .مون ڪن ڏنو.

زال چيو” :مون توکي ٻه پيرا ٽوڪيو ته اها ڪاري عينڪ لاهي ڇڏ .پر تون باز نه ٿو اچين هر هر باٿ روم جو بهانو ڪري انهي ڇوڪريءَ کي ڏسڻ ٿو وڃين .شرافت سِکُ، نه ته هتي اهو حال ڪنديسائين جو ياد ڪندي!!“.

مڙس آهستي وراڻي ڏني، ”خدا جي واسطي آهستي ڳالهائي .ماڻهو ٿا ٻُڌن .مون ڪنهن سان ڪجهه ٻه نه ڪالهايو آهي تون !!....

-”بند ڪر بڪواس .مان جهاز ۾ ٻه ماٺ ڪيو ويٺي هيس .اتي ٻه تون چُپ ڪيو نه ويٺو هئين .هاڻي خبردار جو وري باٿ روم ويو آهين “.گجراتي سيٺ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڪٽي ڪاري عينڪ لاهي مون کي ڏنو .مون اڳي ئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون . ڇڻ مان بيخبر هيس.

مان ٻه ٽي منٽ رکي اتان اٿي وڃي جامع الازهر جي بند ٿيل بوڪ شاپ تي بيٺس .ڪتاب جو هٽُ سجهو ڪليل .ٻن ڪارنرز ۾ ٺهيل بنا ڪن هن ڇت جي ڪيٽن ۾ ڪيترائي عربي ۾ ڇپيل ڪتاب موجود -پر ڪيٽن تي ڪلف چڙهيل.

ڪتابن جي بند ٿيل دڪان کي ڏسي مون کي عباسي دور جي پراڻي شاعر المهلبي جو هڪ شعر ذهن تي تري آيو:

يا بني اذا وقفتم في الا سواق فلا تقوالا،
عليٰ من تبيع السلاح وسميع الڪتُب!!

يعنيٰ :اي پٽ !!جڏهن ٻه تون بازار ۾ ڪٿي بيهين، ته فقط انهن هنڌن تي بيهه، جتي هٿيار يا ڪتاب هجن!!“

سو ڪتابن جو هٽ ته قاهره ايئرپورٽ تي موجود هو .پر هٿيارن جو ڪوئي دڪان نه هو .ان ڪري ڪتابن جي اسٽال ڪان ٿي وڃي پر فيومز جي دڪان تي بيٺس .اسٽال تي طرحين طرحين جون پرفيومز رکيل هيون.

سيلز گرل هڪ عام ڇوڪري هئي .هن يڪدم اڳتي وڌي چيو، ”توهان ڪا پرفيوم پسند ڪندا؟“

-”تو ڪي ڪهڙي پرفيوم وڻندي آهي؟“

ان تي هوءَ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳي، چيائين” :اسين ڪسٽمر جي پسند تي هلندا آهيون .پر توهان کي ڪنهن جي لاءِ گهرجي؟“

-”يقينن پنهنجي لاءِ نه “!وراڻيم.

هوءَ ٻه اڳيان مصري سيلز گرل هئي ٺهه پهه پڇيائين، ”فار فيميل؟“

مون مُرڪي ڏنو .هوءَ سمجهي وئي .يڪدم ڪٽي ”ڳونچي، اوپيم، فرسٽ مارٽيئر جي سوپرٽي منهنجي آڏو رکيون.

-”هنن مان پسند ڪرڻ ڏيکو ڪم آهي “!هن کان وري پڇيم.

-”توهان جي فيانسي کي ڪهڙي وڻندي آهي؟ “هن مرڪي پڇيو.

-”تون سمجهين ٿي ته هن ايج ۾ آئون فيانسي رکي سگهان ٿو؟“

-”تون سمجهين ٿي ته هن ايج ۾ آئون فيانسي رکي سگهان ٿو؟“

-”انهيءَ ۾ ڪهڙي خراب ڳالهه آهي “!!ماڊرن مصر جي نينگريءَ ٺهه پهه وراڻيو.

-”بهر حال مون کي پنهنجي لاءِ نه پر پنهنجي وائيف لاءِ گهرجي“.

-”تڏهن ته مون توهان کي ليڊرز پرفيوم ڪڍي ڏنيون آهن “.هن چيو.

سيني پرفيوم جون قيمتون 50آمريڪي ڊالرن کان هرگز نه هيون.

هڪ پرفيوم مون سوپرٽي ۾ ٻي ڳونجي جي آرگنزا جون شيشيون ڏاڍيون سهڻيون هيون .مون يڪدم ڳونجيءَ جي آگنزا تي هٿ رکيو .قيمت هيس چاليهه آمريڪي ڊالر، کي س 50ڊالر ڪڍي ڏنم، هن پرفيوم ڪاغذ جي هڪ خوبصورت شاپنگ بيگ ۾ ڏاڍي نفاست سان پيڪ ڪري، ٻه پيرا ٿينڪ يو چئي 10ڊالر مون کي وراڻي ڏنا.

اوچتو پريان ڪٽي نظر وجهان ته اسان وارا سمور همسفر لائونج ۾ لين ئي ڪو نه، موٽي هال ڏانهن ويس .اتي اڃا هڪڙو همراهه بيٺو هو .چيائين، ”مسافرن کي هوٽل پيا وٺي هلن .بيا سڀ ٻاهر نڪري ويا آهن .منهنجو ٿيلهو رهجي ويو هو، اُهو کڻڻ آيو آهيان“!

يڪدم پنهنجن سنگتين کي سڏ ڪيم .هو پريان شاپ وٽ بيٺا هئا .مون وٽ ته ڪوئي سامان نه هو، جو منهنجي بيگ، بئگيج ۾ هلي وئي هئي .البت قمر راڄپر ۽ اعجاز مهر وٽ ننڍيون بيگيون هيون .انهن کي گهليندا لائونج کان ٻاهر نڪتا سين .پر خبر اچا ٻه نه هئي ته وڃڻُ ڪيڏانهن آهي؟ اڳيان مصري اميگريشن وارا بيٺا هئا .هنن اسان جا ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ وٺي پاڻ وٽ رکيا.

پڇيم ”ڪڏهن ملندا سين؟“

چيائين” :سڀاڻي صبح جهو اچي هتان ڪليڪٽ ڪجو“.

اڳتي ٿيا سين ته وري ٻين همراهن بورڊنگ ڪارڊ ني چڏيا .هنن کان پڇيم ”يائو هاٽي وجون ڪيڏانهن“؟

هن ٻڌايو ته” .هيلي پولس “۽ هٿ جي اشاري سان ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو .هاڻ بنا پاسپورٽ، بنا ٽڪيٽ ۽ رسيد جي اسين سچو حال لتاڙي ٻاهر ٿيا سين.

ايئرپورٽ جي عمارت کان ٻاهر نڪردي قاهره جي ٿڌي هوا اچي اسان سان ٽڪرائي .قاهره جي شام آهستي آهستي رات ۾ بدلجي رهي هئي .وچينءَ جي مل لڙي چڪي آهي، اُس ڪنهن وڏي پکي وانگر پر ڦهلائي چئني پاسن کان پئي موڪلايو .قديم مصر جي اُس ۾ به هڪ عجيب نرملتا هئي، وايو منڊل ۾ انچاتل سُڳنڌ شامل هئي .سامهون ايئرپورٽ آڏو لڳل ٿنڀن جا بلب جڳ مڳ ڪيو پئي ٻريا .پريان اولهه ۾ مصر جي سُرمئي آسمان ۾ شام لجو تازو زهره ٽِم ٽِم ڪيو پئي ٽمڪيو.

مون چئني پاسي ڪيو پئي ٽمڪيو.

مون چئني پاسي ڏٺو :اُس جا لهندڙ پاچا، آهستي آهستي گم ٿيندڙ سوجهرو، زرد بلب، آسمان، تارا جڻ سمورا منظر هڪ هنڌ بيهجي ويا هئا .هر ڏيک فريز ٿي ويو هو-

ڪلڪ ڪلڪ-

منهنجي اندر ۾ ڪئميرا اهو سچو ڏيک جهٽي ورتو.

ڪجهه وکون اڳتي ٿيا سين ته مصري ٽيڪسي ڊرائيور اچي اسان کي ورايو” :ٽيڪسي ....ٽيڪسي فندق ....هو تيل!!“ ۾ بمشڪل هنن مان جند ڇڏائي ايئرپورٽ روڊ آيا سين .سامهون اسان واري همسفر پاڪستانين جو هجوم ۽ هڪ وين وٽ بيٺل نظر آيو .وڏي وجي هنن وٽ پهتان سين .اتي ڪو وڏو جهيڙو متل هو.

ٻن پاڪستاني مسافرن هڪٻئي کي زور زور سان گهٽ وڌ پئي ڳالهايو .انهن ۾ هڪڙو اڌوڙ ماڻهو هو .فل سوٽ پهريل انهي اڌوڙ ڏاڍي لاپرواهيءَ سان هڪ ڊگهي ڏاڙهيءَ واري کي پئي جواب ڏنا .ٽي شرٽ اڌ ٻانهن سان ۽ پينٽ پهريل ڏاڙهيءَ وارو به وڏو مچاو بيٺو هو .سندس پرم بندري زال ڪچ ۾ ٻار جهليو بيٺي هئي.

ٻنهي کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم .جهُونو ته چُپ ٿي ويو .پر ڊگهو اصل ماٺ ئي نه ٿئي .پريان کان پيو چيلينج ڪري، چي” :توکي ڪراچي هلي ڏسندس“.

ان تي اڌوڙ به ڪنهن وقت باڊي بلڊ ضرورت رهيو هوندو .هڏڪاٺ پڪو هوس .آخرڪار اڳتي وڌي وجي ان ڊگهي ڏاڙهيءَ واري کي سمجهايم ”ٻيلي تون ئي ڏاهو ٿي .جهيڙو ڪندءُ ته گهڙي کن ۾ مصري پوليس ٻنهي کي وچي ڪاٺ ۾ وجهندي .اهو به خيال ڪر ته سڀاڻي پاڻ سڀني کي صبح جو لنڊن واري فلائيٽ تي به پهچڻو آهي .تون ئي ڪٺي ماٺ ڪر .هو ته اڪيلو آهي تو سان ته ٻار گڏ آهن“.

منهنجي صلاح هينئين سان هنڊائي هن ڪٺي ماٺ ڪئي .پر همراهه جي زال وڏو وات شروع ڪري ڏنو .ايتري ۾ هوٽل جي وين به اچي پهتي .ڏاڙهي وارو ۽ سندس زال، ٻيا ڪٽنب ڪلوپيٽرا سميت ان ۾ روانا ٿيا ته اسان ٻي وين ۾ چڙهيائين .پوڙهو باڊي بلڊر به اسان سان گڏ رات ترسڻ جو پروگرام رٿيو آهي.

گاڏيءَ ۾ هن جهوني سان ڪچهري ٿي .ٻڌايائين ته هو پاڻ رٽائرڊ ميجر ۽ ڪنهن وقت ڪمانڊو رهي چڪو آهي .هن وقت ڪراچيءَ جي ايٽمڪ انرجي مرڪز وارو چوي پيو ته پهرين اسان وين ۾ وڃون ۽ هي جهونو چوي ته مان پهريون وجان .واقعي جيڪڏهن ٻنهي جي وچ ۾ فري اسٽائيل ويڙهه ٿئي ها ته پوڙهو ڪمانڊر ڦيڦي ڏاڙهيءَ واري کي هڪ منٽ ۾ ناڪ آئوٽ ڪري ڇڏي ها.

شهر صحرا پانيان

اسان کي جنھن ھوٽل ۾ وڃڻو ھو .ايئرپورٽ کان ھريرو گھڻو پري نہ ھئي .ڏھن منٽن اندر اچي وين اسنا کي ”ھيليو پولس “ علائقي ۾ واقع ھوٽل تي پھچايو .ھوٽل جو نالو ھو ”ھوٽل مون اِن پڪ .“شايد ائيرلائين جي پنھنجي ھوٽل آھي .عمارت ھوٽل جي ڏاڍي سھڻي ۽ شندار سڄي بلبن جي روشنيءَ ۾ پئي جرڪي .وين مان لھي ھوٽل اندر داخل ٿيا سين .اندر لابيءَ ۾ وڏي رونق لڳي پئي ھئي .سامھون ڪائونٽري تي اسان سان گڏ آيل مسافر فارم ڀري پنھنجي پنھنجي سامان سان گڏ بيٺا ھئا .ڪائونٽر تي پھتا سين تہ ھوٽل وارن بنا پڇاڻي جي ڪٺي ھڪڙو ھڪرو فارم اسان جي حوالي ڪيو .فارم ڀري ڪين ڏنو سين، ھوٽل وارن ھر ھڪ مسافر کي ڪمرن جا ڪِي ڪارڊ ۽ رات جي ڊنر سان شامل صبح جي بريڪ فاسٽ جا ڪوپن حوالي ڪري ڇڏيا.

يورپ وانگر ھن ھوٽل ڪمرن جون چاٻيون نہ پر ( Key card)ھئا، در اصل يورپ جي ھوٽلن ۾ ڪمرن جالاڪ چاٻين سان نہ پر ڪارڊ سان ٿا کُلين .ٽيلي ڪارڊ جھڙو ڪِي ڪارڊ، ھر ھڪ ڪمري جو الڳ ٿئي، ان کي در جي آٽوميٽڪ لاڪ ۾ وجھي ھيون گھمائڻ سان رد ھڪ سيڪنڊ ۾ کُلي ويندو آھي .اھو سسٽم سولو، پر اڪثر نئين مسافر لاءِ وڏو مسئلو پيدا ٿو ڪري ڇڏي .چاڪاڻ تہ ڪارڊ وجھي جيڪڏھن يڪدم ھينڊل نہ گھمائبو تہ لاڪ اصل نہ کلندو .

ھڪ ڀيري ڪِي ڪارڊ مون سان اتر يورپ جي ڏور انھين ملڪ ناروي ۾ وڏو مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو .اسين اوسلو ۾ رھيل ھجون .جولاءِ جو مھينو .درجي حرارت مائينس کان گھڻو ھيٺ ڪريل يعني' مائينس 10، ھڪڙو خوفناڪ سيءُ زندگي ۾ ڪڏھن بہ نہ ڏٺم .ھڪ رات جو دير سان ھوٽل آيس، ٻاھر سخت برف پئي ڪري سيءُ ۾ سخت ڏڪندو اچي لفٽ ۾ چڙھيس . ھوٽل جو لائونج ويران ۽ رسيپشنٽ غائب .چڙو ھوٽل جو سيڪيورٽي وارو حاضر .ڪمري وٽ پھچي ڪٺي جو ”ڪِي ڪارڊ “ لاڪ ۾ وجھان تہ در کُلڻ کان اصل جواب ڏئي بيھي رھيو .ھڪڙو ڀيرو، ٻيو ڀيرو ائين پنج ست ڀيرا در کولڻ جي ڪوشش ڪيم، پر لاڪ کُلڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي .مٿان سخت سيءُ جي ڪري ھٿ ڪم ڪرڻ کان لاچار .اتر يورپ جي ھوٽل ۾ آڌي رات جو ڀينگ پئي واڪا ڪندڙ ماحول، ھوٽل جي ٻاھران برفاني ۽ طوفاني ھوا جا تيز گھوگھٽ، ڪاريڊور جي شيشي وارين درين سان جو ڪٺي مٿو ٽڪرائين تہ خدا جي پناھہ، ٻاھر رستا سُڃا ۽ ٿڌ غضب جي، سخت برفباريءَ ۾ سارو سما انتھائي ھولناڪ ۽ مان اڪيلو ھوٽل جي اونداھي ۽ ٿڌي ڪاريڊور ۾ ھٿوراڙيون ڏئي ڪمري جو لاڪ کولڻ ۾ ناماڪ، لاچار دريءَ جي شيشي وٽ وڃيو بيھي ڪنھن مھل زرد ۽ جھيڻن بلبن جي روشني ۾ ڪرندڙ برف ۽ سُتل شھر کي ڪسسان، تہ ڪنھن مھل وري اچي لاڪ تي طبع ازمائي ڪريان ...نتيجو ڪيترائي ڪلاڪ ڪاريڊور ۾ ڦرڻ ۽ صبح جو انتظار ڪرڻ واري سبق آموز تجربو .ان ڪانپوءِ ناروي ۾ جيترو وقت رھيس ڪِي ڪارڊ تي ھٿ پڪو ڪري ورتم.

سو قاھرہ جي ھوٽل ”مون اِن پڪ “جي روم نمبر 1236جي ڪِي ڪارڊ ڪٺي روانو ٿيا سين پنھنجن پنھنجن ڪمرن ڏانھن ھوٽل جي جن ڪمرن ۾ اسان کي ترسايو ويو ھو، سي ھوٽل جي ڪنھن مٿئين فلور تي نہ پر ھيٺ بيسمينٽ ۾ ھئا .ڏاڪٽيون لھي ھيٺ ٿيا سين، سامھون ٻن ڪاريڊورز ۾ ڪمرن جون قطارون نظر آيون .سامان تہ مون سان ھوئي ڪونہ، ڪمرو کولي ٿيس اندر .ھوٽل جو ڪمرو صاف سٿرو .باٿ روم ۾ صاف ٽوال ترتيب سان رکيل، ڪمري ۾ ٽي وي ۽ فرج موجود، پر ان مان مِني بار غائب .ڪمري کي جھڙوڪر منھن ڏيکاري نڪتس ٻاھر .مون واري ٻنھي ساٿين کي پرئين ڪاريڊور ۾ ڪمرا مليا ھئا .ساڻن مون کي مٿي لابيءَ ۾ ملاقات ڪرڻي ھئي .ڪمري کان جو ٻاھر نڪران تہ ڇا ڏسان منھنجا ڪيترائي جھازي ھمسفر ڪي ڪارڊن ذريعي ڪمرن جي تالن تي طبع آزمائيءَ ۾ مشغول پر ڪمرن جا لاڪ کلڻ کان لاچاري ۽ معذور .اڳتي وڌي وڃي ٻھريون اڌڙوٽ زال مڙس کي لاڪ کولي ڏنم .ھو طريقو سمجھي ٿيا اندر تہ پر واري روم جي در تي بيٺل پوڙھي عورت ۽ سندس ڌيءُ کي لاڪ کولي ڏنم .پوڙھيءَ ويندي ويندي ٻڌايو” :ياءُ لندن ۾ رھي تو .ان وٽ ڌيءُ ڪ ڇڏڻ پئي وڃان .نيئگري اتي سيٽ ٿي تہ واپس ڪراچي موٽي وينديس“.

ھنن کي ڇڏي ٻاھر نڪتس تہ ڪاريڊور ۾، ڪلوپيٽرا ھڪ ھٿ چيلھہ تي رکيو ۽ ٻئي ھٿ ۾ ھينڊ بيگ جھليو انتظار ۾ بيٺي ھئي .مان ڀہ وڪون ڪنيون تہ ڏاڍي چلولائيءَ سان انگريزيءَ ۾ چيائين:

(Sir, I also need want your kind help),

ڪانئس ڪِي ڪارڊ وٺي فوري طور تي روم جو لاڪ کولي ڏنم .ھوءَ اڌورو شعر دل ۾ چوندو مٿي لابي ڏانھن ٿيس روانو .جتي اعجاز مھر ۽ قمر راڄپر کي منھنجو انتظار ڪرڻو ھو .مٿي آيس تہ ھو ٻئي منھنجي اوسيئڙي ۾ بيٺا ھئا.

شھر صحرا ڀانيان

هوٽل جي لابيءَ ۾ ڏاڍي رونق لڳي پئي هئي .وايو منڊل سچو ڪراچي جي هوٽل ميرٽ، پي سي ۽ شيرٽن جهڙو. اصل وڏو ميڙو متل، عورتن مرد، نوجوان ٻيڍا اچ وڃ ۾ مشغول. هوٽل ۾ ڪيترائي هال موجود. لابي ۾ بار ٻہ ٺهيل. البت اتي وهسڪي مهانگي. هوٽل جي ڪنهن هڪڙي هال ۾ ڪا شادي هئي، ڪا مهل گذري تہ مصري عورتن، ڇوڪرن، ڇوڪرين جو هڪ وڏو ٽولو دف ۽ توتاريون وڄائيندو هل هنگامو ڪندو اچي اسان جي آڏو لنگهيو .سندن وچ ۾ ڪنوار اڇي ويس ۾ ڏاڍي سهڻي خوش وخرم .مصري عورتن جي سونهن گهڻي وقت کان مشهوريءَ جي باعث بڻيل .امان مرحيات مصري عورتن جي سونهن ۽ سوپيا جي پئي واکاڻ ڪندي هئي، چوندي هئي، ”سونهن ڏسٽي هجي تہ وڃي مصري عورتن کي ڏسجي .پاٽي پيئنديون تہ اهو بہ سندن ڳچيءَ مان لهندو پيو نظر ايندو“.

دل تہ ڏاڍو گهريو تہ جيڪر ڪنهن مصري ڇوڪريءَ کي پاڻيءَ جو گلاس ڏيئي چئجي ”اهلن وسهلن يا حبيبي، مهرباني ڪري گلاس مان ڍ تي ڍڪ پاڻي جا پي ڏيکاري “۽ پوءِ ويهي اهو نظارو پسجي .ان مهل عربي نہ اچڻ جو ڏاڍو پڇتاءُ ٿيو .مصري عورتون ڏاڍيون سهڻيون ۽ قداور، ڳچيون سندن ڊگهيون، رنگ اڇا، اکيون وڏيون، طرحين طرحين جي پرفيومز جي خوشبوئن ۾ وهنتل . ڪيتري دير تائين شاديءَ ۾ ويندڙ عورتن کي ڏسندا رهيا سين .ڇچ جو هل هنگامو هلي ٿيو پورو .ان کانپوءِ اسان بہ وڃي لابي ۾ موجود ٽيڪسي ڪائونٽر جي پر ورتي .اعجاز چيو“ :مان هنن سان پاڻهي ڊيل ٿو ڪريان“.

هن اڳتي وڌي ساڻن بارگيننگ شروع ڪري ڏني، اعجاز چيو“ :اسان کي قاهره شهر ڏسٽو آهي ۽ نيل ندي جي لانچ ۾ سير ڪرٽو آهي، پيسا ٻڌايو؟“

مصري ڊرائيور بہ وڏي شيءِ آهن .دراصل جن ملڪن ۾ ٽوئرازم گهڻي آهي، اتي هوندي آهي فارينرس کان ڇڙو ڦر ڦُران .اسان کي ڏسي سمجهي ويا تہ نوان آهن، مسلمان آهن، پوءِ تہ برادر ڪانسواءِ اصل سڏين ئي ڪونہ .چون تہ اهي پيسا گهٽ توهان جي ڪري ڪريون پيا، جو توهان مسلمان آهيون .بهر حال هزارين کان شروع ٿيا ۽ پوءِ وڃي سون تي بيٺا .نيٺ وڏي بحث کانپوءِ قاهره شهر ۽ نيل ندي جي سير تي ڳالهہ ٻولهہ هڪ سؤ آمريڪي ڊالرن ۾ .شهر ۽ نيل گهمائڻ جو هنن ذمو کنيو، جنهن ۾ لانچ جو ڀاڙو بہ شامل هو .مصري ڊرائيور مصطفيٰ ٿيو اسان جي حوالي، ڊرائيور کي اتي ئي ٻيهاري اسان جڏهن ڊنر لاءِ روانو ٿيڻ لڳاسين تہ ٽيڪسي واري چيو“ :رات جي وقت اهرام نہ هلي سنگهدا سين ڇو جو اتي لائيٽ جو صحيح بندوبست ڪونهي .البت صبح جو سويل هلو تہ توهان کي وٺي هلندس .پر ان جا وڌيڪ پيسا لڳندا“.

خير، اهرام ڏسڻ کان هٿ کڻي اسين ويا سين .هوٽل جي ”ييلو ڪارنر “۾ جتي اسان جي ڊنر جو بندوبست ٿيل هو .هوٽل جا ڪيترائي ڊائننگ هال هئا .ييلو ڪارنر بہ انهن مان هڪ هو .جهڙو ڪراچي شيرٽن هوٽل جو دربار هال، ڏاڍو سهڻو سينگاريل، گلن ۽ ٻوٽن سان جهنجهيل جام، سچو هال ميڻ بتين جي روشني ۾ ڏاڍو رومانٽڪ لڳو پيو هو .صفائي منجهس بي مثل .عملو بہ چست ۽ هوشيار .هال سچو ماڻهن سان ڀريل، مقامي مسافرن جي ماني کائڻ جو سسٽم بوفي، پر ٽرانزٽ مسافرن لاءِ عليحده ڪنڊ ۾ ويهاري ماني کارائڻ جو انتظام موجود.

هال ۾ اسان جا جهازي همسفر سمورا ماني کائڻ ۾ مشغل هئا، ڪلوپيٽرا بہ هڪڙي ڪتنب يعنيٰ ماءُ ۽ ڌي سان گڏ ويٺي سوپ پيتو .ميڻ بتي جي جهيڻي روشني ۾ هوءَ ڪا آسماني اپسرا پئي ڀاسي .اسان وڃي سندن سامهون هڪ ميز والاري تہ سروَ ڪرڻ واري مصري ڇوڪري اچي ڀيريون ڀيرو چکن سوپ سروَ ڪيو .سپ سان مکڻ، ٽوسٽ بہ گڏ .بعد ۾ مصري ڪُڪڙ جو پڪل ٽڪر، چانور ۽ سلاد ڏنو ويو .مصري ڪُڪڙيون اسان جي مرغين کان گهڻيون وڏيون ٿين .پچائڻ جو طريقو کل سميت، پر ڏاڍي سٺي ڊنگ سان پڪل ۽ لذيذ، مصالحو بہ منجهس اهرو وڌل جو ان ۾ ڪِڪَ جو ذرو بہ احساس اڻ موجود.

ماني کائي ٻاهر نڪتا سين .ڪاريڊور ۾ مصطفيٰ اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو .پورچ ۾ آياسين.اتي سندس نئين ماڊل جي ڪار بيٺل هئي .ڪار ۾ ويٺا سين .مصطفيٰ ٻڌايو تہ هي ڪار 12لکن جي آهي .ڪار واقعي سهڻي هئي .ڪار ۾ ويٺا سين .خبر ناهي ڪهڙي ڪمپني جي هئي؟ پاڪستان ۾ تہ اهڙيون موٽر ڪارون امپورٽ ئي نہ ٿيون ڪيون وڃن.

اسان واري هوٽل شهر کان پريرو هئي .ڪجهہ دير اچي قاهره جي مک رستن تي پهتا سين .سامهون روشنين جو شهر قاهره پئي ڀهڪيو .هر روڊ ۽ رستو ائين پئي ڀريو ڄڻ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ پيا هلون .رات تہ اصل ۾ نہ ٿي لڳي .يارهين وڳي رات جو بہ قاهره

جي بازارن تي جوين چانيل .هوٽلون، ڪلبون، قهره خانا، ڪپڙن ۽ بوٽن جا دڪان .پريان کان جڳمڳ جڳمڳ ڪندڙ روشنين جا تجلا، شيشن وارن دڪانن تي ٽي پيا ته اندر رکيل سامان چٽو پئي نظر آيو .لڳو ئي نه ٿي ته ڪو آفريڪي شهر قاهره آهي .اهڙي رونق سان به رات جو ته لنڊن ۾ به نظر نه آئي .لنڊن جا شاپس سج لٿي کان اڳ ۾ ئي بند ٿي وڃن .پر سصر جي تاريخي سهر قاهره جون بازارون آڌيءَ رات مهل به جوان ۽ جماڻ ڪنهن ڪنوار وانگر پئي ٽهڪيون) .قاهره ۾ اڄ کان اسي ورهيه اڳ به انيڪ نائيٽ ڪلبون هونديون هيون .ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ اتحادي فوجن جو قاهره ويجهو ڪيمپ واقع هوندو هو .شام جو انگريزي سپاهي، ۽ آفيسر انهن ڪلبن ۾ اچي ناچ ڏسندا هئا 1941 .۾ شارع سليمان تي هڪ نائيٽ بادشاه Auberge- Des-Pyramides جي نالي سان مشهور هئي، جنهن ۾ مصر جو بادشاه فاروق پاڻ روزاني شام جو اچي ڊانس ڏسندو هو ۽ اڄ به شهر ۾ ڪيترين ئي نائيٽ ڪلبون موجود آهن(

رستن تي ٽريفڪ بي انتها، پر مصطفيٰ ڏاڍي هوشياريءَ سان پئي گاڏي هلائي .ڊرئيورنگ ڪندي گائيڊ جو به فرض پئي نڀايائين . چيو هي فلاڻو روڊ، هي فلاڻُ هنڌ، سندس انگريزي ڏکي .خاص طرح انگريزي تلفظ سمجهه ۾ نه ايندڙ ان ڪري سندس ڳالهه ڪي ڏاڍو ڏيان ڏئي پئي ٻڌڻو پيو.

**

# قديم مصر جي ياد ۾

سڄو شهر قديم ۽ جديد عمارتن سان ڀريل، وڏيون وڏيون عمارتون ملٽي پلازه .مصطفيٰ جي چوڻ موجب اڄ ڪالهه قاهره ۾ گهڻو ٽٽو ماڻهو رهڻ فليٽن ۾ ، يعنيٰ ماڻهن جو وڏو تعداد انهن فليٽن ۽ گهڻ ماڙ عمارتن ۾ وڪوڙيل اوچتو ياد آيو ته بابو مرحيات ٻڌائيندو هو ته هُو قاهره جي هوٽل شيپرڊ ۾ وڃي رهيو هو؟ اسي ورهيہ اڳ هُو قاهره جي هنن ئي رستن تي گهميو هوندو .ڪاش خبر هجي ها ته وڃي انهي هوٽل کي ڏسان ها .هڪ ڀيري پير حسام الدين راشديءَ به ذڪر ڪيو هو ته هو پير علي محمد راشدي سان گڏ 1951۾ قاهره ويو هو.

هڪ هنڌ ان وڏي چونڪ وٽ ڪار لنگهي، اتي هڪ شاهي مجسمو فرعون جو لڳل نظر آيو، چڱو وڏو بت هو .خبر پئي ته اهو اهرام مصر وٽان ڪٽي اچي شهر ۾ هنيو اٿن .مصطفيٰ ٻڌايو، ”شهر جو پراڻو ڏيک ڏسڻو هجي ته هلجي قاهره جي خان الخليل بازار ۾“.

”اها ڪٿي آهي؟ “قمر راڄپر پڇيو.

”اها پريرو آهي .پر هن وقت بند ٿي وئي هوندي “.ڊرائيور چيو”.يلا حضرت امام حسين عليہ اسلام جو سِر مبارڪ ڪٿي دفن ٿيل آهي؟ “اعجاز مهر سوال ڪيس.

مصطفيٰ ڪو جواب نہ ڏنو .مون وري هن کان آهستي پڇيو” .منهنجو دوست توکان پڇي رهيو آهي ته حضرت امام عليہ اسلام جو سِر مبارڪ قاهره جي ڪهڙي مسجد ۾ دفن ٿيل آهي؟“

مان چاڪاڻ ته اڳئين سيٽ تي مصطفيٰ سان گڏ ويٺل هوس ان ڪري هو منهنجي ڳالهه چڱي طرح پيو سمجهي سگهي .پر مصطفيٰ کي يا ته خبر نہ هئي .يا وري هو ان سوال جو جواب ڏيڻ ڪانلنوائي رهيو هو .ايتري ۾ اعجاز چيو، ”هن کان پڇ ته ٽوئرسٽ هتي پنهنجو وقت ڪٿين گذاريندا آهن؟“

-”ها چون ائين ٿا “.وراڻيم.

هن کي جواب ڏيندي منهنجي ذهن تي تري آيو ته هن سلسلي بابت ڪيترين روايتون ڪتابن ۾ آيل آهن .تاريخ نويس اهو مڃن ٿا ته حضرت امام حسين ڪربلا ۾ آرامي آهن .پر ڪيترن ئي ڪتابن ۾ آيل آهي ته جڏهن ڪربلا ۾ حضرت امام حسين شهيد ٿيو، ته خزيد کي ڏيکارڻ لاءِ امام حسين عليہ السلام جي سر مبارڪ کي نيزي تي دمشق نيو ويو هو .اتي سر مبارڪ ڏسڻ کانپوءِ يزيد ان کي مختلف شهرن ۾ گهمائڻ جو حڪم ڏنو ته جيئن وري ڪو به ماڻهو سندس حڪومت جي خلاف بغاوت جو سوچي به نہ گهي .بعد ۾ سر مبارڪ، عسقلان شهر ۾ پهتو ۽ اتي ئي موجود رهيو .سال .......ع بمطابق 8جمادي الا آخر 549 هجريءَ ۾ سر مبارڪ عسقلان کان قاهره پهتو .تڏهن مصر تي فاطمي خليفي الفائز جي حڪومت هئي .سندس هڪ وزير نالي صالح بن زريڪ، حضرت امام حسين عليہ السلام جو سر مبارڪ 30هزار دنيارن ۾ خريد ڪري قاهره آندو .جڏهن قاهره ويجهو سر مبارڪ پهچي رهيو هو ته خليفي سميت فاطمي لشڪر پيرين پنڌ هلي، قاهره کان ٻاهر ان جو استقبال ڪيو .پوءِ ان کي آڻي جامع الازهر جي ڀر ۾ آسوده خاڪ ڪيو.

”يلا جامع الازهر ڪهڙي پاسي آهي؟ “اعجاز مهر پڇيس.

”جامع الازهر اسان جي کاٻي پاسي واري رسي تي آهي .سامهون ڀر ۾ ئي سمجد راس الحسين آهي “.هن وراڻيو

انهيءَ مسجد راس الحسين ۾ حضرت امام عليہ السلام جو سر مبارڪ دفن ٿيل آهي .مسجد حسين ته اسان کان پريرو هئي، دل گهريو جيڪر ڏينهن هجي ها ته انهي هنڌ وڃي حاضر پرجي ها.

گاڏي تيزيءَ سان هڪ موڙ وٽان لنگهي .ڪنوار وانگر سينگاريل شهر قاهره کي ڏسندي مون کي پراڻي مصر بابت ڪي خيال دل تي تري آيا.

**

شهر صحرا پانيان

# پيغمبرن، جادوگرن، فرعونن ۽ پراڻي تهذيب جو ملڪ

”هزارين ورهيه قديم لڪ مصر پيغمبرنن جادوگرن، فرعونن، پراڻي تهذيب ۽ تمدن، سونهن ۽ سندرتا جي ڌرتي .پنج هزار ورهيه اڳ به هتي شاندار تهذيب هئي .سنڌ جي موهن جي دڙي جهڙي عظيم تهذيب، جيئن سنڌ ۾ هڪ ئي درياهه شاهه سنڌوءَ تي سنڌي ماڻهن جو درو مدار آهي، تئين مصر نه هجي ها .سنڌو ندي وهي ٿي .جيڪڏهن نيل ندي اتان نه وهي ته مصر به مصر نه هجي ها . سنڌو ماٿريءَ وانگر نيل ماٿري به نيل ندي جي ٻنهي ڪنارن تي پکڙيل **ڊيلٽا کان وٺي اسوا تائين .قديم مصري زبان ۾ هن علائقي کي چوندا هئا ڪميٽ ( Kemet)، يعنيٰ مصر لوئر ۽ ٻي اصل ماٿري يعنيٰ اپر مصر سعيد .قديم دور جي پهرين بادشاهه منس (Menes )جي دور کان اڳ ۾ ٻنهي حصن ۾ جدا جدا سلطنتون قائم هيون .سڄو ملڪ ڏهن 42پرڳڻن ۾ ورهايل هو . مشهور قديم يوناني تاريخ نويس هيروڊٽس ( Heroduts)مصر کي نيل جو عطيو ڪري سڏيو آهي .واقعي اهو اهي به بنهه درست . ڇاڪاڻ ته نيل درياهه ئي آهي جيڪو هزارين سالن کان هن ملڪ کي آباد ڪندو پيو اچي .اڄ به هن ئي درياهه جي ماٿريءَ ۾ پٿر جي دور کان وٺي رومن ۽ يوناني تاريخ جا ورق ٽڙيا پکڙيا آهن.

”مصر تي قبل مسيح دور ۾ ڪيترن بادشاهن حڪومت ڪئي .ان وقت مصر جي جنهن مذهبي پيشوا 280قبل مسيح پنهنجي ملڪ جي تاريخ ويهي لکي تنهن جو نالو هو مينٿو .انهيءَ تاريخ جا ڪجهه جزا مورخن محفوظ ڪري ڇڏيا .انهن مان خبر پوي ٿي ته مصر جي پهرين بادشاه منس کان وٺي ارد شير تائين ٽيهن خاندانن حڪمراني ويهي ڪئي .انهن ٽيهن ڪٽنبن کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي .يعنيٰ قديمي بادشاهي خاندان، وچولو بادشاهي خاندان ۽ جديد بادشاهي خاندان، قديم شاهي خاندان جي حڪومت جي شروعات 290قبل مسيح ۾ ٿي .سندن ئي دور جي بادشاهن چيوپس ۽ چيفرن جي زماني ۾ وچولي خاندان جي شروعات 2111قبل مسيح ۾ ٿي .اهو دور 1580قبل مسيح ٿيو .ان دور ۾ اپر مصر تي حملو ڪري اهي ماڻهو قابض ٿي ويا، جن کي تاريخ ۾ پورو هيڪوسس ( HYKOSO)جي نالي سان سڏيو ٿو وڃي .اهي سامي نسل جا ماڻهو فلسطين ۽ شام مان مصر آيا هئا .حضرت يوسف به انهي هيڪسوس جي زماني ۾ مصر آيو هو، جنهن جي ڪري حضرت يعقوب جو ڪٽنب اچي اتي آباد ٿيو هو (PHAROAH) .سڏيندا هئا .جن مان هڪ فرعون يعنيٰ منفتاهه جي زماني ۾ حضرت موسيٰ جو واقعو ٿيو .فرعون اصل ۾ بادشاهن جو لقب هوندو هو .اهي پاڻ کي سج جو اولاد سمجهدا هئا .ان وقت جيڪا قديم مصري ٻولي ڳالهائي ويندي هئي سا سامي ۽ بر بر ٻولين جهڙي هوندي هئي .ان ٻولي کي لکڻ لاءِ وري تصويرن مان ڪم ورتو ويندو هو .ان رسم الخط کي چون ٿا هيرو غلافي .( HERO GHLAPHIC)بعد ۾ ڪجهه نشان مقرر ڪيا ويا .انهي ٻوليءَ ۾ مختلف اکرن لاءِ مختلف نشان مقرر هئا .مثال طور اي جي لاءِ پکي، بي جي لاءِ ٽنگ، سي لاءِ چراغ ۽ ايم لاءِ دلو.

”ڏهن ڪي دور ۾ فنڪارن وڏا وڏا اهرام، شاندار ٿنين وارا محل ۽ مندر ويهي تعمير ڪيا .سنگتراشن ۽ نقاشن ان وقت جي ديوتائن، ديوين، انسانن ۽ جانورن جون تصويرون اهريون ته ويهي ٺاهيون جو اهي اڄ به قائم ۽ دائم آهن .مصر ۾ سج جي پوڄا هيليو پولس راڄڌاني مان ٿي، جتي اڄ قاهره جو مشهور علائقو هيليو پولس واقع آهي .هيليو پولس جي لفظي معنيٰ آهي شهرِ آفتاب، سعني سج جو شهر، هن ئي شهر مان مذهبي پيشوائن مصر ۾ پهريون مذهبي سرشتو تيار ڪيو ۽ اهي به مصري هئا، جن 4241قبل مسيح جو پهريون ڪيلينڊر ايجاد ڪيو .ڏهن قديم زماني ۾ مصرين جو نئون سال جولاءِ کان شروع ٿيندو هو .ان مهيني ۾ نيل نديءَ ۾ زبردست ٻوڏ ايندي هئي .مصري نجوميءَ پنهنجي مشاهدي هيٺ ان نتيجي تي پهتا ته ستاروسائرس هر سال آسمان تي سج ايرڻ کان اڳ ۾ ئي ان وقت ظاهر ٿيندو آهي، جڏهن نيل ۾ ٻوڏ ايندي آهي .پوءِ هنن انهيءَ حساب سان ال کي 12مهينن يعنيٰ 365ڏينهن ۾ ڪيو ۽ هر مهيني کي ٽيهن ڏينهن ۾ ورهائي ڇڏيو .ٽيهن جي حساب سان ٽيا سال جا 360ڏينهن باقي جيڪي پنج ڏينهن -بچيا سي وري هنن جشن نورز لاءِ رکي ڇڏيا.

”هر نئين سال کي ملهائڻ جو اهو سڄو تفصيل، رعميسس ٽئين جي مندر ۾ دوارن تي اُڪريل آهي .چون ٿا ته دنيا ۾ سڀ کان پهريون ڪبوترن وسيلي خط موڪلڻ جو طريقو به مصرين جي دماغ جي ڪارستاني هئي.

هن ئي علائقي ۾ 3550قبل مسيح هڪ ڏاهو شخص ”تاهه هوتيپ “جي نالي سان پيدا ٿيو .سندس ڪيتريون لکيل ڳالهيون شهر صحرا پانيان

پيپائرز تي محفوظ آهن .هن چيو هو:

”انسانن ۾ خوف ۽ دهشت نہ پکيڙيو .خدا ان کي سزا ڏيندو, جيڪو شخص چوي ٿو تہ سچي طاقت ۽ سچو اقتدار منهنجو آهي . گهٽو ٽٺو اهو ماڻهو ئي ڏک ڪائيندو آهي .پنهنجي اندر ۾ سدائين شانت رهو .ڏيڻ وارو خدا آهي .بندو اهو نہ سمجهي تہ سڀ ڪجهہ حاصل ڪري سگهي ٿو -۽ خبردار لفظن وسيلي ڪڏهن بہ فساد نہ پکيڙجو“.!

”سچ پچ تہ مصري ڏاڍا ڏاها ماڻهو هئا .هزارين ورهيہ اڳ بہ هنن موت کي مات ٿي ڏيڻ گهريو .مري ويل بادشاهن ۽ راڻين جي لاشن کي خبر ناهي ڪهڙا مصالحا هٽي ٿاهي سينگاري رکيائون اهڙن لکل مقبرن ۾, جو جيڪر چور گهڙي منهنجن تہ سچي زندگي رلي مري ....دنيا جي ستن عجوبن مان هڪ عجوبو يعنيٰ اهرامِ مصر, جنهن کي دي گريٽ پرامڊ بہ ڪري چون, سي قاهره کان اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي غزه ماٿريءَ ۾ واقع آهي ...ڪاش اڄ اسن انهن کي ڏسي گهون ها .شايد قسمت وري ڇڪي ڀيهر مصر وڃي اچي .چون ٿا تہ نيل نديءَ ۾ هڪ وڏي ڪشش ۽ ڇڪ آهي .جيڪو هڪ ڀيرو هن جو پاڻي پيئندو آهي, اهو ڀيهر ڇڪجي هت ايندو آهي ”ڪهڙي خبر تہ ائين ئي هجي.

ڇڪ ۽ ڪشش واري مصر جي ڌرتي جنهن ۾ سنڌ وانگر جيڪو آيو تہ هتان جو ٿي ويو .يوناني آيا تہ هتان جا ٿي ويا . اسڪندريا شهر يونانين جو آباد ڪيل, رومي آخري دم تائين مصر لاءِ رڙندا ويا .ايرانين جي اک شروع کان مصر تي رهي.

”سن 65قبل مسيح ۾ بابال جي بادشاهہ بخت نصر مصر تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪيو .بابلين کي وري مصر مان ڪڍيو اچي ايراني بادشاهہ ڪمبوچا سال 525قبل مسيح ۾ .سال 334قبل مسيح سڪندر اعظم مصر تي حملو ڪري اسڪندريا جي نالي نئون شهر ٺاهيو .سڪندر جي مرڻ بعد مصر ۾ پٽولمي يعنيٰ بطلموسي خاندان جي حڪومت جو بنياد پيو .تان جو پٽولمي XIIجي وفات کانپوءِ ڪلوپيٽرا VIIجي دور ۾ رومي جنرل جوليس سيزر اچي مصر تي قبضو ڪيو .جڏهن جيولس سيزر مارجي ويو تہ ڪلوپيٽرا پنهنجي ڀاءُ /مڙس پٽولمي XIIکي مارئي سيزر جي جرنل اينتوني سان گڏجي مصر ۾ خود مختيار حڪومت ٺاهي ورتي.

”هوڏانهن روم ۾ جيولس سيزر جي ڀاڻيجي جي پٽ اوڪيٽوين, سينيٽ کان اجازت وٺي مصر تي حملو ڪري ڏنو .جنگ لڳي ۽ مصري جنگي ٻيڙي کي شڪست نصيب ٿي .مارڪ اينتوني ۽ ڪلوپيٽرا آپگهات ڪري پنهنجو پاڻ ختم ڪري ڇڏيو .بعد ۾ مصر رومين جي قبضي ۾ هليو ويو .تان جو سال 642ع ۾ مسلمانن مصر تي حملو ڪري مصر کي اسلامي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو .فاتح مصر عمرو بن العاص کي مصر فتح ڪرڻ ۾ 23مهينا لڳي ويا .ڊسمبر 639ع ۾ مصر تي حملو ٿيو .آخري شهر اسڪندريا هو .ان جو مسلمانن 641ع ۾ گهيرو شروع ڪيو 8 .نومبر 641ع ۾ اسڪندريا جي ماڻهن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا .در اصل ان وقت قبطين تي جيڪي مصر جا اصلوڪا رهاڪو هئا -رومين جو وڏو ظلم هوندو هو .اسڪندريا رومين جي هٿيان ويو تہ سڄو مصر اسلامي سلطنت جو حصو ٻنجي ويو“.

”مصر ان وقت بہ ايڏو ئي سهڻو هو, جهڙوڪ اڄ آهي .خود قرآن شريف ۾ بہ مصر جو پنجن آيتن ۾ ذڪر آيل آهي) .مثال طور : ”مصر شهر هليو وڃ .اُتي توکي اُهي شيون ملنديون, جن جو تو سوال ڪيو“ “.داخل ٿي وڃ مصر ۾, جيڪڏهن الله گهريو تہ خير عافيت سان رهندين(“!

”حضرت عمر, جڏهن مصر فتح ٿيڻ کانپوءِ عمرو بن عاص کان مصر بابت تفصيل پڇا, تہ هن جواب ۾ خط لکيو:

”اميرالمومنين, جو خط, الله سائين کين سدائين سلامت رکي, پهتو, جنهن ۾ حُڪم ٿيو آهي تہ مصر بابت تفصيل لکان .امير المومنين مصر هڪ ڇهچ سائو, زرخيز هنڌ آهي .هن کي خاڪي رنگ جي جبل ۽ خاڪستري رنگ جي ريگستان, چئني پاسن کان گهيري ۾ آٽي رکيو آهي .سندس وچ مان نيل درياهہ ٿو وهي, جنهن جو وهڪرو ڪڏهن تيز ٿو ٿئي, تہ ڪڏهن بنهہ آهستي -جين سج ۽ چنڊ, چڙ تہ اهي کير جون هجن ۽ ماکيءَ جون مکيون ٿيون ان جي مٿان يُون يُون ڪن .ڌرتيءَ جا چشما, نيرا ۽ تکيون نيون جڏهن ان ۾ پوڏ ٿيون آٽين تہ درياهہ رانياڻ ٿو ڪرڻ لڳي ۽ جڏهن ان جون لهرون مٿي ٿي ڪنارن کي ٽپيو ٿيون وڃن, تہ ننڍڙيون ٻيڙيون ٿيون ان ۾ هلن, جن کانسواءِ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ ناممڪن ٿي پوندو آهي, پوءِ اهي ٻيڙيون ائين پاسنديون آهن, چڙ ڪڪرن ۾ لکل چنڊ تري رهيو اهي .جڏهن نيل جي پوڏ زور ٿيندي آهي, تہ پوءِ اها اهڙي ئي شان ۽ مان سان

پئتي لهندي آهي .پوءِ ان وقت ماڻهو نڪرندا آهن .ڌرتيءَ جي ڇاتي کوٽي ان منجهه ٻج ڇٽيندا آهن ۽ پروردگار کان پوک جي وڌڻ ۽ ويجهڻ جا طلبگار ٿيندا آهن.

”جيڪي ماڻهو محنت نه ڪندا آهن، اهي به بنا ڪنهن محنت جي ان جي ڦل پائيندا آهن .جڏهن ٻج، سلو ٿي ڌرتيءَ مان ڦٽندو آهي ته گهم ان کي پاڻي پيئاريندي آهي ۽ ڌرتي ان کي کاڄ ڏيندي آهي -۽ ان وقت يا اميرالمومنين، مصر جي ڌرتي قسمين قسمين جا رنگ بدلائيندي آهي .اڃا هاڻي اها ڪنهن چمڪندڙ موتي جهڙي ته ڪنهن مهل عنبر ۽ اشهب .اڃا هاڻي زمرد سائي آهي ته اجهو ڪٽڪائين رنگ جهڙي ٿي ويندي آهي .پاڪ آهي اهو خالق ڪائنات، جنهن مصر کي اهڙين نعمتن سان آهي نوازيو نويس لکن ٿا ته جڏهن اهوخط حضرت عمر کي پهتو، ته هن اهو خط پڙهي چيو، ”سبحان الله، ابن عاص، تو مصر جي تصوير منهنجي اکين آڏو آڻي ڇڏي“!

البت ڪي عالم، ان خط کي عاص جو خط نه ٿا مڃين .هو چون ٿا ته ههڙي شاندار اسلوب واري ٻولي، ڪنهن ٻئي جي آهي . والله علم باالصواب!

هڪ ٻئي خط ۾ به عمرو بن العاص اسڪندريا بابت حضرت عمر کي لکيو:

”مون هڪ شهر فتح ڪيو آهي .ان جي جيتري به واکاڻ ڪجي اها گهٽ آهي، وڌ ۾ وڌ مان اهو چئي سگهان ٿو ته مون هتي چار هزار عمارتون ۽ ايترا حمام ڏٺا آهن .هن سهر ۾ چاليهه هزار يهودي آباد آهن ۽ چار سو ناچ گهر آهن“!

۽ اڄ اسين رارت جو مصر جي ساڍا نو سو ورهيه پراڻي شهر قاهره جي رستن تي هئاسين .دراصل قديم مصر به اهو ئي علائقو هو، جنهن کي اڄ سڏين ٿا قاهره جي نالي سان .هن شهر کي اولهه کان جبل مقاتم پنهنجي گهيري ۾ آڻي ويٺو آهي ته اوير کان وري اٿس نيل ندي .هن علائقي تاريخ جي انيڪ اهم دورن کي اکين سان ڏٺو آهي .هڪ هيليو پولس، )ٿي هزار هڪ سئو ويهه قبل مسيح (بيو سيمپس، ٿيون بيبون قلعي وارو درور .جتي اڄ قاهره شهر آباد آهي اتي قديم شهر جو نالو هو ممفس .ان دور ۾ اهرام ٺهيا .بيبلون قلعي کي 640ع ۾ اسلامي لشڪر اچي ختم ڪيو.

**

# قاهره جو آباد ٿيڻ

قاهره تڏهن آباد ٿيو، جڏهن 4فيبروري 969ع تي طاطمي خليفي المعزز الدين الله 975) ع952 -ع جي سپهه سالار جوهر صقلي مصر تي سوپ پاتي .مصر فتح ٿيڻ بعد خليفي پنهنجي غلام ۽ فاتح جنرل کي حڪم ڏنو تہ اتي بغداد جهڙو سهر آباد ڪيو وڃي، جنهن ۾ اسماعيلي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ وڏو درسگاهہ ۽ ڪتب خانو پڻ هجي.

15آگسٽ 969ع ۾ هُن هڪ نئين شهر ۽ درسگاهہ ”جامع الزهو “جو بنياد رکيو .بعد ۾ اُتي هڪ وڏو ڪتب خانون پڻ قائم ڪيو .اهو شهر قاهره ۽ جامع الازهر اڄ بہ قائم ۽ دائم آهن .تاريخي قاهره شهر جي بنياد پوڻ وارو احوال بہ ڏاڍو دلچسپ آهي:

”چون ٿا تہ خليفي معزز الله ۽ سندس غلام جوهر صقلي، جو ستارن جي عِلم، يعنيٰ نجوم ۾ تمام گهڻو ويساهہ هوندو هو .هنن نجومين کان ڪا سٺي ساعت يعنيٰ نيڪ گهڙي ۽ ڏينهن جي پڇا ڪري ان ڏينهن تي نئين شهر جي پيڙهہ وارو پٿر رکڻ جو پروگرام رٿيو .سوين ماڻهن اچي گڏ ٿيا .جن نئومين نيڪ گهڙي ڪدي، اهي بہ پيڙهہ وارو پٿر رکڻ واري پٿر واري هنڌ تي رسيون ٻڌي، انهن ۾ گهنڊيون ٻڌي ڇڏيون، تہ جنهن مهل نيڪ گهڙي اچي، تہ هُو رسيءَ کي ڪٽي هلائين، ۽ مزدور گهنڊنن جو آواز ٻُڌي، پيڙهہ وارو پٿر هٽي ڇڏين.

قدرت خدا جي، ان مهل اوچتو هڪ ڪانگ اچي، رسيءَ تي ويٺو، تہ گهنڊيُن وارو رسو لُڏڻ سبب گهنڊيون وڄڻ شروع ٿي ويون .هوڏانهن مزدورن سمجهيو تہ رسيءَ کي نجومين هيلايو آهي .سو هنن يڪدم ڪٽي شهر جي پيڙهہ وارو پٿر نصب ڪري ڇڏيو.

”ان مهل مريخ سيارو ( Maras )سامهون هو .عربي ۾ مريخ کي چون قاهر .مريخ جهيڙي ۽ لڙائي جو سيارو آهي .جنهن کي نجومي نحس ستارو ڪري سمجهندا آهن .اهو لقاءَ ڏسي نجومين وٺي پريان کان دانهون ڪيون .چي، ”قاهر سامهون آهي، بنياد نہ رکو .“!! پر ان مهل دير ٿي چڪي هئي ۽ هڪ نئين شهر جي پيڙهہ وارو پٿر رکجي چڪو هو .ان وقت خليفو ڪجهہ نہ پئي ڪري سگهيو نہ وري جواهر صقليءَ جي هٿ ۾ ڪجهہ هو .پوءِ انهي نسبت سان شهر جو نالو ئي ڪٽي رکيائون القاهره، جيڪو سڏجي اڄڪلهہ قاهره جي نالي سان.

هن شهر پنهنجا انيڪ عروج ۽ زوال بہ ڏٺا .چون ٿا تہ شهر جو بنياد رکندڙ خليفي المعزز الدين الله جي پٽ العزيز با الله 975) ع - 996ع کي ڪتاب گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو .انهي خليفي قاهره ۾ ڪيتريون پليون ٺهرايون، سمجدون ۽ محل جوڙايا، ڪنال کوٽايا ۽ وڏي ڳالهہ تہ هن قاهره شهر ۾ پنهنجي محل اندر هڪ وڏي ڪتب خانون قائم ڪيو .اهو ڪتب خانو خانگي طرز جو هو .ان جو انتظام وري سندس وزير يعقوب اصل عراق جو يهودي هو جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿيو هو .خليفي جو ڪتب خانو اتڪل چاليهہ ڪوٺين تي مشتمل هو .لائبريري جو انجارچ ان وقت جو مشهور تاريخيدان ۽ مصنف علي بن محمد الشابشي هوندو هو .انهي ڪتب خاني ۾ فقط قديم علوم يعنيٰ نجوم، فلسفي، رياضِ وغيره جا 18هزار ڪتاب موجود هئا .جڏهن تہ ڪتابن جو مجموعي تعداد 2لک ٻڌايو پيو وڃي ٿو.

ان وقت قاهره شهر ۾ ابن البواب ۽ بنو مقلہ جهڙا ٻہ وڏا خطاط رهندا هئا .سندن هٿن سان لکيل ڪيترن ئي ڪتابن ڪانسواءِ قرآن حڪيم جا 24سون ۽ چانديءَ جي پاڻيءَ سان لکيل نسخا رکيل هئا.

بعد ۾ خليفي العزيز 996 -1021) ع (جي پٽ الحاڪم انهيءَ ڪتب خاني کي محل مان ٻاهر ڪڍي آڻي هڪ عمارت ۾ رکيو .مصر ۾ پبلڪ ڪتب خاني جي اها پهرين شروعات هئي .ان ڪتب خاني جو نالو هو دارلعلم .ڪتب خاني ۾ هر مذهب جي ماڻهوءَ کي اچڻ جي اجازت هئي .قاهره جي ان شاندار ڪتب خاني ۾ علم جي طالبن کي مس، قلم ۽ ڪاغذ مفت ڏنو ويندو هو .ان وقت انهي لائبريري تي جيڪو خرچ ٿيندو هو، تنهن جو تفصيل تاريخ جي ڪتابن ۾ هن ريت ڄاڻايل آهي:

1. تڏا وٰغيره :ڏهہ دينار
2. لائبريرين جو پگهار 48 :دينا
3. فراش جو پگهار 15 :دينار

شهر صحرا پانيان

4. پردن جي مرمت :هڪ دينار
5. نمدي جو فرش 5دينار
6. ڪتابن لاءِ ڪاغذ 90دينار
7. ماشڪي 12 :دينار
8. مس قلم 13 :دينار
9. ڪتابن جي جُلد بندي 12 :دينار
10. دريون سرديءَ لاءِ :دينار
11. تنهن ڪانسواءِ ڪتب خاني ۾ ڪيترائي ڪاتب موجود هوندا هئا، اُهي شاگردن کي ڪتاب نقل ڪري ڏيندا هئا . الحاڪم پاڻ به هڪ وڏو عالم هو .هن ڪيترائي مذهبي ڪتاب لکيا ۽ لڳاتار ويهه ورهيه مصر تي حڪمراني ڪئي .سندس ماءُ هڪ عيسائي عورت هئي پر تاريخ نويس لکن ٿا ته ايڏو وڏو ادب دوست هوندي سخت مذهبي ماڻهو هو .سندس پڇاڙڪي دور ۾ عيسائين ۽ يهودين تي ڏاڍ سخت قانون ٺاهيا ويا .هو پاڻ به ڏاڍي پراسرار طور تي مارجي ويو .چون ٿا ته ڪيس ستارن جي علم ۽ نجوم جو ڏاڍو سوق هو .هن قاهره جي ٻاهران جبل مقاتم تي هڪ رسد گاهه ٺهرائي هئي .ان تي ويهي ستارن کي ڏسندو هو 13 . فيبروري سال 1021ع تي هو اڪيلو جبل ڏي ويو ۽ واپس نه وريو .ماڻهن ڳولا ڪئي ته جبل تي فقط سندس رت سان پريل جُبو پيو هو.

افسوس ته اهو ڪتب خانو بعد ۾ تباهه ٿي ويو .فاطمي خليفي المستنصر (1045 -1094)جي زماني ۾ 1068ع ۾ قاهره ۾ زبردست بغاوت ٿي .سندس فوج جا حبشي سپاهي، مصري سپهه سالار ناصر الدوله بن حمدان جي اڳواڻيءَ ۾ ترڪ سپاهين خلاف برسرِ پيڪار ٿيا .آخر وڏين مشڪلاتن سان مخالف فوج کي شڪست ڏني وئي پر سپهه سالار پنهنجي سپاهين لاءِ خليفي کان تاوان ورتو .تاوان وٺڻ ۾ سندس وزير ابو الخراج محمد بن جعفر المغربي به شامل هو .هن ڪار گذاريءَ جي انعام طور ڪانئس پنجاهه هزار دينار گهريا، دينار خليفي وٽ ڪو نه هئا .نتيجي ۾ هُن خليفي کان ايترا ڪتاب ورتا جو پنجويهه اُٺَ ڪتابن سان پرجي ويا .انهن ڪتابن جي قيمت هڪ لک دينارن کان به وڌيڪ هئي.

ساڳي ئي سال تُرڪ فوجن وري بغاوت ڪري سپهه سالار ناصر الدوله کي قاهره مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو .ترڪي فوج جڏهن قاهره ۾ ڪيترن ئي جاين تي چڙهائي ڪئي، تڏهن سلطان جي محل جو ٻاهروين ڪتب خانو تباهه ٿي ويو .البت محلات اندر قائم ڪتب خانو لشڪر جي دستبر کان محفوظ رهي ويو، چاڪاڻ ته ان جو رستو مخفي هو، جو هو ڳولي ن سگهيا .باقي بچيل ڪتاب اسڪندريا جي هڪ گورنر کي هٿ لڳا .جڏهن اهي ڪتاب وري قاهره ڏي موٽايا پئي ويا، تڏهن حبشي غلامن قافلي تي حملو ڪري اهي ڪتاب واٽ تي ڦري ورتا .حبشي غلامن مان عنيمت ۾هٿ آيل ڪتابن جي چمڙي جي جُلدن مان پنهنجن پيرن جون جتيون جوڙائي ڪتاب ساڙي ڇڏيا .ساڙڻ جو سبب اهو هو، جو قصر سلطاني مان آيل ڪتاب سندن عقيدي موجب نه هئا.

باقي جيڪي ڪتاب سڙڻ کان بچي ويا، انهن کي قاهره جي ٻاهران هڪ ميدان تي آڇي اڇلايائون .ان کي ”ڪلال الڪتب “يعنيٰ ڪتابن جو دڙو ڪوٺيو ويندو هو .تنهن هوندي به قاهره ۾ آخري فاطي خليفي العاضد 1171)ع1160 -ع (جي وقت تائين ڪتب خانون چڱو هوندو هو .سال 1168ع ۾ سلطان نور الدين زنگيءَ جي سپهه سالار صلاح الدين ايوبي مصر کي فتح ڪي .هن پنهنجي وزير الفاضل کي هڪ لک 20هزار ڪتاب دان ڪري ڇڏيا .باقي بچيل ڪتاب چاڪاڻ ته اسماعيلي عقيدي جا هئا . ان ڪري اهي هفتي ۾ ٻه ڀيرا قاهرهجي بازارن ۾ نيلام ٿيندا هئا .انهن ڪتابن جي ڍير کي نيلام ٿيڻ ۾ هڪ سال لڳو.

هن ئي شهر ۾ ويهي، مشهور حاڪم سلطان صلاح الدين ايوبي، (1116 -1207)عيسائي حڪومتن سان مقابلا ڪيا .بعد ۾ 1517ع ۾ مصر، ترڪيءَ خلاف هيٺ رهيو .نيپولين بونا پارٽ به هڪ ملڪ کي 1799ع ۾ فتح ڪيو .پر هو هڪ سال کان وڌيڪ راڄ نه ڪري سگهيو .آخر مصر برٽش حڪومت جو حصو بڻجي ويو.

تاريخ جي هن سموري اُٿل پٿل ۾ نيل درياهه ۾ اهرامء مصر قائم ۽ دائم –سڪندر، دارا، عمرو بن العاص ۽ نيپولين جهڙا چالاڪ

حڪمران ان جو ڪجهه بہ بگاڙي نہ سگهيا .ابو الهول يعني اسپينڪس اڄ ٻہ اهڙي ئي مان ۽ شان سان اوپر مان ايرندڙ سج کي تڪيندو ٿو رهي-

)ڪاش ابوالهول جو مجسمو ڏسي سگهجي ها .زندگي بنھ مختصر ۽ خواهشوڳن ڊگهيون(

۽ مصر جيڪو ڪڏهن شاهہ فاروق جي عيش وعشرت طور مشهور هوندو هو .مصر جيڪو بعد ۾ جمال عبدالناصر جي اڳواڻيءَ ۾ سڄي عرب ملڪن جو ليڊر بڻجي ويو .مصر جتان جي مشهور ڳائڻي اُم ڪلثوم پنهنجي آواز ذريعي سڄي عرب پيٽ کي مشهور ڪري ڇڏيو....

**

# قديم قاهره، نيل ندي ۽ قلوپطره

-”ڀانو ڪهڙي سوچ ۾ هليو وئين“؟ مون کي خيالن ۾ گم ڏسي پوئين سيٽ تي ويٺل اعجاز مهر چيو :مان خيالن جي دنيا مان موٽي آيس، اسان جي ٽيڪسي تيزيءَ سان قاهره جي ڪليل رستن تي پئي ڊوڙي ۽ مان هزارين ورهيه اڳ جي مصر بابت پئي سوچيو . ٻاهر قاهره جي رستن تي گاڏين جي اچ وڃ جاري هئي .فوٽ پاٿن تي ماڻهو پسار ۾ مشغول هئا .مٿي مصر جي آسمان تي تيرهينءَ جون چنڊ ڪڏهو ڪو نروار ٿي اسان سان گڏ ڊُڪي رهيو هو.

سڪندر دي گريٽ کان وٺي عمرو بن العاص، حسن بن صباح کان شاهه فاروق جو تختو اونڌو ڪندڙ ڪرنل نجيب ۽ جديد مصر جي باني صدر جمال ناصر تائين، زندگي وارن دوان .اُمِ ڪلثوم ۽ شاهه فاروق جي ناچڻي سميعه جمال جو مصر اڄ به جوان ۽ جماڻ اسان جي اکين آڏو هيو.

مون مصطفيٰ کان پڇيو، ”شاهه فاروق جو نالو ٻڌو اٿئي.؟“

وراڻيائين، ڪهڙو فاروق“؟ مون ڪِلي ڪٽي ماٺ ڪئي) .شاهه فاروق تي ياد آيو، قاهره ۾ هونئن ته انيڪ بادشاهه دفن آهن .پر ويهين صديءَ جا ٻه بادشاهه ڏاڍي لاچاري ۽ جلاوطنيءَ جا ڪشالا ڪڍي، جڏهن مئا ته ڪين قاهره ۾ دفن ٿيڻو پئجي ويو .اها هئا، مصر جو شاهه فاروق ۽ ايران جو شهنشاهه رضا شاهه پهلوي –هڪ هنڌ دفن آهن(.

ان مهل گاڏي هڪ محل وٽان لنگهي، هن ٻڌايو، ”هيءَ محل پراڻي وقت جو آهي “!محل جا اونداها پاڇا، پنهنجي ماضيءَ جي عظمت جا خاموش گيت ڳائي رهيا هئا .اڄ جي نئين مصري نسل کي نه ڪنهن فعون جي فرعونيت، نه وري ڪنهن بادشاهه جي شهنشاهي جي پرواهه، اهو محل مصر جي اڳوائڻي بادشاهه، شاهه فاروق جو محل عابدين هو .شاهه فاروق جي بادشاهت کي 1952 ع ۾ ڪرنل نجيب ۽ جمال عبدالناصر اونڌو ڪيو ته پهرين هتي هڪ هوٽل قائم ڪئي وئي هئي .اڄ ڪلهه اتي صدر مصر جو مهمان خانو آهي .ان ئي محل ۾ جڏهن هوٽل قائم ٿي ته ان ۾ شاهه فاروق جي دلپند عربي ناچڻي سميعه جمال نچندي هئي .اڄ شاهه فاروق قاهره ۾ ئي مٽين منهن مٽيءَ هيٺان دفن آهي .پر اهو محل قاهره ايندڙن کي زندگي جي عروج ۽ زوال جي داستان پيو ٻڌائي.

)۽ سميعه گمال بيروت ۾ ڊانس ڪندي دنيا جي هجوم ۾ هميشه هميشه لاءِ ڪوئجي وئي(.

قاهره شهر کان پريرو گهڙيءَ ۾ اسان جي ڪار ڦرندي اچي نيل ندي جي ڪپر تي بيٺي.

”اچو سر، نيل اچي وئي “!مصطفيٰ هڪ هنڌ ڪار بيهاري اسان کي لهڻ لاءِ چيو.

ٻاهر نيل جي پرواري روڊ روشنيءَ سان پئي ٻريو .اسان موٽر سان لٿا سين .ساڄي پاسي ڏاڪڻيون ٺهيل هيون .سامهون نيل ندي رات جي روشنين ۾ اسان جي سامهون وهي رهي هئي .قاهره شهر مان جتان نيل لنگهي ٿي، اتان ٻئي ڪپر مٿي ڪري درياهه جي ٻنهي پاسي پارڪ، هوٽلون ٺاهيون ويون آهن .اسين جتي بيٺا هئا سين .اهو هنڌ گهڻو مٿانهون هو .در اصل مصرين، نيل جي ٻنهي ڪنارن کي پڪا بند ڏئي، ان جي ٻنهي ڪنارن کي تفريح جو مرڪز بڻائي ڇڏيو آهي.

اسين ڏاڪڻيون لهي هيٺ آيا سين .منهنجي خيال ۾ اهو نيل جو ساڄو ڪپر هو .سامهون قديم نيل نديءَ اسان جي سماهون هئي .درياهه ۾ ڪيترين ئي لانچون پئي هليون .ڪناري تي به انيڪ لانچون بيٺل هيون .انهن لانچن تي لڳل قسمين قسمين جا رنگين جهنڊا پئي هوا ۾ جهوليا .ڪنارو بيحد خوبصورت ٺهيل هو .مصطفيٰ اڳتي وڌي هڪ لانچ واري سان عربي ۾ ڳالهائڻ لڳو، گهڙيءَ ۾ هن سان ڳالهائي، لانچ مالڪ کي آڻي اسان جي حوالي ڪيائين .چي، ”خدا حافظ“.

اسين لانچ ڏي وڌياسين، ته وري ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳو، ”برادر هاڻي صبح جو ملاقات ڪندا سين“!

مون چيو، ”برادر ڪلاڪ ڏيڍ ۾ موٽي اچجانءِ“

ڪلي چوڻ لڳو، ”مان اتي ئي آهيان، توهان گهمي جنهن به مهل ايندؤ مان توهان کي هتي ئي ملندس“!

اسين لانچ ۾ ويٺاسين، لانچ ڇڱي ڪشادي ٺهيل هئي .ان ۾ ٻه عربي ميربحر اڳي ئي ويٺل هئا .هڪ ٽيپ رڪارڊر سندس آڏو رکيل هو .لانچ تي ڳاڙهيون، پيليون جهڏيون ۽ جهنڊا لڳل هئا .انهن جون بيرڪون هوا ۾ پئي ڦڙڪيون .گهڙيءَ ۾ لانچ آهستي

آهستي ڏکڻ طرف هلڻ لڳي .نيل جي ٻنهي ڪنارن تي عمارتون ٽهيل هيون .اهي تيز روشنين ۾ پئي جر جر ڪيون جرڪيون.

الائي ڇو قاهره جي وچون وچ لنگهندڙ نيل، ان مهل مون کي ويکر ۾ سنڌو درياهه کان ٻنهه ننديي لڳي .سکروٽ، سنڌوهه درياهه جو ويڪرو پيٽ ۽ ان جي ٻنهي ڪنارن تي آباد سکر ۽ روهڙيءَ جا ڪنارا مون کي نيل کان وڌيڪ سهڻا لڳا .اها ٻهي ڳالهه آهي ته نيل جي ڪناري کي تفريح جوڳو ٺاهڻ لاءِ مصري حڪومتن واقعي وڏي جاکوڙ ڪئي آهي .اسان وٽ ته اهڙي ڳالهه ئي ڪونهِ، جيڪر ڄامسوري کان وٺي گدوبندر تائين، سنڌوءَ جو ڪاٻو ڪپر پڪنڪ پوائنٽ لاءِ ٺاهجي ته هوند سنڌو درياهه جو ڪپر، نيل کان وڌيڪ سهڻو ڏسڻ ۾ اچي!

هن ئي نيل مان هڪ چاندوڪي رات جو هڪ نئون ڇايل ٻار موشي، فرعون جي ڌي کي لڌو هو، پوءِ اهو ٻار، موسيٰ جي نالي سان فرعون جي فرعونيت سان وڙهيو .چون ٿا ته جتي اڄ قاهره شهر آباد آهي، اتي ئي ڪٿي فرعون جا محل هوندا هئا.

۽ هن ئي نيل نديءَ ۾ اڄ کان ٻه هزار ورهيه اڳ، يعنيٰ قبل مسيح 69۾ مصر جي بادشاهي پتولمي XIIجي ڌيءَ ڪلوپيٽرا VII جا پيڙا هلندا هئا .هن جي سونهن جي بادشاهي پتولمي XIIIسان سندس وهانءُ ٿيو .ان مهل پتولمي جي ڄمار هئي ڪل ڏهه ورهيه .پوءِ اهو ئي ٻاٽس سانٽس تخت لاءِ وڙهيو.

اسڪندريا شهر تڏهن مصر جي گاڏي جو هنڌ هو .ڪلوپيٽرا انهي ئي شهر ۾ جنم ورتو .هوءَ تمام گهڻي سهڻي، چارمنگ ۽ بهادر عورت هئي .ڪلوپيٽرا جا وڏا اصل مصر جا نه پر مقدونيا جا هئا .ڪيس يوناني ٻولي سميت ڪيترين ئي ٻولين تي عبور حاصل هوندو هو، پر هوءَ ڳالهائيندي سدائين مصري ٻولي هئي .هن ڪڏهن به ڌاريي سفير سان ڳالهائڻ لاءِ پاڻ وٽ مترجم نه رکيو .ڪيس مصري ادب، مصري ۽ يوناني ثقافتن سان بيحد محبت هوندي هئي .ستارن جي علم ASTRONOMYجي به ڪيس وڏي چاڻ هئي .تڏهن قديم مصري شاهي گهراڻن جي عورتن کي ڪڏهن به راڻيءَ جي لقب سان نه، پر رايل آرنامينٽ ڪري سڏيو ويندو هو ... ڪيس ٻه ڀيون پيٽيو به هيون .انهن مان هڪ هئي بيرينس ۽ ٻي جو نالو هو ارزينوو.

روم جو حڪمران جو ليس سيزر ۽ سندس وزير جنرل مارڪ انٽوني هڪ ئي وقت مٿس عاشق هئا .پر ڪلوپيٽرا جي دل هئي انٽوني سان .دراصل ڪلوپيٽرا سان انٽوني اسڪندريا ۾ تڏهن مليو هو، جڏهن هوءَ پندرنهن سالن جي هئي .جوليس سيزر جي مرڻ بعد، ڪلوپيٽرا، انٽوني سان گڏجي، مصر تي حڪومت ڪرڻ لڳي .بعد ۾ روم جي حڪمران آڪٽوين مصر تي حملو ڪيو . حڪومت ڪرڻ لڳي .بعد ۾ روم جي حڪمران آڪٽوين مصر مصر تي حملو ڪيو .جنگ ۾ ڪلوپيٽرا ۽ مارڪ انٽوني هارائجي ويا .انٽوني زندهه هئي .اڪندريا تي رومي فوج قابض ٿي چڪي هئي .ڪلوپيٽرا پنهنجي پاڻ کي موت جي سزا جو فيصلو ڏئي جنرل کي هڪ خط لکي اماڻيو .فاتح حڪمران خط کولي پڙهيو ته اها ڪلوپيٽرا جي اپيل هئي .ان ۾ ڪلوپيٽرا لکيو هو ته ڪيس مرڻ کانپوءِ انٽوني جي مقبري ۾ ساڙڻ جي اجازت ڏني وڃي.

بادشاهه خط پڙهي فوري طور تي پنهنجا سپاهي ڊوڙايا ته ڪيئن به ڪري ڪلوپيٽرا کي آپگهات کان روڪيو وڃي -پر تيتر گهڻي دير ٿي چڪي هئي .ڪلوپيٽرا پنهنجي ٺاهيل MAULALEUM۾، ٻانهي ايروز کي چيو ته تون مون کي قتل ڪري ڇڏي .پر وفادار نوڪرياڻيءَ ڪلوپيٽرا کي مارڻ بدران پاڻ کي ماري ڇڏيو.

جڏهن آڪٽوين جا رومي گارڊ ڪلوپيٽرا جي خواب گاهه ۾ داخل ٿيا ته هنن 39سالن جي خوبصورت ڪلوپيٽرا جي ٻي ٻانهي چارمائن اڌ مئل حالت ۾ ڪلوپيٽرا جو سونو تاج جهليو بيٺي هئي.

رومي گارڊ اهو حال ڏسي ٻانهي کان ٺوڪ طور پڇيو، ”چارمائن، ڇا تنهنجي مالڪياڻي هي سٺو ڪم ڪيو آ؟“

ٻانهيءَ آهستي وراڻيو ”ها، هن بلڪل سٺيو ڪيو ....آخرڪار هوءَ انيڪ بادشاهن جي نسل مان هئي"!!.

اهو جواب ڏئي هن به اتي پساهه ڏنو .اصل ۾ ڪلوپيٽرا، پاڻ کي هڪ خطرناڪ زهريلي نانگ ISPکان پاڻ ڏنگايو هو . ڪلوپيٽرا ئي مُئي هزارين ورهيه لنگهي ويا، پر تاريخ ڪيس ڪڏهن به نه وساري سگهي آهي .هن جو هڪ خوبصورت محل اسڪندريا ۾ ميڊيٽرين سمنڊ جي ڪناري آباد هو .اهو محل سنگ مرمر، هيرن جواهرن سان جڙيل هو، جنهن ۾!!....

”-مدد صاحب ”اعجاز مهر مون کي سڏيو ڪيو، مان ڪلوپيٽرا جي خيالن مان نڪري هن کي ڏٺو.

-”جي “–

14 نيل ندي ۾ واقعي ڏاڍو شحر آهي .هن چيو.

15 ”ها, واقعي نيل ۾ ڏاڍي چڪ آهي” !مون اتهاسڪ نيل جي وهندڙ پاڻي کي ڏسندي چيو.

-”ڇا اڄ چوڏهينءَ جي رات آهي؟ “اعجاز پڇيو.

”اڄ چوڏهينءَ جي رات آهي “!وراڻي ڏنم.

-”پر چنڊ ته چوڏهينءَ جهڙو آهي؟ “قمر راڄپر چيو.

-”ها چنڊ واقعي چوڏهين جهڙو ئي آهي “!مان چنڊ کي مٿي ڏسندي چيو.

ان وقت تيرهينءَ جي چنڊ جا ڪرڻا, سڌا اسان جي مٿان پئجي رهيا هئا .نيل نديءَ چنڊ جي روشني ۾ ڏاڍي پر اسرار لڳي رهي هئي .مون مٿي چنڊ ۽ هيٺ نيل کي ڏسندي سوچيو ته ٽي هزار ورهيه اڳ به هي چنڊ ائين ئي هن نيل درياهه مٿان اڀريو هوندو ۽ هزارين روهين کان پوءِ به ساڳيو چنڊ ائين ئي چمڪي رهيو هو.

چانڊوڪيءَ ۾ درياهه جو پاڻي به ماٺو هو .ڪا به لهر تکي ۽ تيز نه هئي .چڙو نيل جي ڪناري اڏيل وڏيون وڏيون عمارتون اهو احساس ڏياري رهيون هيون ته اسين اڳوڪي دور ۾ آهيون.

اسان جي ڪاٻي پاسي هڪ وڏي عمارت نظر آئي, جنهن جي مٿان عرب ليگ لکيل هو .ان دوران هڪ ڪروز اچي اسان جي ٻر سان لنگهيو .شايد اهو ساڳيو ڪروز هو, جنهن جا ٽڪيٽ ايئرپورٽ تي پئي وڪيائون .ڪروز جي عرشي تي وڏو گانو بجانو لڳو پيو هو .ماڻهن جون رڙيون ۽ گوڙ .ڪروز هڪ پل ۾ اسان جي ٻر کان لنگهي اڳتي روانو ٿي ويو.

پاڻيءَ سان تارون تار نيل کي ڏسندي مون کي سُڪل سنڌو درياهه ياد اچي ويو .ڪڏهن ته سنڌو, گجگوڙ ڪري وهندو هو .تڏهن ته انگريزن به سنڌو ۽ نيل جي ياد ۾ مشابهت ڏسي ان کي هڪ ٻئي سان ڀيٽيو .نيل ندي به سنڌو درياهه وانگر هڪ ڊگهو سفر ڪري پوءِ تي مصر ۾ داخل ٿئي .هي درياهه يوگنڊا جي هڪ ڍنڍ مان تو نڪري .انگريزن, ان ڍنڍ جو نالو رکيو آهي وڪٽوريا . نيل درياهه جي ڪل ڊيگهه چار هزار ميل آهي .سندس پيٽ ڪٽي بنهه ننڊو, ته ڪٽي وڏو ويڪرو .نيل جا ٻه حصا آهن .هڪ کي سڏين اڇي نيل جيڪا يوگنڊا مان تي نڪري .نيري نيل وري ايٿوپيا مان نڪري اچي سوڊان جي شهر خرطوم وٽ نيل سان تي ميلاپ ڪري -ائين جيئن الهه آباد وٽ گنگا ۽ جمنا جو ميلاپ ٿئي تو .دوڊان من اهي ٻئي نيل نديون هڪ, نيل تي مصر ۾ ٿيون داخل ٿين .سڄو مصر لتاڙي نيل قاهره وٽان ٿيندي اتر ۾ پورٽ سيعد وٽ ميڊيٽرين سمنڊ ۾ وڃي تي چوڙ ڪري.

نيل ندي, جڏهن سمنڊ ۾ پوي تي ته سنڌونديءَ جي ڊيلٽا وانگر هن جا ست مُنهن ڇاڙهن جي شڪل ۾ وڃي سمنڊ ٽا پون .اتي انهن ستن ئي ڇاڙُن جا نالا جدا جدا آهن .جيئن ڪيٽي بندر وٽ سنڌو درياهه جي ڇاڙن جا مختلف نالا آهن.

قاهره شهر وري نيل نديءَ جي چوڙ کان هڪ سو ميل اورتي واقع آهي .درياهه جي ٻنهي پاسن کان شهر آباد, پر نيل جا ڪنارا ڏاڍين خوبصورت, شهرن کي ڳنڍڻ لاءِ ڪيترين ئي پليون ٺهيل, جن تان ٽريفڪ جي اچ وڃ جاري و ساري .درياهه جي ٻنهي ڪپرن تي رستا ۽ انهن تي وڏيون وڏيون عمارتون, هوٽلون ۽ ريسٽورنٽ ۽ گهر پئي نظر آيا.

ڇئني پاسن کان هوا تيز پئي گهلي ۽ اسان جي لانچ هڪ پل هيٺان لنگهي) .پل قاهره جي مشهور پل ”قصر النيل “جي نالي سان مشهور آهي 132 .ميٽر ڊگهي هن پل جو بنياد 19مارچ 1932۾ رکيو ويو, جيڪا 15مهينن جي اندر 6جون 1933ع تي مڪمل ٿي .هن ئي پل ذريعي ماڻهو اهرام مصر جي غزا ماٿري ڏي وڃي سگهندا آهن .سيپٽمبر 1970۾ جڏهن مصر جو صدر جمال عبدالناصر گذاري ويو ته سندس جنازو هن پل تان لنگهيو هو .جلوس ۾ شامل ڪيترن ئي ملڪن جا صدر ۽ وزير اعظم پيرين پنڌ هن پل تان لنگهيا هئا(.

پريان ڪناري تي نيل هلٽن هوٽل جي بلند عمارت نظر اچي رهي هئي -نيل جي سحر ۽ چانڊوڪي رات جي طلسم ۾ زمان ۽ مڪان ڄڻ گم ٿي ويو هو.

نِيل کي ڏسندي ياد آيو, ڪنهن وقت ماڻهو هن نديءَ جي پوڃا ڪندا هئا .ڏکڻ سوڊان ۾ جتان نيل گذري تي اچي مصر ۾ پوي - سوڊاني ماڻهو هر سال ڪنواري نينگريءَ کي نيل کي ڀيٽا ڪندا هئا .هر سال انهيءَ خاص ڏينهن تي ڪنواري ڇوڪريءَ کي, ويس وڳا پهرائي ڪيس درياهه ۾ اڇلايو ڇڏيندا هئا .جڏهن مسلمانن مصر کي فتح ڪيو ته ان وقت به خود مصر ۾ اهڙي رسم

هلندڙ هئي .هڪ ڀيري مصر جي والي عمرو بن لعاص وٽ قبطين جو هڪ وفد لنگهي آيو .چيءِ ”اسان وٽ نيل جي هڪ رسم آهي .ان ڪانسواءِ درياهه ۾ چاڙهه ڪڏهن به نه اچي سگهندو آهي“.

عمرو پڇيوءِ ”اها ڪهڙي رسم اهي؟“

هن چيوءِ ”هر سال هن مهيني جي ٻارهين تاريخ تي هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ چندن ان ڇوڪريءَ جي مائٽن کي رضامند ڪري ڪيس سٺو ويس ۽ ڳهه ڀارائيءِ نيل نديءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهيون .پوءِ درياهه ۾ چاڙهه ايندو آهي“.

ابن عاص وراڻيوءِ ”اسلام اهڙين ڳالهين کان اسان کي جهلي ٿو“.

تنهن تي قبطين جا اهي سمورا سردار ٽي ٻيئاءِ وچڻ وقت چيائون” .جيڪڏهن نيل نديءَ ۾ چاڙهه نه آيوءِ ته پوءِ اسان مصر مان لڏي ويندا سين“.

عمرو بن العاص اها سموري ڳالهه حضرت عمر بن کي لکي اماڻيءِ وراڻيءَ ۾ خليفي لکي موڪيوءِ ”تو صحيح چيو ته اسلام اهڙين ڳالهين کان جهلي ٿوءِ مان توکي هڪ پرزي کي نيل ۾ وجهي ڇڏجائين“.

ابن عاص کي اهو خط پهتو .هن کولي پڙهيو .خط ۾ لکيل هوءِ ”الله جي بندي امير المؤمنين عمر بن خطاب طرفان نيل درياهه جي نالي ....اما بعد جيڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان وهندو آهين ته وهندو رهه .پر جيڪڏهن تو ۾ رواني پيدا ڪندڙ الله تعاليٰ واحد وقهار آهي ته اسين الله تعاليٰ واحد وقهار کان عرضدار آهيون ته اهو تو ۾ رواني پيدا ڪري“!

ابن عاص ماڻهن کي اهو خط پڙهي ٻڌايو ۽ صليبي عيد کان هڪ ڏينهن اڳ انهيءَ خط کي درياهه ۾ وجهي ڇڏيو .ٻئي ڏينهن مصر جا ماڻهو صليبي عيد جي صبح جو ننڊ مان اٿي ڏسن ته راتورات نيل نديءَ جو پيٽ ڦوڪجي وڏو ٿي ويو هو.

هڪ ٻئي روايت آهي ته :فرعون جي دور ۾ به نيل نديءَ جي ماڻهو پوڄا ڪندا هئا .اونهاري جي مند ۾ هر سال نيل ديوتا جو جشن ملهائيندا هئا .اِنهي جشن ۾ انيڪ مورتيونءِ ديوتا کي ڀيٽ ڏئي ڪاهن جي ڪاغذ تي ڪوئي قديم شعر لکي درياهه ۾ وجهي ڇڏيندا هئا ته جيئن نيل ندي ۾ ملڪ ڪا وڏي تباهي نه آڻي .يوناين ڪتابن ۾ به نيل ندي بابت ڪيترائي قصا لکيل آهن .يوناين مؤرخ پلوٽمي لکي ٿو ته مصر جي بادشاهه اگيٽن پنهنجي ملڪ کي ايندڙ مشڪلاتن کان بچائڻ لاءِ لاهامي امداد گهريءِ اشارو مليس ته پنهنجي پياريءَ ڌيءَ جي نيل کي قرباني ڏي .بادشاهه کي پنهنجي اها ڌي ڏاڍي پياري هوندي هئي .پر ملڪ ۽ ماڻهن خاطرءِ آخرڪار هڪ چاندوڪي رات جو هن پنهنجي پياري ڌي کي نيل ندي ۾ اڇلائي ڇڏيو .ڇوڪريءَ کي نيل نديءَ ۾ لوڙهڻ بعد بادشاهه کي اچي پنهنجي ڌيءَ جي ياد ستايو .چي مون هي ڇا ڪيو؟ پوءِ هو چرين وانگر نيل جي ڪناري تي ويهي لڙ لهرن ۾ پنهنجي ڌي کي ڳوليندو هو .آخرڪار هڪ ڏينهن پاڻ به نيل ۾ ٽپو ڏئي مري ويو.

**

# قديم مصر متعلق ڪجهه ٻيا قصا

ڪجهه ٻيا قصا به مسهور آهن .مثال طور مصر جي قديمي دور 1167ق مسيحءِ جي رعميس جي دور ۾ چون ٿا ته نيل جي ٻنهي ڪنارن سو کان وڌيڪ گهاٽ هوندا هئا .انهن جي وچ ۾ مفاصلو هوندو هو .هر گهاٽ تي نيل ۾ ديوتا ”حاجي “لاءِ هڪڙي محراب ٺهيل هوندي هئيءِ ان جي سار سنڀال هڪ ”ڪاهن “جي ذمي هوندي هئي .اهو ڪاهن ان محراب تي روزانو گل چاڙهندو هو .اتي نيل جي ديوتا حاجي ۽ هن جي زال ربيت ديويءَ جون ست ست مورتيون لڳل هونديون هيون .تنهن ڪانسواءِ ڪيترا بت به رکيل هوندا هئا .هر سال اونهاري ۾ مند بدلجنديءِ اهي سموريون مورتيون سونا ڳهه ڳناءِ حاجي جي جشن واري ڏينهن تي نيل نديءَ ۾ وجهي ڇڏيندا هئا .پوءِ انهن جي جاءِ تي وري نيون مورتيون اچي رکندا هئاءِ جن تي سڄو سال پوڄا ٿيندي هئي .هڪ ٻيو قصو آهي ته ڪنهن وقت هر سال ڪاٽ جي هڪ خوبصورت مورتي جوڙيءِ ان کي ڳهه ڳنا ڀارائي ان کي درياهه ۾ لوڙهيو ويندو هو ته جيئن درياهه شاهه وڏي ۽ ويجهي ۽ مصر جي ڌرتيءَ کي پنهنجي پاڻيءَ سان سڪيو سائو ۽ ستابو رکي!!

شهر صحرا ڀانيان

۽ اها ساڳي نيل سامهون وهندي ٿي نظر آئي، اسان جي مٿان مصر جي آسمان تي تيرهينءَ جو چنڊ ائين ڪڙيل هو ڄڻ آسماني رنگ جي ستارن سان ڀريل ڇت ۾ ڪوئي فانوس ٻري رهيو هجي .هيٺ نيل ندي ۾ چنڊ ۽ تارن جو عڪس .ٻنهي ڪنارن تي ڪٿي ڪٿي بيٺل ڪجيءَ جي وڻن جا جهڳٽا -جهڙوڪ ڪنهن اتهاسڪ دور ۾ هليا ويا هئا سين.

**

# نيل دريا جي خاموشي ۽ عمر خيام جي رباعي

چؤطرف خاموشيءَ جو راڄ هو .هر شيءِ نيل جي سحر ۾ گم هئي .لانچ جا مصري ناخدا به چُپ هئا .لانچ جي ڀرين ڪنڌ ۾ اعجاز مهر بيٺو سان شعل ڪري رهيو هو .قمر راڄپر ۽ مان به چُپ چاپ وهندڙ نيل ۽ چانڊوڪيءَ رات کي پئي ڏٺو .محسوس ائين ٿي رهيو هو ڄڻ وقت هڪ هنڌ نيل ندي مٿان بيهي رهيو هو.

مون وهندڙ درياءَ، چنڊ تارن سان ڀريل مصر جي آسمان، سامهون کجور جي وڻن کي ڏسندي سوچيو ڪيڏو نه وڻندڙ ۽ دلڪش منظر آهي .هيءَ رات ۽ هي منظر ۽ اهڙا ڏينهن ورلي زندگي ۾ اچن ٿا .اهڙا ڏينهن وري ڪڏهن به موٽي نه ٿا اچن .هي راتيون وري ڪڏهن به نه اينديون .رهجي وڃي ٿي ڇڙو اِنهن جي ياد .ياد جيڪا ذهن جي ڪئميرا تي ڪنهن اسٽل ويو وانگر هميشه هميشه لاءِ ٿي بيهي رهي بقول چيخوف جي" :خدا جي هي زمين خوبصورت آهي، بس هڪ شيءِ خوبصورت ڪونهي ۽ اُ آهيون اسين پاڻ".

زندگي جي سهڻي شيءِ هيءَ ڪائنات آهي .هيءَ لهندڙ سج، هي چنڊ، هي تاري ۽ هي وهندڙ درياءَ هيءَ آڪاس تي شام جو شفق جي لالاڻ ۽ ان جا انيڪ رنگ، هيءَ اڀرندڙ سج -سچ پڇ ته هن ڪائنات ۾ هيٺو آهي انسان، جيڪو سچي حياتي سمورين مشڪلاتن سان مقابلو ڪندي اونداهين ڪندن ۾ ڀٽڪندو ٿو رهي .پر ان هوندي به ڪڏهن ڪڏهن زندگي ڪيڏي نه سٺي ٿي لڳي -آرڙهه جي راتين ۽ بهار جي پر سڪون صبح وانگر.

"اوچتو اعجاز مهر سري اچي منهنجي پر ۾ ويهي چيو" .ڇا ڳالهه آهي سڀ چُپ ٿي ويا آهيو؟"

-"بس ائين ئي "مون وراڻي ڏني.

-"ڇا خيال آهي شعر و شاعري ٿي وڃي؟ "اعجاز چيو

-"نيڪ خيال آهي ".مون چيو.

-"مون کي اياز جي هڪ غزل جي سٽ پئي ياد اچي" .اعجاز چيو.

-"ٻڌاءِ" !قمر راڄپر چيو.

-"اعجاز آهستي آهستي، شيخ اياز جي غزل جون ٻه سٽون ٻڌايون:

"صنوبر جي سائي ۾ ويهي رهون،

چُمي جيئن سگهي چنڊ تنهنجون ڇڳون!

هو شعر ٻڌائي چو ٿي ويو، اڳتي ڪيس اهو نظم ياد نه هو .پر مون کي اياز جي ڪتاب ڀونئر ڀري آڪاس ۾ ڇپيل اهو نظم ياد بيٺو هو.

چيم، "اهو نظم سڄو ٻڌايانوَ"

اعجاز چيو، "ها ضرور"!

۽ اهو نظم منهنجي چپن تي لهي آيو:

"صنوبر جي سائي ۾ ويهي رهون،

چمي جيئن سگهي چنڊ تنهنجون ڇڳون،

گهڙيءَ لاءِ گناهه محبت ڪيون،

نه شايد وري زندگيءَ ۾ ملون،

نہ يو آءِ، نہ ٿيندو سدا مرحلو،
فقط رات جي رات توجيئن ڏنو،
صنوبر جي ٻانهن ۾ مهتاب هو،
سندءِ جسم جي اجنبي آرزو،
سندم روح ۾ ائين ڦر ڪُو ٻُڪو،
جيئن رڃ ڪائي هرڻي ڦري،
ڪري ڪنهن مٺي نهر جي جستجو،
رات جي چانڊوڪي ۾ نيل نديءَ سير ڪندي، اياز جي ٻولن واقعي رات کي وڏيڪ جوڀن ڏيئي ڇڏيو .اعجاز مهر چيو، ”ڪوئي بيو نظم بہ ٻڌايو مهرباني ڪري“!
مون کي پونر پري آڪاس جو هڪ غزل دل تي تري آيو:
الائي وري رات ايندي نہ ايندي،
اسان جي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي،
پلي ڏي نہ ورندي، تمنا نہ ورندي،
پئي دل اسان جي اوهان کي سڏيندي،
بهار آيو آهي، اگر تون بہ آئينم
گلن سان محبت بہ جهولي پريندي،
وري دل نہ ٻي ڪا بہ مڪڙي پٽندي،
وري تنهنجي در تي اياز آيو آهي،
سندس اک نہ ٻي ڪا بہ چانڻ چمندي،
ڪجھ مصري بيئر، ڪجھ چانڊوڪي رات، ڪجھ نيل جو ۽ ڪجھ شاعري جو اثر ۽ سحر- گهڻو وڏي ويو. چوطرف سانت ئي سانت، جڻ نيل، وقت، چنڊ، رات سڀ ڪنهن پنڊ پهڻ تي ويا هئا، اسان سميت هر شيءِ استل تي وئي هئي. لانچ ڏکڻ طرف هلندي تي وئي. الائي ڪيتريئون پليون لنگهي چڪا هئا سين، مون ملاحن کي واپس ورڻ جو اشارو ڪيو.
ملاح بہ ڪي ڏاڍا شريف ماڻهو هئا. هنن لانچ کي موڙي ورتو. هاڻي درياھ جي لهواري طرف اسان جو رخ هو. ان ڪري واپسي مهل نہ رڳو لانچ جي رفتار تيز ٿي وئي بلڪ مٿان هوا ڏاڍي تکي ٿي وئي، بس نيل ۽ سنڌوءَ ۾ صرف هڪ اهو ئي فرق نظر آيو. سنڌو درياھ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۾ تو وڃي پوي، ۽ نيل وري اتر ۾ بحيره روم ۾ ٿي وڃي چوڙ ڪري.
واپسي مهل اسين چپ هئاسين. لانچ هڪڙي هنڌان لنگهي. پريان کان سمجهيم تہ ڪو وڏو جهاز آهي، ويجھا ٿيا سين تہ خبر پئي تہ اها بہ ڪائي ريسٽورينٽ هئي. هڪ وڏي جهاز جهڙي، ٺهيل ريسٽورنٽ، جنهن جي شيشي جي درين مان اندر ٻريل ميڻ بتيون پئي نظر آيو. ميزن ۽ ڪرسين تي ماڻهو ويٺل، عورتون ۽ مرد- گهڙيءَ ۾ اسان جي لانچ اتان لنگهي وئي- آياسين، تہ لانچ ڏاڍي پئي آهستي هلي. پر واپسيءَ مهل اصل دير ئي نہ ڪيائين. اڌ ڪلاڪ ۾ اچي اتي پهچايائين. جتان لانچ ۾ چڙهيا هئاسين.
ڪناري تي مصطفيٰ اڳ ئي اسان جو انتظار ۾ بيٺو هو. همراھ وقت جو پانند ٿي ڏسڻ ۾ آيو. ڪلندي اسانجو آڏر پاءُ ڪري ملاحن کي پري وٺي ڪجھ رقم سندن حوالي ڪيائين. ان مهل رات جا ٻہ ٿي رهيا هئا پر نيل جا ڪنارا ماڻهن سان پريل هئا. مون پوئتي ڪنڌ ورائي سدا وهندڙ نيل ندي کي ڏسندي سوچيو، لکين ورهيہ لنگهي ويا ۽ لکين ورهيہ ٻيا بہ لنگهي ويندا الائي ڪيترائي زمانا گذري ويندا، وقت تنهنجي مٿان خاڪ اڏائيندو رهندو، پر اهو توکي ڪجھ بہ نہ ڪري سگهندو.. نيل وهندي رهندي، وهندي رهندي، الوداع اي نيل ڪهڙي خبر تہ توکي وري الائي ٻيهر ڏسي سگهجي کي الائي نہ؟ يا وري اچي تو سان ٻيهر مڪا مليو ڪجي- ڪهڙي خبر؟
اسين ڪار ۾ ويٺا سين تہ مصطفيٰ کٽي ڪار کي ڊوڙايو. هن اسان کان پڇيو، ”ڪيئن توهان انجواءِ ڪيو؟“
”واقعي ڏاڍو سٺو ٽرپ هو. نيل نديءَ جو سير ڪڏهن ڀڪونہ وسري سگهبو. “اعجاز مهر چيو.
مصطفيٰ چيو، ”صبح جو هلو تہ پرامڊ وٺي هلانو؟

”صبح جو ڏهين وڳي اسان کي ايئرپورٽ تي پهچڻو آهي. ان ڪري هن پيري نہ پر لنڊن کان واپسي ورڻ تي اهرام ڏسندا سين!“ وراڻيم.

ان مهل مون کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ ڪو واپسي مهل ٽرانزٽ ٽائيم مختصر هوندو اهي ۽ مسافرن کي ايئرپورٽ تي ويهاري اهو ٽائيم گذاري ڇڏيندا آهن!

ايتري ۾ مصطفيٰ پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ مون کي ڏنو ۽ چيو، ”جڏهن بہ قاهره ۾ اچو تہ مون کي فون ڪجو، توهان کي گهمڻ ۽ ڦرڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي پيش نہ ايندي.“

اسان جي ڪار قاهره جي جنهن رستي تان ڊوڙي رهي هئي، خبر ناهي ان جو نالو ڇا هو. پر قاهرہ جي رستن تي اڄا زندگي روان دوان هئي. تاريخ جي انيڪ دورن ۾ هن شهر الائي ڪيترا عروج ۽ زوال ڏٺا. فاطمي خليفي مستنصر بالله جي (1036ع- 1095ع) زماني ۾ سال 1078 ۾ اسلامي تاريخ جو هڪ عجيب ڪردار حسن بن صباح ايران جي شهر ري کان قاهره پهتو. خليفي جي درٻار سان تعلق پيدا ڪري، هن شهر ۾ 18 مهينا رهيو. آخر درٻاري سازش جي نتيجي ۾ خليفي کيس قاهره جي ويجهو دمياط جي قلعي ۾ قيد ڪري ڇڏيو. اتفاق سان هڪ ڏينهن قلعي جي هڪ مضبوط عالم پناهہ ڊهي پئي. حسن ابن صباح اتان فرار ٿي اسڪندريا جي بندرگاهہ تان هڪ جهاز ۾ سوار ٿي وڃي ايران جي شهر اصفهان پهتو.....

”- لهو صاحب، هوٽل اچي وئي. “قمر مون کي خيالن ۾ گم ڏسي چيو.

ان وچ ۾ مصطفيٰ گاڏيءَ کي تيز هلائيندو اچي واپس هوٽل پهتو هو. رات جا ٻہ ٿي رهيا هئا پر هوٽل جي لابي اڃا بہ جوان جماڻ هئي. اعجاز مهر ڊرائيور مصطفيٰ کي پيمينٽ ڪئي. واپس وريو تہ ڪلندو آيو، چيائين ”مصطفيٰ ڊرائيور پنهنجي انتظار ۾ بيٺو آهي.“

”چو خير، ڀاڙو تہ پورو مليس، باقي ڇاجي لاءِ.“ مون چيو.

”هو جيڪا پاڻ ڳالهہ ڪئي هيس، تہ توئرسٽن جي وندر ورونهن واري. تنهن جي تدارڪ لاءِ نسخو پيو ٻڌائي- “ڪلي چيائين.

-” ڇا چوي؟“ قمر پڇيو.

”پنج سو ڊالرن ۾ ٿو ڪائي مصري حور پيش ڪري!“ اعجاز ٻڌايو.

-” چريو تہ ڪو نہ ٿيو آهي“ مون چيو.

”اسان تہ چڙو اهو پڇيو تہ ٽوئرسٽ پنهنجي وندر ڪيئن ڪندا آهن. هاڻي چوي ٿو تہ هلو مون سان گڏ!“ اعجاز چيو.

-” ڇڏيوس، پاڻهي هليو ويندو!“ مون چيو.

اسان ڪلي ڪمرن ڏانهن رخ رکيو. جو صبح جو جو سويل اٿي ايئرپورٽ تي وڃڻو هو.

هو ٻئي پنهنجن ڪمرن ڏانهن هليا ويا. مان بہ ڪمري ۾ موٽي آيس. در کولي اچي بيڊ تي ويٺس. سامهون رکيل ٽي ويءَ. ان جوسوئچ آن ڪيم. ڪيترائي چينل هلي رهيا هئا. هڪ چينل تي عربي ناچ جو ڪوئي پروگرام پئي هليو. ٻہ چار منٽ پروگرام ڏٺم. پر الائي چو ڪمري ۾ اچي مونجهہ ٿي. خبر ناهي ڪهڙو خيال آيو، ڪمرو لاڪ ڪري مٿي لابيءَ ڏي رخ ڪيم.

لابيءَ ۾ماڻهن جي اچ وچ اڃان جاري هئي. هوٽل ۾ ڪيسينو ڪو سڄي رات هلندڙ هو. ان ڪري وڏي رونق متل هئي. مان لابي ۾ پيل صوفي تي ويهي رهيس. سامهون بار ۾ ڪيترائي مصري بيئرن سان شغل ڪري رهيا هئا.

- برادر، هت اڪيلو چو ويٺو آهين؟“ اوچتو ڪنهن منهنجي ڪنڌ تي هٿ رکي اهو جملو چيو.

- پٺ ورائي ڏٺم، اسان وارو ڊرائيور مصطفيٰ منهنجي پر ۾ بيٺو هو. هن کي ڏسي پهريون تہ سوچيم، هاڻي هن مان ڦاٿس واهہ جو، پر روايتي اخلاق ظاهر ڪندي، کيس ويهڻ لاءِ چيم، هو ويٺو ۽ چيائين، ”توهان جي دوست کي هڪ سٺي آفر ڪيم، پر هو واپس ئي نہ وريو.“

”- دراصل اسان کي لنڊن وڃڻو آهي ۽ ٻيو تہ اسين سڀئي جرنلسٽ آهيون، نہ کي ارب پتي ٽوئرزسٽ. ان ڪري توکان جيڪو سوال ڪيو ويو هو اهو فقط معلومات خاطر ” مون هن کي چيو.

”-ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. چاڪاڻ تہ هر ٽوئرسٽ هتي پهريون شراب، ڪلب ۽ پوءِ ڇوڪريءَ جي پڇا ڪندو آهي. ان ڪري مون بعد ۾ اوهان کي ٻڌايو سڀ ڪجهہ. وڌيڪ توهان جي مرضِ!“ هن چيو.

لڳو ٿي، هو ٻہ ٽي پيگ هڻي آيو هو. ان ڪري ڪجهہ موڊ ۾ هو.

”- پر توهان هتي اڪيلا چو ويٺا آهيو، هلو چو نہ ٿا ڪنهن نائيٽ ڪلب ۾.“

"– ڪهڙي ڪلب ۾؟"

"– هوٽل ڪان ٻاهر ڪيترئي مشهور نائٽ ڪلبون آهن، اتي بهترين ناچ ٿيندو آهي!"

"ٻاهر ته نه هلي سگهندس."

"– ته پوءِ هن ئي هوٽل جي ڪيسينو ۾ هلو!" هن چيو:

"– پر ...." مون جند ڇڏائڻ گهري.

"– ڪا به ڳڻتي نه ڪريو، ڪيسينو ۾ توهان کي ڪا به ٽڪيٽ نه وٺڻي پوندي. توهان هوٽل جا گيسٽ آهيو. باقي ڊرنڪ هتان ئي ٿا ڪري هلون!"

ائين چئي هن مون کي زوري اتان اٿاريو. بور مان به ٿيس پئي، ان ڪري هن سان گڏ وڃي سامهون بار ۾ ويٺس. بار ٽينڊر هن جو سڃاتو هو. ڪهڙي ڪن گڏري جو هن به ڊرنڪس ٺاهي آڻي اسان جي ٽيبل تي رکيا. خوبصورت شيشن جي گلاسن ۾، گهٽي برف ۾ ٻوري پاڻي سان ڪائي ڊرنڪ پيل.

–" هي هتان جي مشهور وهسڪي عمر خيام آهي. "مصطفيٰ هڪڙو گلاس کڻي منهنجي هٿن ۾ ڏنو ۽ ٻيو گلاس پاڻ جهلي چيو.

"– نه نه هي ڏاڍي سٺي شيءِ اٿو. "هن ائين چئي پنهنجو گلاس منهنجي گلاس سان ٽڪرايو ۽ هڪ ئي ڍڪ ۾ اڌ گلاس چٽ ڪري ويو.

"– برادر، عمر خيام ڏاڍي پياري مڌ آهي. توهان کي لنڊن ۾ به هي ياد ايندي. اتي توهان کي ٻيو ڪيترئي وهسڪيون ملنديون. پر عمر خيالم هرگز نه ملندي. هن ۾ نيل جو پاڻي آهي. مصرين جي محبت آهي ۽....!!

–" ۽ عمر خيام جي نالي جو اثر آهي. " مون هن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ڇڏي.

–" بلڪل، بلڪل." مصطفيٰ ٻئي ڍڪ ۾ منو گلاس کڻي پنهنجي اندر ۾ اوتيو.

مون هڪ ڍڪ پريو.

هن وري چيو، "سر ڊرنڪ وٺو."

مون ڏٺو، مصطفيٰ بنهه يار ويس ماڻهو هو، تر جيتري به منجهس ٻيائي موجود نه هئي. عر خيام مڌ پيئندي هن تي خمار چڙهي هريو هو. مون ڊرنڪ جا ٻه چار ڍڪ پيتا. واقعي عمر خيالم مڌ ڏاڍي اسٽرانگ هئي.

"مصطفيٰ عمر خيام بابت خبر اٿئي؟" مون ڊرنڪ پيئندي هن کان پڇا ڪئي.

– نوسر... پر هي شيءِ ڏاڍي لاجواب اٿو!" هن سچائيءَ سان جواب ڏنو. عمر خيام مُڌ پيئندي مون کي عمر خيام جي هڪ رباعي دل تي تري آئي:

– "اين قافلا عمر عجب مي گذرد، درياب وميڪ باطرب مي گذرد،

– ساقيءِ غم فرديٰ قيامت چه خورد، پيش آرپيالا ڪه شب مي گذرد.

– يعني: حياتي جو قافلو جهڙي تيزي سان گذرندو پيو وڃي، ان ڪري جيڪو پل خوشي سان گذري ان تي صبر ڪر. اي ساقي ! قيامت جي ڪهڙي ٿو ڳڻتي ڪرين. جام کڻي اچ، رات تيزيءَ سان پئي گذرندي وڃي.

ٻاهر واقعي مصر جي رات، تيز سان پئي گذرندي ويئي. عمر خيالم جي وفات کي 800 ورهين کان به مٿي جو عرصو لنگهي ويو آهي. پر اڄ به ڪيس زندهه رکيو ويٺيون آهن سندس رباعيون. ايران جي شهر نيشاپور ۾ (1131– 1048 ع) هڪ تنبن ٺاهڻ واري جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ابولفتح عمر بن ابراهيم نيشاپوري سندس نالو ۽ لقب هيس خيام. نيشاپور تڏهن وڏو علمي مرڪز هوندو هو. عمر خيام جنهن مڪتب ۾ پڙهندو هو تنهن ۾ ساڻس گڏ ٻيا به گهاٽا سنگتي پڙهندا هئا. هڪ حسن ۽ ٻيو حسن بن علي. مڪتب ۾ پڙهندي ٽنهي قسم کنيو ته هن مان جيڪو به وڏو ماڻهو ماڻهو تي ڪنهن اهم عهدي تي پهچندو اهو باقي ٻين جي مدد ڪندو. تڏهن کي خبر نه اهي ٽيئي ماڻهو تاريخ ۾ وڏي جاءِ والاريندا. منجهن هڪڙو حسن، حسن بن صباح (1124–1034 ع) جي نالي سان مسهور ٿيو. ٻئي حسن اڳتي هلي نظام الدين ملڪ طوسيءَ (1092–1027 ع) جي نالي سان مشهوري ماڻي ۽ سلطان ملڪ شاهه سلجوقي جو وزير اعظم ٿيو. هوڏانهن عمر خيام لازوال شاعري ڪري دنيا ۾ پنهنجو پاڻ کي سدائين لاءِ امر ڪري ڇڏيو... چون ٿا ته اصفهان ۾ عمر خيام جي رسدگاهه وڏي شاندار هوندي هئي، روز رات جو اتان ٻيهي هو آسمان ۾ ٻيئل هزارين

ستارن کي ڏسندو هو. اوپر جي دنيا جي هن مهارن شاعر، فيلسوف، سائنسدان، مرڻ کان ڪجهه وقت اڳ اڳڪٿي ڪئي ته هو مرڻ کان پوءِ اُن هنڌ آرامي ٿيندو، جتي بهار جي هر مند ۾ اتر جون هوائون اچي لڳنديون، جيڪي سندس قبر جي مٿان وڻن جا پن ۽ گلن جون پتيون پيون نڇاور ڪنديون“- ۽ پوءِ اٽڪل 5 ورهين بعد سندس هڪ دوست نيشاپور پهتو. اتي هن خواجه باغ ۾ عمر خيام جي قبر تي وڃي حاضري ڀري. هن ڏٺو ته عمر خيام جي قبر پرسان زيتون ۽ زردالوءَ جي وڻن جون ٽاريون ڇانوَ ڪيون بيٺيون هيون، جن مان هوا لڳڻ جي ڪري ڪيترائي پن ۽ گل ٽي اچي سندس قبر مٿان ڪريا...

”- برادر... عمر خيام توهان جو انتظار ڪري رهي آهي!“ آواز مصطفيٰ جو هو. خبر ناهي ڪيڏيءَ مهل هو پنهنجي ڊرنڪ ختم ڪري ۽ ٻيون ڊرنڪس ٺهرائي ڪٺي آيو هو. جڏهن ته منهنجو گلاس اڃا خالي نه ٿيو هو. مون مرڪي، ٻه ٽي ڀيا ڍڪ ورتا.

-” جلدي ڪريو، اڃا پاڻ کي اندر ڪيسينو ۾ هلڻو آهي.“

مون جلدي گلاس کي ختم ڪندي چيو، ”پر مصطفيٰ مون ٻي ڊرنڪ لاءِ ته توکي نه چيو هو.

”- اصل ۾ مون کي لڳو ته توهان کي عمر خيام مدد وٺي آهي. انڪري ٻي ڊبل ڊرنڪ وٺي آيس توهان ٻيهر ايجپٽ اچو ته مون کي ضرور فون ڪجو. مان توهان کي سچي قاهره گهمائيندس. پر امبز تي وٺي هلندس. پر امبز توهان نه ڏٺا ته ڪجهه به نه ڏٺو. مان توهان کي پنهنجو ڪارڊ مون کي ڏنو. اهو مان وٺي ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو. هاڻي واقعي ڪيس ڪيپ چڙهي رهيا هئا. مون ٻئي گلاس مان وڏا وڏا ڍڪ ڀري ورتا، هاڻمون تي به ٻئي پيگ جو نشو تيزي سان چڙهي رهيو هو. لڳو ٿي ته هو مون واري گلاس ۾ ڊبل پيگ ٺهرائي آيو هو. ڏاڍو اسٽرانگ پيگ هو.

**

# ڪجھ ذڪر مصطفيٰ، ڪلوپيٽرھ ۽ ناديھ جو

ڪا گھڙي گذري تہ هوٽل جي هال ۾ اسان جا پاڪستاني همسفر لابي ۾ داخل ٿيا. هو ڪروز ۾ نيل نديءَ ۽ شهر جو سير ڪري هاڻي اچي پهتا هئا. ڪلوپيٽرا بہ هنن سان گڏ هئي. آسماني رنگ جي ڪپڙن ۾ هوءَ واقعي ڪائي آسماني اپسرا پئي لڳي. لابي ۾ ايندي هنن پريان ڪان اسان ڪي ويٺي ڏٺو پر ڪو بہ بار طرف لڙي نہ آيو. مصطفيٰ چپ چاپ گلاس ڪي پورو ڪرڻ ۾ مشغول هو. پر هاڻي سندس پيئڻ جي رفتار ۾ ڪجھ ڍرائي اچي وئي هئي. بار آهستي آهستي ماڻهو گهٽجي رهيا هئا. ڪيسينو وڃن جو هروڀرو مون کي بہ ايترو شوق نہ هو. سوچيم پئي تہ گلاس مان آخري ڍڪ پورو ڪري تو هن ڪان موڪلايان، جو اهڙو تيز نشو مون کي اڳ ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. مان اڃا ان سوچ ۾ هيس تہ اوچتو ڪلوپيٽرا کي پريان ڪان ايندي ڏٺم. هن کي ڏسي مون ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيو. سمجهيم تہ هوءَ ڪيسينو وڃن پئي گھري. يا وري ڪمري جو لاڪ ڪانئس نہ کلي سگھيو آهي.

مان ان سوچ ۾ پڏل هوس جو هن اچي مٿان نڪاءُ ڪيو.
”– سر معاف ڪجو!“ هن آهستي چيو،
مون ڪنڌ ڪٽي ڪيس ڏٺو پر چيم ڪجھ بہ نہ.

”– سر توهان مون کي ڪمري جو لاڪ کولي ڏيندا.“ ڪلوپيٽرا منهنجي پر ۾ اچي بيٺي.
ان وچ ۾ مصطفيٰ بہ اکيون کولي ڪيس ڏٺ ۽ مرڪي هن ڏانهن نهاريندي چيو، ” مادام مان اوهان جي لاءِ ڇاٿو ڪري سگهان؟“
–” تون مون سان نہ ڳالهاءِ!“ ڪلوپيٽرا ڪيس چندبر پٽي. مصطفيٰ ڪلوپيٽرا جي ڇڙٻ ٻڌي ڪرسيءَ ۾ اهلجي پيو ۽ هن ڪان لڳو معافيون وٺڻ!
مون ان وچ ۾ چيو، ”توهان سامهون ڪائونٽر تي وڃي ڪنهن کي وٺي وڃو. هوٽل وارا توهان کي هڪ منٽ ۾ لاڪ کولي ڏيندا.“
منهنجي رکي جواب هن کي جهڙوڪر ڪاوڙائي وڌو. هوءَ ٽپي باهہ ٿي وئي. يڪدم ڪرسي گهلي ان تي ويهي چڙ مان چوڻ لڳي. ”سر آءِ ايم ويري سوري. مون کي اوهان مان گهٽ ۾ گهٽ اهڙي اميد نہ هئي. مان تہ توهان کي پنهنجو سمجهي آئي هيس.... پر توهان الائي ان جو ڪهڙو مطلب ورتو.“
”– منهنجو مقصد....“
”– نہ سر توهان.... سڀ مرد هڪ جهڙا آهيو. هڪ ئي نگاهہ سان عورتن کي ڏسندا آهيو ۽ معاف ڪجو پر توهان بہ آخرڪار روايتي قسم جا انسان نڪتا...؟“ هوءَ ڳالهائيندي ڳالهائيندي روئڻهار ڪي ٿي وئي.
مان اڄرج مان هن کي ڏسي رهيو هوس. جيڪا انتهائي بولڊ ٿي، منهنجي ڳيان ڳالهائي رهي هئي. پراڻي نسل وانگر هن ۾ ڪي بہ ڪامپليڪس نہ هئا. ۽ واقعي مان هن کي ڪجھ ٻيو سمجهي رهيو هوس. مون کي ان مهل ڏاڍو پڇتاءُ محسوس ٿيو.
”سوري!! مان توهان ڪان معافي ٿو گهران. جو مون توهان کي انڪار ڪيو. توهان مون کي ڪِي ڪارڊ ڏيو. آئون ٿو توهان کي روم کولي ڏيان“– مان اٿي بيٺس.
هن اٿڻ ڪان انڪار ڪندي چيو، ”نہ هرگز نہ“
”– ڇڱو ٺيڪ آهي، پر توهان هتان تہ اُٿو، سٺو نہ ٿو لڳي. اوهان جو هتي ويهڻ!“ مون چيو
”ڇو؟ ڇا ٿيو؟ ڇا بار ۾ ڪائي عورت نہ ٿي ويهي سگهي؟.... توهان تہ مون کي ڪال گرل ٿا سمجهيو؟“ هن ڪاروڙ مان چيو
هاڻي مان اچي ڦاٿس. مون بيٺي بيٺي پيهر هن کي اتان اٿڻ لاءِ چيو. مصطفيٰ جيڪو ان وچ ۾ مات ڪيو ويٺو هو تنهن ڪٽي ڪڙين تي زور رکيو.
– برادر مان هلان ٿو مٿي ڪيسينو ڏانهن. توهان اتي اچجو. مان توهان جو انتظار ڪنس.“ ائين چئي هو هليو ويو. هن جي وڃڻ ڪان پوءِ ڏٺم تہ هو پنهنجو سگريٽن جو پاڪيٽ ۽ ماچيس بہ پل ۾ ڇڏي ويو، مون سگريٽ ۽ ماچيس ڪٽي ڏٺا. ڪوئي لوڪل برانڊ جي سگريٽن جو پاڪيٽ هو. اوچتو ڪلوپيٽرا بہ ڪرسي تان اٿي بيٺي. اسين ٻئي چپ چاپ بار مان نڪري لائونج

۾ آيا سين. مون سمجهيو، هوءَ ڪمري ڏانهن ڏينديءَ پر هوءَ لائونج ۾ اچي ويهي رهي. لائونج ۾ ان مهل رونق گهٽ ڪونه هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ مسافر ۽ ڪن ايئر ڪمپنين جا آيل ڪريو هوٽل لائونج ۾ ڪائونٽري تي داخلا لاءِ ويٺا هئا.

”– مان توهان کي روم تائين ڇڏي اچان ۽ ڪمري جو لاڪ.....!“

”– نه مان هن مهل روم ۾ نه وينديس. مون کي سخت ٽينشن پئي ٿئي.“ هن چيو.

مون تعجب مان هن کي ڏٺو. پر ڪجهه ڪجهه به ڪو نه. هڪ ته منهنجي دماغ تي اڳ ئي عمر خيام وهسڪي جا خمار چڙهيل، ويتر مٿان ڪلوپيٽرا جو ڳالهائڻ يا هن جهڙوڪر منهنجي چوري پڪڙي ورتي هئي. مون کي ڦڪائي پئي محسوس ٿي ۽ اهو احساس مون کي ٿي رهيو هو.”– آءِ ايم ريئلي ويري سوري.“ مون آهستي چيو.

”– منهنجو نالو دنيا آهي!“ هوءَ لائونج ۾ سامهون صوفي تي ويهي رهي.

مان چپ.

”– توهان ويهو نه هتي!“ ڪلوپيٽرا مون ڏانهن ڏسندي چيو.

مان ڪنڌ هيٺ ڪري سندس سامهون پيل صوفي تي ويهي رهيس.

–”سر.“ هن آهستي چيو.

”– توهان شايد مون کي ڪو نه سڃاتو؟“ هن چيو.

مان هڪو ٻڪو ٿي، هن ڏانهن نهارڻ لڳس. واقعي مون ڪيس ڪڏهن ڏٺو ئي ڪو نه هو. ان ڪري ڪيئن ٿي هن کي سڃاڻي سگهيس؟

” – مان.... خان جي ڌيءُ آهيان.“ هن آهستي چيو.

”– اسلام آباد....؟“ مون ڪان چرڪ نڪري ويو.

”– جي ها. توهان ڪيترائي ڀيرا اسان جي اسلام آباد واري بنگلي تي آيا آهيو.“ هن چيو.

منهنجي مٿان جهڙوڪر ڪائي چپ اچي ڪري. مون کي هن جو اسلام آباد وارو شاهي بنگلو ياد اچي ويو. اسلام آباد جي ايف سڪس، خواجه ناظم الدين روڊ تي ٺهيل، ٻن هزارن والن جو شاندار بنگلو، جنهن جي لان ۾ ڪيترائي موربيٽل ڏسي پهريون ڀيرو مون کي ڏاڍو تعجب وڪوڙي ويو هو. مان پهريون ڀيرو سال 1990ع جي سيپٽمبر مهيني ۾، هڪ وڏي ماڻهوءَ جي پٽ سان گڏ وڻن لنچ تي ويو هيس. مون کي چڱيءَ ريت اها لنچ ياد هئي. گهر جو مالڪ نوجوان. سندس والد صدر ايوب خان جي دور ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ پنجاب جي هڪ علائقي جو وڏو ڪڙپيل زميندار. اولهه پاڪستان جي اڳوڻي گورنر مرحوم نواب ملڪ امير محمد خان آف ڪالاباغ جو ذاتي دوست، جنهن جي نالي سان علائقي جا وڻ پيا وڄندا هئا. سندس اڪيلو پٽ به ايڏو رعبدار ۽ محنتي ميزبان. ساڻس منهنجو دوستيءَ جي پير ايترو ته وڏي ويو، جو پوءِ آئون جڏهن به اسلام آباد ويندو هوس ته هو هر ڀيري منهنجي دعوت جهليندو هو.

چا ناديا هن جي سڳي ڌيءُ هئي؟

مون تعجب مان هن خوبصورت ڇوڪريءَ کي ڏٺو، جنهن جي نيڻن ۾ بغاوت ۽ بيزاريءَ سان گڏ صحرائي سينا جهڙي وشال رُڃ سمايل هئي.

” – تون يقين ڪر- مان سچ پچ ڏاڍو پشيمان آهيان!“ مون آهستي چيو. ” – نه سرڪائي ڳالهه ڪونهي.... مون توهان کي پلين ۾ ئي سڃاڻي ورتو هو... شايد پنهنجي سڃاڻپ نه ڪرايان ها، پر توهان جي اکين ۾ پنهنجي لاءِ ڌڪار ڏسي الائي ڇا ٿيو، جو پنهنجو تعارف ڪرائي ويٺيس.“ هن ائين چئي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

مون هن ڏانهن ڏٺو: هوءَ واقعي ڏاڍي عجيب هئي. ڪائي پر اسرار ڇڪ هن ۾ موجود هئي. هر ڪنهن ۾ نه، پر ڪنهن ڪنهن عورت ۾ ڪا ڇڪ ازلي ضرورت ٿئي ٿي. اها اڳلي کي ڇڪي چقمق وانگر گهلي تي ڪٽي اچي ٻيهاري. هن جي اکين ۾ نيل ندي ڪان به اونهي ۽ عميق گهرائي هئي. هن جي هڪ ٻانهن ۾ امام ضامن ۽ ٻي ۾ سونو ڪنگڻ پيل هو. سندس نڪ ۾ لڳل لونگ جي چمڪ، روشنيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن مهل ائين ٿي مون تي پئي ڇڻ سانوٽيءَ جي مينهن ۾ اوچتو آسامن تي نڪري ايندڙ سج جي پئين شعاع پوندي آهي. ۽ هاڻي واقع عمر خيام مڌ جا ڪيپ مون تي طاري ٿي رهيا هئا.

” – سر هڪ ڳالهه مائيندبه ته نه ڪندو، جيڪر مان اوهان جي سگريٽن مان هڪ سگريٽ ڪڍان.“ هن چيو.

مون مصطفيٰ جي سگريٽ جو پاڪيٽ هن جي هٿ ۾ ڏنو. هن ڏاڍي نفاست سان پاڪيٽ مان هڪ سگريٽ ڪڍي ورتو. مون ماچيس مان هڪ تيلي ڪڍي دکائي ته هن سگريٽ کڻي پنهنجي چپن ۾ جهليو. مون سندس سگريٽ دکائي، تيلي وسائي ڇڏي.
(سچ پچ ته الائي ڪيتر وقت کان وٺي سگريٽ ڇڪيندڙ هئي. خوبصورت عورت مون کي پهريون ڀيرو ڏاڍي وڻي، اها به سگريٽ ڇڪيندي هئي. حيدر آباد جي هڪ امير گهراني جي هئي اها عورت. سندس مڙس انگهليند مان ڊاڪٽري پڙهي آيو هو. هوءَ به ساٿس انگليند مان واپس وري هئي. نالو هو سندس ممتاز عباسي. هُن جو محلن جهڙو گهر اڄ به سينٽ بو ناوينچر اسڪول حيدر آباد کان اڳتي راحت سئنيما واري گهٽيءَ جي مهڙ تي واقع آهي. گهڻو وقت ٿيو ته هوءَ مري چڪي آهي پر سندس سونهن ۽ سوڀيا مون کان ناهي وسري. ڀي وڏي ڳالهه اها ته جنهن چوڪريءَ سان مون پهريون ڀيرو عشق ڪيو. اها به سگريٽ مون سان گڏ ڇڪيندي هئي. هُن جي پيتل سگريٽن جا ڪيترائي وقت تائين مون گلابن جون سُڪل ڪليون. هڪ ننڍڙي سگار باڪس ۾ ڪيتري وقت تائين مون وٽ پيل هوندا هئا. هڪ ڀيري مون پنهنجي زال کي چيو، ”عورت سدائين مون تي مهربان رهي آهي.“ هن ٺهه پهه وراڻي ڏني. ”ها، پر اهي عورتون، جيڪي سگريٽ ڇڪينديون هجن ۽ آواره.....“ مان ان مهل اچرج وچان هن ڏانهن نهاريندي سوچيو هو، ڇا واقعي هن سچ پئي چيو؟“)
”– سر توهان ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟“ هن مون کي سوچن ۾ گم ٿيندي ڏسي چيو.
مان چرڪ ڀري چيو: ”توهان....“
هن مرڪي مون ڏانهن ڏٺو ۽ ڪجهه به نه چيو.
مون لڇي ٿي هن کان پڇيو، ”توهان لنڊن هلو پيا؟“
؟– نه سر مان لنڊن نه پئي وڃان!“
”– ته پوءِ؟“
”– مان نيو يارڪ پئي وڃان ۽ منهنجي فلائيٽ صُبح جو سويل آهي.“
”– مون سمجهيو.....“
؟– اوهان جي فلائيٽ صبح جو ڏهين وڳي آهيءَ!“ هن چيو.
” – ها.... پر توهان، هي ڍگهي فلائيٽ ڇو ورتي؟“
” – مون کي پرامڊز (اهرام) ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو، ادا گهڻو زور ڀريو ته ايجپٽ ايئرلائين ۾ نه وڃان، پر مون زوري هي فلائيٽ ورتي.“
” – توهان آمريڪا گهمڻ پيا وڃون؟“ پڇيم.
” – نه اتي داخلا ورتي اٿم!“ هن وراڻيو.
” – گهڻن سالن لاءِ ٿا وڃو؟!“
” – ڪڏهن به نه موٽڻ لاءِ.“ هن چيو.
– مون هن کي ڏٺو. هوءَ ڏاڍي بلولڊ هئي. سندس هر جواب ۾ ڳنڀيرتا شامل هئي. مون ڳالهه بدلائڻ لاءِ هن کان پڇيو، توهان پرامڊ ڏٺا؟
” – ها اسان جيڪو ٽوئر ورتو هو ان ۾ پرامڊ ڏيکارڻ به شامل هو، پر رات جو پرامڊز ۾ اندر وڃڻ نه ڏنائون.“
” – ڪيئن لڳا اوهان کي پرامڊز؟“ مون پڇيو.
” – پرامڊز واقعي ڏسڻ وٽان آهن. خاص طور رات جو پرامڊز کي ڏسڻ جو هڪ پنهنجو مزو آهي. چوطرف ريگستان، مٿي آسمان ۾ هزارين ستارا ۽ هيٺ پرامڊز تي پوندڙ روشني– واقعي هڪ جادو آهي انهن ۾!!“
” – رات جو پيرامڊز ڏسڻ جو مون کي به ڏاڍو سوق هو. چون ٿا ته پرامڊز ٺاهيندڙن ان ۾ هڪ وڏي ڪاريگري رکي آهي. ڇا تو ٽنهي اهرامن کي ڏسندي آسمان ۾ (ٽيڙن) کي ڏٺو هو؟“
؟–سر“ هن عجب مان مون کي ڏسندي چيو. شايد هن کي ائين لڳو هو. هو جڻ مان نشي ۾ ڳالهائي رهيو هوس.
” – مٿ اها آهي ته ٽنهي اهرامن يعنيٰ خوفو، خيفري ۽ مينڪري جولي آئوٽ اورين بيلٽ يعنيٰ ٽيڙن جي ليول سان ٺهيل آهي. ٽنهي تارن جون ڇهنبون ٽنهي پرامڊز جي چوٽين سان ملن ٿيون. دار اصل قديم مصري ستارن جي علم مانن چڱي ريت واقف هئا. هنن جو اهو ويساهه هو ته مرڻ کان پوءِ ماڻهو ختم نٿو ٿئي. بلڪه انهيءَ سان هن جي هڪ ٻئي جڳ ڏانهن سفر جي شروعات

ٿئي ٿي. سندن عقيدو هو ته مصري ڌرتيءَ تي هڪ بهشت آهي ۽ نيل ندي ان جو ڪير وارو رستو آهي. هڪ ڏينهن پرامدز ۾ ستل خوفو اُتي آسمان ۾ بيٺل سج ڏانهن هليو ويندو. ان ڪري اهرام سج ۽ تارن جي سڌ ۾ ٺاهيا ويا.“

” – سر توهان کي ته وڏي معلومات آهي پرامدز بابت. توهان کي اهي ضرور ڏسڻ گهربا هئا. پر توهان پرامدز ڏسڻ ويا ڇو نه؟“

” – توهان وري موٽي ايندا؟“ اڇرج مان پڇيو.

” – ها مان وري موٽي ايندس. ڇون ٿا ته نيل ندي جو پاڻيءَ ۾ هڪ ڪشش آهي. اهو پاڻي جيڪو هڪ ڀيرو پيئيندو آهي، ان کي نيل ندي وري پنهنجي ملڪ گهرائيندي آهي!“

هن مرڪي چيو، ”توهان ته نيل ندي جي پاڻي سان گڏ پيو به ڪجهه پيتو آهي. ٿي سگهي ٿو ته توهان وري موٽي قاهره اچو.... پر آئون هاڻي ڪڏهن به واپس نه ويندس!!“

– پنهنجي وطن به نه؟“

” – بلڪل نه“

ائين چئي هوءَ چپ ٿي وئي. نه هن ڳالهايو نه مون ڪجهه چيو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻ کي به پنهنجي ڪائي معنيٰ ڪو مطلب هوندو آهي.

– منهنجي دل گهريو، جيڪر هن کان پڇان ته هوءَ آخرڪار هميشه لاءِ ڇو پئي وڃي ۽ اهو سوال منهنجي اندر مان نڪري نروار ٿيو.

” – توهان کي ته پنهنجي وطن ۾ هر سک آهي. منهنجو مطلب آهي ته توهان...!“ مان الائي ڇو اڳتي ڪجهه نه چئي سگهيس.

” – هر سک ۾ اندر جو سک سمايل نه هونو آهي سر. ”هن ڏک مان چيو.

”سک ۽ سڪون انسان کي، هر سک هوندي به واقعي نٿو ميسر ٿئي. پر....“

” – هن منهنجي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو “ پر مان انهن خوش نصيبن مان ناهيان.“

– مون هن تي هڪ نهار وجهندي ڪنڌ هيٺ لاڙي ڇڏيو. الائي ڇو مان هن جي تکي ۽ تيز نهار جو مقابلو نه پئي ڪري سگهيس. منهنجون اکيون هيٺ هيون پر وري به همت ٻڌي چيم، ”هڪ ڳالهه چوان مائيند ته نه ڪنؤ.“

” نه سر توهان ضرور پڇو“. هن آهستي چيو.

– حياتي ۾ هر ماڻهو کي نه ڪي سپنا ڏسندو آهي. بلڪ اسين سڀ خواب ڏسندا آهيون ۽ انهن خوابن جي ساڀيائن جي آس رکندا آهيون، پر ڪي ڪي ماڻهو خواب ڏسندي ڏسندي انهن جي اسرارن ۾ وڃائجي ويندا آهن. مون کي محسوس ائين ٿو ٿئي ته تو جيڪي ڪجهه گهريو اهو توکي حاصل ٿي نه سگهيو، تون ۽ تنهنجي زندگي ئن مختلف حصن ۽ رستن ۾ ورهايل آهي. تنهنجا ٻه روپ آهن. ڪوشش ڪر ته جيئن پنهنجي پاڻ سان گهڻ وڙهي سگهين.“

نشي جي بولڊنيس ۾ هن کي اهو چئي ڏنو جيڪو ٿي سگهي ٿو ته هو ش جي حالت ۾ نه چئي سگهان ها.

هن ماڻ ڪري منهنجي ڳالهه کي ٻڌو. پڇريون پيرو مون کي تعجب ۾ ايندي ڏٺو. ڇوڻ لڳي،” سر توان آسٽرومانيءَ ۾ يقين رکو ٿا؟“

–”ها مون کي ستارن جي علم تي يقين آهي. منهنجو پورو پورو ويساهه آهي ته انسان جي حياتي تي ستارن جي چال جو اثر ضرور پوي ٿو! ”وراڻيم.“

– توهان کي اسٽرولاجي اچي ٿي؟“ هن پڇيو.

– منهنجي اسٽرولاجي ۾ ايتري ته چاڻ ڪونهي، پر مان ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه ٻڌائي سگهندو آهيان. (مون ڪوڙ ڳالهايو)

”– نه سر توهان کي اسٽرولاجي ضرور اچي ٿي. توهان مون کي ڪجهه ٻڌايو پليز.“

هن يڪدم پنهنجا ٻئي هٿ ڪٽي مون ڏانهن اڳتي وڌايا.

–” توهان منهنجو هٿ ڏسو سر“.

–” توهان منهنجو هٿ ڏسو سر“.

مون هن جي بيحد سهڻ هٿن کي ڏٺو. مخروطي ڊگهيون ڊگهيون آڱريون، سندس ننهن تي لڳل ڳاڙهي نيل پالش، ساڄي هٿ جي چيچ ۾ پيل سونهو ويڙهه ۽ ٻانهن ۾ پيل سونو ڪنگڻ، مان هُن جي ساڄي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي، هُن جي هٿ ريکائن کي ڏسڻ لڳس. نرگس جي گلن جهڙو هن جو هٿ، جنهن تي انيڪ ريکائون سندس چيچ ۽ وچين آڱر جي وچ ۾ مرڪيوري جا اپار هن

جي مالدار هئڻ جي شاهدي ڏيئي رهيا هئا. مان سچ پچ تہ هن جي هٿن جي ريکائن ۾ گم ٿي ويس. (تنهنجي هٿن جون ريکائون نرگس جي گلن جهڙيون، جڏهن بہ ياد اينديون تہ مون کان ڪڏهن بہ نہ وسرنديون!)

"– سر ڪجهہ ٻڌايو نہ."

هن جي آواز تي مان اکيون کڻي هن ڏانهن ڏٺو، هوءَ مرڪي مون ڏانهن ڏسي رهي هئي، سندس هٿ منهنجي هٿ ۾هو. مان چڻ هوش ۾ اچي ويس.

"تون لبرا آهين؟" مون اونداهيءَ ۾ تير هنيو، يا هن جي هٿ ۾ ريکائن مان مان ڪجهہ سمجهي ويس.

هن يڪدم چيو.

_" I cant believe, but you are right. Really, I am Libra. Sir tell me more!"

"– تون طبيعت جي بيحد ضدي ۽ خود دار آهي. هڪ ڀيرو ڪا بہ شي توکي وڻندي آهي تہ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ هر طرح سان ڪوشش ڪندي اهين. جيڪڏهن زندگي ۾ تو کي ڪا بہ شي نہ حاصل ٿي، تہ تون ان لاءِ هڪ طويل انتظار ڪري سگهين ٿي. پر تو جيڪي ڪجهہ گهريو ٿي اهو توکي حاصل ٿي نہ سگهيو!!"

اوچتو مون هن جي هٿ تان نهار مٽي ڪري ڪلوپيٽا کي ڏٺو. سنس سمنڊ جهڙن اونهن نيڻن ۾ نما شام جهڙي اُداسي جي اونهہ لهي آئي هئي.

مون يڪدم سندس هٿ کي ڇڏي ڏنو. پوءِ نہ ڳالهايو. نہ مون ڪجهہ چيو. هوءَ اکيون هيٺ ڪري ويهي رهي. خبر ناهي ڪيتري مهل گذري ويئي. خبر ئي نہ پئي.

–"سر توهان واقعي عجيب ماڻهو آهيون!". اوچتو هن چيو.

ائين چئي هو ماٺ ٿي وئي.

ڪجهہ گهڙين کان پوءِ هن پاڻ مرادو پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي. آهستي آهستي. هڪ لفظ لفظ تکي ترار جهڙو. سندس آتم ڪٿا ٻڌي سچ پچ تہ منهنجي تہ اکين ۾ لڙڪ لهي آيا. سمجهہ ۾ نتو اچي تہ هن جي داستان کي ڪيئن بيان ڪريان؟ خبر ناهي ڪنهن ڪنهن انسان يا هر ڪنهن ماڻهوءَ جي اندر ۾ ڪڏهن ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ مهل عشق جي تيلي پڙڪو ڏيئي ٿي پنيٺ ٻاري؟

هن جي اندر ۾ عشق جي تيلي ڌُکي تہ ڪنهن جي لاءِ؟ سندن ئي هڪ غريب مزارعي جي پٽ لاءِ؟ اهو ڇوڪرو هن ڏٺو پنهنجي ڳوٺ ۾. هوءَ اسلام آباد جي هڪ مادرن ڪاليج ۾ پڙهيل ۽ ڇوڪرو؟ چولستان جو رهاڪو، هڪ ڀيري پنهنجي ڳاليجي ساهيڙين کي در اوڙهه قلعو ڏيکارڻ ويئي. موٽ تہ هن عشق ۾ ائين ڦاٿي جيئن ڪائي مڇي ڄار ۾ ڦاسندي آهي. ڳوٺان ٿي اسلام آباد پهتي، تہ محسوس ڪيائين چڻ پنهنجي سڄو تن من هوءَ ڳوٺ ڇڏي آئي آهي.

ڪجهہ مهينن بعد وري هن سان وچي ملاقاتن جو سلسلو شروع ڪري ڏنائين. نتيجي جي ڄاڻ بہ ڪيس چڱي ريت هئي. هڪ ڏينهن، ڀنيرڪي مهل، هوءَ اتان پنهنجي محبوب کي وٺي ڀڄي نڪتي. پرگرام سندن ڪوئيٽا رستي ايران ڏانهن نڪرڻ جو هو. پر هوءَ گهران ڇا نڪتي، چڻ در اوڙ قلعي ۾ ڏار پئجي ويا. سندس پياءُ جا نوڪر، شڪاري ڪتن وانگر نوس نوس ڪندا اچي سندن ڪڏ لڳا.

هو ٻئي بس ۾ هئا. بس رستي ۾ خراب ٿي پئي. ان مهل شام جي مهل هئي. سج لهي ويو هو، هن کي چادر اوڍيل هئي پر سندس عاشق سڃاتو ويو ۽ پوءِ جيئن روايتي طور تي ٿيندو پيو اچي هن کي ڪجهہ نہ چيو ويو. بلڪ ڪيس واپس اسلام آباد وٺي آيا. البت سندس محبوب جو سڄو ڪٽنب ناس ٿي ويو. بعد ۾ ڪيس خبر پئي تہ عشق جي راهہ تي هلڻ جي سزا ڪيس ڇڙو جدائي ۾ صورت ۾ ۽ هن جي محبوب کي جيئري باهہ ڏئي ساڙيو ويو. ان ٻريل باهہ جو سيڪ ڪيس ڪڏهن ڪڏهن ضرور محسوس ڪندي آهي تہ عشق جي تيلي جيڪا سندس اندر ۾ هڪ ڏينهن دکي هئي، تنهن پنهنجي عاشق کي ئي ساڙي ڇڏيو هو. ڪن پل لاءِ جيڪو سج سندن زندگي کي سوجهرو ڏيڻ لاءِ ابريو هو، سو اوچتو اُلهي، اڌ پنڌ ۾ ڪيس هميہ لاءِ اونداهو ڪري ويو هو. هن جي حالت اها ئي چڻ:

پن اکڙين جي بند خانن ۾،
چند سپنن جي ريزگاري آ.

شهر صحرا پانيان

سال اڌ پڇاڻان هن جي من ۾ پريل مڇ، ٽري چار ۾ بدليو. ته سندس ياءَ ڪيس، پنهنجي هڪ ڪزن سان پرڻائي ڇڏيو. اتي ئي اسلام آباد ۾ هن پنهنجي مڙس سان گڏ گذارڻ شروع ڪيو. پر اهو سلسلو به گهڻو اڳتي نه هلي سگهيو. مڙس طعنن جا تير هڻي سندس هانءَ جهوري وڌو. هوءَ ڳلن ۾ تورڻ جهڙي ڇوڪري، هڪ ڏينهن چپ چاپ پنهنجي مڙس جي مار کائي رهي هئي ته اوچتو سندس ياءَ اچي نڪتو. جاگيردار ياءُ پنهنجي اڪيلي ڀيڻ جو اهو حال ڏسي، ان مهل پنهنجي گهر وٺي آيو. نتيجو طلاق ۽ حياتي جو ويراڳ، جنهن کي ڀوڳڻ لاءِ هوءَ آمريڪا پئي ويئي.

سندس چواڻي ته وڃان پئي، ڪڏهن به نه ورڻ لاءِ.

ساجن ڪارڻ سُڃ، مر قبولي سسئي!

هوءَ ماٺ هئي، مان به خبر ناهي ڪهڙين ڳڻتين جي درياهه ۾ لڙهي ويس. ڪيڏي نه ڏکويل هئي هوءَ! خبر ناهي ته ڪنهن ڪنهن ماڻهو کي ڇو نندي ڄمار ۾ ئي وه جا ڍڪ پيئڻا ٿا پئجي وڃن. هُن کي پنهنيج پهرئين محبت نه وسري سگهي هئي. هر ڇوڪري، پنهنجي پهرين عشق جي يادن کي زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيندي آهي. پوءِ اُهي وڇوڙي جي غمناڪ گهڙين سان پيون هن کي ڇلينديون آهن.

واقعي اهو سچ آهي ته خوش ۽ غم حياتيءَ جا ٻه رليتو ٽرمس آهن. انهن کي سمجهڻ لاءِ حياتي جا لائي ڪيترا رڻ جهاڳڻا ٿا پون. خوشيون وري موتي ڪڏهن به ٽتيون اچن، پر پڇتاءَ يا ڳوڙهن سان ڪا به شي موتي نٽي سگهي. خوشنصيب هوندا آهن اهي انسان، جهن کي عشق ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي. پر ناڪام اهي به نه هوندا آهن، جيڪي محبت ڪندا آهن ۽ ان ۾ ڪين حاصلات نه ٿيندي آهي، ڇڙو ڪاميابي، ئي زندگي جي ڪيترين مشڪلاتن جو آخري حل ناهي. زندگي، حادثي، اتفاقن جو ٻيو نالو آهي. ڪير ڪٿي، ڪيئن، ڇو ۽ ڇا لاءِ ملي ٿو. وڇڙي وڃي ٿو، سونهن، حقيقت ۽ خوشيءَ جي لاءِ تنهن کي ڏاڍي دير کان پوءِ ئي زندگيءَ جي بيرحمين جي خبر پوي!، قرة العين حيدر سچ چيو آهي، ته "دنيا ۾ فقط اُهي ماڻهو ئي خوش ٿا رهي سگهن، جيڪي زندگيءَ بنا ڪنهن بحث ۾ تڪرار بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي قبول ٿا ڪري وٺن. اسين جيترو تڪرار ۽ سوال ڪندا آهيون، اوترو ئي وڌيڪ اسان تي ظاهر ٿئي ٿو ته زندگي ڏاڍي ڪٺن آهي!"

"– سر مان زندگي جي هر بازي هارائي چڪي آهيان. زندگي جي اڪيلائي مون کي چوطرف کان پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو آهي. هاڻ ته لڳي ٿو ته مان اڪيلائي جي جهنگل ۾ هلندي پئي وڃان. ڪا به منزل ناهي. ان ڪري مان چاهيندي آهيان ته ماڻهو مون کان نفرت ڪن." هن آهستي چيو.

مون هن کي ڪا به وراڻي نه ڏني.

(دل ديان ڳلان، دل هي جاڻي، هور نه جاڻي ڪوئي)

ان مهل لابي آهستي آهستي ماڻهن کان خالي ٿي رهي هئي. رات جا خبر ناهي ڪيترا پهر لنگهي چڪا هئا. مون هن کان ٽائيم پڇيو. هن ٻڌايو "صبح جا ساڍا چار پيا ٿين."

اسين لابي مان اٿيا سين، ان مهل هوٽل جي عملي ڪانسواءِ سڄي لابي خالي ٿي چڪي هئي. مون ڪائونٽر تان پڇا ڪئي، "ايئرپورٽ سپ ڪان پهرين وين ڪهڙي وقت ويندي؟."

"– صبح جو پوڻين ڇهين ڪان وين هلڻ شروع ٿي ويندي." هن ٻڌايو.

ڪلوپيٽرا پڇيو." مون کي ايئرپورٽ تي گهٽي وڳي رپورٽ ڪرڻ گهرجي"."

ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪريءَ سوال ڪيو، "تنهنجي فلائيٽ ڪهڙي وقت آهي."

ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪريءَ سوال ڪيو، "تنهنجي فلائيٽ ڪهڙي وقت آهي."

"– صبح جو اٺين وڳي." ڪلوپيٽرا ٻڌايس.

"ته پوءِ تو کي فلائيٽ کان ٻه ڪلاڪ اڳ پهرين وين ۾ ايئرپورٽ وڃن گهرجي. رسيپشنس وراڻي ڏني.

اسين هن جو تورو مڇي اڳتي روانا ٿيا سين، هوٽل جي بيسمينٽ ۾ به سُڃ ليڪ پئي هئي. گهڻو ڪري مون واري ونگ جي سمورن مسافرن جي فلائيٽ صبح جو ڏهين وڳي هئي. ڪلوپيٽرا جي ڪمري وٽ پهچي، مون هن کان ڪارڊ وٺي، ڪيس ڪمرو کولي ڏنو. هوءَ اندر هلي ويئي. مان ٻاهر بيهي سندس انتظار ڪرڻ لڳس. هوءَ ڪن پل ۾ انداران پنهنجو هينڊ بيگ کڻي آئي.

"– توهان اندر ڪو نه آيا." پڇيو.

"– بس ائين ئي." مون وراڻي ڏني.

هن مرڪي ڪمري جو در بند ڪري ڇڏيو. مون هن کان هينڊ بيگ ورتي،

هن نہ نہ ڪري پنھنجي هينڊ بيگ منھنجي حوالي ڪري ڇڏيو.

”جيڪر تون چوين تہ مان توکي ايئرپورٽ ڇڏڻ هلان“ مون هن کان پڇيو.

”– نہ سر اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي. اڪيلي سفر تي مون کي گهبرهٽ بلڪل نہ ٿيندي آهي ۽ هونئن بہ اڳتي جو سفر گهڻو ڊگهيو آهي، جيڪو مون کي اڪيلو ئي طئہ ڪرڻو آهي“. هن هلندي هلندي چيو.

اسين ڪائونٽر تي پهتا سين. ساڳئي ڇوڪري معنيٰ خيز نهار سان ڏسي کلي اسان کي ڪيڪر ڪئي. مون ڪي ڪارڊ هن جي حوالي ڪيو. هن تي ڪا بہ پيمينٽ ڪو نہ هئي. ڇڙو ڪيس ڊپار چر ڪارڊ تي سگنيچر ڪرڻي هئي.

”– هيواپٽرا ٿينڪس چئي، مون سان گڏ هلي. هوٽل جو وڏو شيشي جو در کولي اسين ٻاهر اچي هوٽل جي پورچ ۾ پهتا سين.

”– ڪائونٽر واري ڇوڪريءَ سمجهيو پڻ گڏ آهيون.“ ڪلوپيٽرا چيو. مون هن کي ڏٺو ۽ ڦڪي مرڪ مرڪي ڏنم.

مٿي آسمان تي آگسٽ جي رات آهستي آهستي باک ڦٽيءَ ۾ بدلجي رهي هئي. هيليو پولس واري علائقي جي پويان ايسٽرن ديزرٽ کان لڳندڙ ٿڌي ٿڌي هوا اچي پئي اسان کي لڳي. خبر ناهي تہ ڪيڏي مهل قاهره جي آسمان تي ڪي ڪارا ڪڪر اچي مڙيا هئا. صبح جي انتظار ۾ بيٺل ڪجهہ ستارا گهڻو هيٺ لهي آيا هئا. سڄي رات جو سفر ڪندڙ ٿڪل بيزار چنڊ انهن جي وچ ۾ مان ليئاڪا پائي رهيو هو.

مون پنهنجي پر ۾ بيٺل ڪلوپيٽرا کي ڏٺو. هن جا وار هوا ۾ پئي اڏاٽا. هن جي عنابي ڪارن ڪجلن نيڻن ۾ آسمان ۾ بيٺل سموار استار ان مهل ائين چمڪي رهيا هئا، جيئن اونداهي ڪاري رات ۾، ڪنهن نيري ۽ گهري ڊيٺ ۾ رات جا تارا ٽم ٽم ڪري ٻرندڙ آهن، دور، مصر جي افق تي، حسن بن صباح جهڙي سازشي اونداهہ ڇانيل هئي، ڪجهہ گهڙين ۾ عمر خيام جي رباعين جهڙو اڇو اجرو ڪير جهڙو سوجهرو ڦُٽڻ وارو هو.

اسين بئي ماٺ، بس اچڻ جو انظار ڪري رهيا هئاسي، اوچتو هوا جو هڪ تيز ۽ ٿڌو جهوٽو هليو، تہ هن ڪا سيسراٽ نڪري ويو. مون ڏٺو هوءَ جهڙوڪ ڏڪي رهي هئي. مون ٿڌي هوا کان بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪوٽ لاٿو ۽ اهو هن جي ڪلهن ۾ پارائي ڇڏيو.

”نہ سر مون کي سي ٿتو لڳي“. هن چيو.

”ڪا ڳالهہ ڪونهي. صحراءِ سينا جا ٿاريندڙ ريگستان هوا پئي هلي ۽ تنهنجو سامان تہ بيگيج ۾ هليو ويو هوندو!“.

”هن مُرڪي، مائيٽي نظرن سان مون ڏانهن ڏسندي ڪجهہ بہ نہ چيو. اوچتو هن ڪوٽ کاٻي ڪيسي کي هٿ لاتو. ڪيسي ۾ اهائي پرفيوم پيل هئي، جيڪا مون قاهره ايئرپورٽ تان ورتي هئي. هن ڪيسي مان شاپنگ بيگ ڪڍي، پرفيوم جي ڊٻي کي ڏٺو. شايد هن کي تعجب ٿيو. پر اهو هڪ عجيب اتفاق هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪا پرفيوم هن قاهره ايئرپورٽ جي ڊيوٽي فري شاپ مان ڏسي واپس ڪئي هئي. سا سندس آڏو هئي.

هن مون کي ڏسي ماٺ ڪري اها پرفيوم واپس ڪوٽ جي ڪيسي ۾ رکي ڇڏي.

”ڪا ڳالهہ هئي، جيڪا مون نہ سئي.“

هن اجا ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو، تہ ايتري ۾ ٻہ نينگرو عورتون، وڏن ٿيلهن سان گڏ اچي اسان جي پر ۾ بيٺيون ايتري ۾ ايئر پورٽ ويندڙ وين اچي ويئي.

مون ڊرائيور کان پڇيو، ”ايئرپورٽ“؟

عربي ڊرائيور دريءَ مان ڪنڌ ڌوڻي وراڻي ڏني، ”ها ايئرپورٽ. هاڻ پندرهين منٽن کان پوءِ وين ايئرپورٽ ويندي رهندي!“.

مان يڪدم وين چڙهي سامهون، دري واري سيٽ تي هن جي هينڊ بيگ رکي، تہ هوءَ منهنجي پويان هلندي اچي سيٽ تي ويٺي.

هوءَ صبح جي جهونجهڪڙي ۾ ان مهل ڏاڍي سٺي پئي لڳي. هن جي نيڻن ۾بيوسي ۽ مک تي ڇانيل پاڇا، وين ۾ ٻرندڙ جهيٽي بلب جي روشني ۾ صاف نظر پئي آيا.

ان وچ ۾ ٻہ ٿلهيون نينگرو عورتون مون کي ٿيلهو ڏيندي وين ۾ چڙهيون، تہ ڊرائيور وٺي وين کي گيئر هنيو.

مون هن جي ان ٻانهن تي هٿ رکيو، جنهن ۾ امام ضامن ٻڌل هو ۽ چيو، ”امام ضامن تہ توکي اڳي ئي ٻڌل آهي. اهو تنهنجو هن سڄي سفر ۾ ضافن رهندو. آخر ۾ ڇڙو هڪ دعا ڪريان ٿو، خدا توکي غمِ حسن ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ غم نہ ڏي!“

هن پنهنجو خوبصورت مخروطي آڱرين وارو هٿ، منهنجي هٿ تي رکندي چيو، ”سر، ٿينڪ يو، مان توهان کي ڪڏهن بہ نہ وساري سگهنديس!.

مان ڏکويل مرڪ سان هن کي ڏٺو.

(ڏار ٽيون ٿا، پر ناهي هيءَ ويل اسان جي ڏار ٽيڻ جي.)

الائي ڇو هوءَ مون کي اڻڄاڻ نہ پئي لڳي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ سان، ڪجھ گذاريل پل سدائين ڪنهن ٻڙ جي گهاٽي وڻ جي ڇانوَ جيان ساٿ پيا ڏيندا آهن ۽ ڪڏهن وري ورهين تائين، گڏ گذريل گهڙيون، نتهڻ اُس جيان ماڻهوءَ کي پيون ساڙينديون آهن.

ان مهل مون پنهنجي دل ۾ هن لاءِ ڏاڍي اُڪير ۽ ڇڪ محسوس ڪئي. منهنجي دل گهريو ان مهل جيڪر آئون ڪيس پنهنجي اندر جي ڪا ڳالھ ڪري ڇڏيان. ڪيس چاوان تہ تون نہ وڃ. ڪيس اهو چوان تہ تون هلي وينديءَ تہ بہ تنهنجي يادن جون شمعون، منهنجي اندر ۾ سدائين روشن رهنديون. ڪڏهن بہ نہ وسامنديون.

پر ايتري ۾ نينگرو عورتن ۽ مردن، جو هڪ ٽولو وين ۾ اچي چڙهيو، هن مون کي ڏکو ڏيئي ڪري ڇڏيو.

مان وين مان لهي، دريءَ وٽ ويئل ڪلوپيٽرا کي ڏسڻ لڳس تہ ڊرائيور وٺي وين کي هلايو.

هن دريءَ مان هٿ لوڏي چيو، ”سر گڊ بائي!“

مان هٿ لوڏي، چيو ”الودا ع ناديا“.

ان وقت وين تيز هلڻ شروع ٿي وئي. هوءَ دري مان مون کي نهاري رهي هئي. مان وين سان گڏ ڇرين وانگر ڊوڙڻ لڳس. خبر ناهي ڇا ٿيو مون کي ان مهل. مان ڊوڙڻ لڳس. منهنجي دل گهريو جيڪر مان وين سان گڏ ڊوڙندو وڃان پر تيزيءَ سان ويندڙ وين سان مان ڪٿي ڊوڙي سگهيس.

وين پرھ ڦٽي جي ميرانجهڙي روشني ۾ منهنجي نهار کان اوجهل ٿيڻ لڳي. ڪا گهڙي ايئرپورٽ ڏانهن ويندڙ وين جون پويون بتيون نظر ايندبون رهيون ۽ پوءِ اها باک ڦٽيءَ جي اونداهي ۽ روشنيءَ ۾ گُم ٿي ويون.

مون تي ان ويل لهي آئي ڪائي شامِ غريبان!

پنهون پريشان ٻر ٻر نڪو خان نہ مان،

هئہ هئہ حال منهنجو.

مون کي بک بوتن جي، ناھ ڏريم نان.

شهر صحرا ڀانيان، مون ليکي ميدان.

مون کي آري ڄام جو، آهي ڪاريءَ ڪان.

رئان ٿي رُجن ۾ آريءَ لاءِ عريان.

پٽيان منهن پسڻ لئہ، هئہ هئہ ٿي حيران.

ڪڏهن ٿيندو ڪيچ ۾ مئيءَ جو مڪان.

آهين عبداللطيف کي، اڳيان تون اڳوان.

مون ان مهل ڪنڌ مٿي ڪري صحرائي سينا جي آسمان کي ڏٺو. سامهون اوڀر کان باک ڦٽي رهي هئي. آسمان تي ان پاسي سج جي لالاڻ ۽ چندبا اوجهل ٿيندڙ تارا مون کي قياس مان نهاري رهيا هئا. ۽ مان ڏاڍي بيوسي مان قاهره ايئرپورٽ ڏي ويندڙ روڊ ”هيليو پولس“ کي ڏسي رهيو هوس، جنهن تي سواءِ تيز بتين ۽ مٿي ڇانيل اونداهي ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هو.

ڇا عمر خيام وانگر مون کي بہ مصطفيٰ ڪائي قديم مڌ تہ نہ پيئاري هئي.

ڇا هي سچو خواب تہ نہ هو؟

مون کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ پئي آئي. نہ مان مان عُمر خيام هوس، نہ هوءَ منهنجي ڪائي وڃايل محبوبا هئي، جنهن جي وڇڻ تي مان ويهي هنجون هاريان ها. چند گهڙين جو ساٿ، گونگو ۽ ٻوڙو. خبر ناهي يا ڇمار وري ملون الائي نہ؟.

# عمر خيام محبوبہ جي ڳولا ۾

چون ٿا ته عمر خيام جي هڪ بازنيطي محبوبا ”زوئي“ هن کان وڇائجي وئي، پوءِ هو سدائين پيو کيس ساريندو هو. هڪ ڀيري هو مصر آيو. اتان موٽندي، حسن بن صباح کيس پنهنجي قلعي الموت ۾ وٺي ويو. اتي کيس ڪوئي مشروب پيار ڀائين. اهو چئي، ته هاڻ تون منهنجيءَ جنت جو سير ڪندي.

عمر خيام چوي ٿو، واقعي هن خواب يا حقيقت ۾ حسن بن صباح جي جنت جو سير ڪيو. اتي اهائي سندس وڇڙيل محبوبا زوئي کيس ملي- سرءَ جي چند هيٺان، ڊنڊ ۾ ٻيڙي هلائيندي- پوءِ هن وري ڪڏهن کيس نه ڏٺو.

سچ پچ ته هن دنيا جا ڪيترائي اسرار ۽ رمزون سمجهه ۾ نه ايندڙ آهن. خبر ناهي، ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪنهن مهل ماڻهوءَ يا ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ تي ظاهر ٿين ٿا اهي اسرار. (حياتي ڪنهن ديواني قانونگوجي ڪنهن وڃايل ملفوظات وانگر آهي. ورق ورق جدا)

هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ آهي هڪ سمونڊ ۽ ماڻهو وري آهي انهيءَ سمونڊ ۾ هڪ پراڻي سامونڊي جهاز وانگر، جيڪو پنهنجي منزل وڃائي ويهندو آهي. هوا جي زور تي اوانداهيءَ ۾ وڃي ٿو اهو جهاز لڙ لهرن ۾ لڙهندو... ها چڙو محبت انهي رستو ڀلجي ويل جهاز کي لائيٽ هائوس جو ڪم ڏيندڙ. محبت جيڪا اندگي جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي، ڪنهن سوڙهي گهٽي مان ٿئي ٿي، اوچتو ظاهر! (۽ مون، ڪنهن هنڌ لکيو هو، ته ”اسين سدائين محبت ڪندي خبر ناهي ته ڪٿي ۽ ڪنهن مهل ڪائي غلطي ضرور ٿا ڪري ويهي رهون“- ۽ هڪ ڀيري اتهاسڪ مصر جي هيليو پولس يعني سج جي شهر ۾، ٻيهر وري ڪا- غلطي ضرور ٿي ويئي هئي....)

”خنک آن سوخته جانان، ڪه چوفيض دل خويش، هدف غمزه ناوک خنگني ساخته اند“

(” مبارڪ آهن، اهي قتيل عاشق، جيڪي فيضيءَ وانگر پنهنجي دل کي ڪنهن تيز اندا جي غمزي جو نشانو بڻائي ويٺا.“

واقعي خوش نصيب آهن اهي ماڻهو- جن زماني جي سموري سوختيپڻي جو شڪار ٿي محبت ۾ ناڪامي حاصل ڪئي!.

اوچتو هو تيز ڳهلي. آسمان تي ڪجهه اڇا پکي وٺي ڏٺا، دور اوپر کان سج نڪرڻ جي تياري ڪئي، پريان ايئرپوٽ ڏانهن ويندڙ روڊ تي ڪائي گاڏي تيز هارن وڄائيندي لنگهي وئي ۽ منهنجي دل تي تري آئي عمر خيام جي هڪ رباعي:

هاءِ! منهنجا پرين! ڪاش تون ۽ مان ڪري سگهون ها،
هن تقدير سان ڪائي ساز باز.
۽ وٺي پنهنجي مٺ ۾ هن دنيا جي سموري رنج ۽ الم کي،
پوءِ ڪري نه ڇڏيو ها ان جا پرزا پرزا،
۽ پوءِ ٺاهيون ها، ان مان پنهنجي لاءِ هڪ نئين ۽ دلپسند دنيا!.
- تنهنجو پنهنجو

**

# هر ڪير ترُ ڪڙو آ...!

ڪرچاٽ سينٽر جي عمارت تي شام جا پاچا لڙي رهيا آهن. عمارت جي چوگرد بيٺل وڻن مان شام جي هوا گهوگهٽ ڪندي، پنهنجي وجود جو احساس ڏياريندي پئي وڃي. سامهون اولهه ۾ ڪير ترُ جبل تان شام جي اونداهي آهستي آهستي لهي رهي هئي. ڪرچاٽ سينٽر آڏو لڳل هوا جا رخ ٻڌائيندڙ چار تير ايس دبليو، اِي ۽ اين، تيز هوا هلندي به صحيح طرف ڏيکارين پيا. سامهون سج اولهه ۾ لهڻ جي تيارين ۾ آهي. گهڙيءَ ۾ چنچر 29 هين ذوالحج 17 مئي 1999ع جو سج ڪير ترُ جي لڪن پويان ٽٻي هڻندو ۽ پهرين محرم جو چنڊ ٿيندو ظاهر ته آڪاش تي پکڙيل شفق جا سمورا رنگ ٿي ويندا اوجهل.

(پهرين محرم جو چنڊ ظاهر ٿيڻ کان اڳ، شام جي اونداهه چوماسي مينهن وانگر وچي پئي روشنيءَ کي لپيٽ ۾وٺندي). اوچتو ڪي پکي ڦڙ ڦڙ ڪري وٺي ڏامن ٿا، شام جي سانت ۾ اهو آواز گهڙي لاءِ گونجي ٿو ۽ پوءِ وري ماٺ تي ڇانئجي وڃي. (هي اوير ڏي ويندڙ پکين جون قطارون، پر ڇا پکين کي به ڄاڻ ٿي پئجي وڃي ته اجهو تو سج ٽپي هٽي... ۽ رات تي ظاهر ٿئي)

يا مولا ڏاڍو ڏيپريس ڪندڙ آهي هي ڏينهن)

چوطرف جبلن جي وچ ۾ مان اڪيلو ۽ چوطرف من کي اوڏاهيءَ جيان ڪائيندڙ هي مند، سسئي وانگر هي پهڻ ڪير ترُ جو ڪائڻ ٿو اچي، يا الاهي...

هي جي لڪ،

هو جي لَڪ،

مون مارينڌا الڪ،

ڪيچ نه اوڏيءَ چڪ

مون مارينڌا لَڪ!

شام جي هن پکڙجندڙ / تيزي سان وڌندڙ اونداهيءَ ۾هر شام کي ٿيندو آهي علحيده رنگ. هر شام کي واقعي ٿئي ٿو پنهنجو رنگ. جبل جي شام کي به هوندو آهي پنهنجو رنگ. پنڌ ۾ جبل جي شام، ڪنهن غنيم وانگر، اوچتي حملي آور جيان مٿان اچي پوندي آهي. سسئي تي به جبل جي شام ائين حملي آور ٿي هوندي لطف سائين کي به شايد ائين ڪٿي اڌ پنڌ ۾ جابلو علائقي ۾ شام پئي هوندي، (ان وقت ڪيڏو من تي ٿئي ٿو هڪ عجيب ڊپ طاري!)

هُو سامهون ڪير ترُ جي لڪن ۾ ٽٻي هڻڻ جي تيارين ۾ مشغول سج / مان سج کي لهندي ڏسان ٿو:

آءَ نه ڳڏي پرين کي، تون ٿو لهين سج،

آءَ جي ڏيان سنيها، سي نيئي پريان ڏج،

وڃي ڪيچ چئج، ته ويچاري واٽ مئي.

(اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي منزلن تائين نه پهچي سگهندا آهن... يا اڌ پنڌ ۾ماريا ويندا آهن / مري ويندا آهن، تن کي ڇا اها اڳواٽ ڄاڻ پئجي ويندي آهي ته هو اڌ پنڌ ۾مري ويندا، ڪڏهن پنهنجي منزل نه ماڻ سگهندا؟)

مئينءَ جي مارڳ، چپر چلي جي

ته قدر ڪيچين کي، هوند پوي تنهنجي پنڌ جو.

مئينءَجي مارڳ، مئينءَ جي مارڪ... مان من ئي من ۾ اها سٽ ٿو روجايان، لطيف سائين جي هن بيت مان ڪهڙي معنيٰ ٿي ڪڍي سگهجي. سسئي جي واتان هو ڇا ٿو چوڻ گهري؟...

اوچتو سامهون ڳاڙهو سج لڪن ۾ لڙي اونداهه تو پکيڙي ڇڏي.

لڙيو سج لڪن ۾، راسيون رتائين،

مون کي مارپائين، آيل اونداهي ڪري.

هوڏانهن سج لڪن پويان ٽُٻي هنئي ته ان جي پويان نڪري نروار ٿيو پهرين محرم جو چنڊ، ڪنهن انب جي سنهي قار وانگر-(مان محرم جي چنڊ تي نظر ٿو وجهان) پهرين محرم جو چنڊ اسان کي لياڪا پائي ڏسي رهيو آهي. ڪير ترُ جي آڪاس ۾ محرم جي چنڊ سان گڏ شام جو اڪيلو ترو هر طرف کان ڇانيل ماٺ ۾ ٽم ٽم ڪري پيو ٽمڪي.

شهر صحرا پانيان

(متي آڪاس ۾ هيٺ ڏرتي، چئني پاسن کان وڌرتي سان ملندڙ آڪاس ۾ ڏرتي هڪ گول پيالي وانگر)

مان اونداهه ۾ پوئتي نهاريان ٿو. اسان ساڄي ۾ کاٻي هٿ تي ٽڪرين مٿان سنڌ وائيلڊ لائيف کاتا جا ننڍڙا هٽس ٺهيل آهن، اتي اسان ڪي رات گذارڻي آهي. پويان اوپر ۾ پرپريو ڪيٽن ۾ بصر پوڪيل آهي. ڪيٽن ۾ هڪ نار ۾ کوهه پريان کان چٽا پيا نظر اچن. ڪيٽن کان پر پرو ڪرچاٽ جو ڳنڙي آهي. ڳوٺ جي ڪنهن گهر ۾ دڪايل باهه جون دونهون آهستي آهستي آڪاش ۾ گم ٿي رهيو آهي. سامهون اسان جنهن ٽڪريءَ تي بيٺا آهيون، اها ڪجهه مٽيري آهي. تنهن جي اڳيان ڪرچاٽ سينٽر جي عمارت آهي ۽ سامهون جبل آهن. ڪرچاٽ سينٽر جي عمارت پويان وائلڊ لائيف کاتي جا ماڻهو مٺهو ڪائين تي باهه ٻاري، رات جي ماني تاهڻ جي تيارين ۾ آهن، ڪنين تي دکندڙ باهه جا اُلا شام جي اونداهيءَ ۾ ڏاڍا عجيب پيا لڳن. کير ٿر جبل تان لهي ايندڙ اونداهه، چوطرف چانيل سانت، متي آڪاس ۾ بيٺل محرمجي پهرين تاريخ جو چنڊ، شام جو اڪيلو تارو، تيز گهلندڙ هوا جا زوزاٽ، ڪائين تي پرندڙ باهه جون چيپيون ۽ انهي سموري وايو منل ۾ بيٺل اسين سڀ، ڪنهن اتهاسڪ دور جا ماڻهو پيا لڳون. وقت چڻ هزارين ورهيه اڳ پوئتي موٽِ ويو هجي. وقت چڻ ڪنهن فاسلز وانگر هر شيءِ کي پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيو آهي. (ڪاش! انساني ٻه وقت سان گڏ فاسلز ٿي وڃي ها) مون ٽاٽي بولا خان کان ڪچاٽ ايندي رستي ۾ پيل هزارين ورهيه پراڻي قبل مسيح جي دور جي ٽيل فاسلز کي ڏسندي سوچيو هو. چون ٿا ته هزارين سالن کان پيل ڪاٺ پٿر ٿي وڃي ٿو، پر ماڻهو فاسلز نه ٿو ٿئي.... ماڻهو.... منهنجو زهن منجهي پيو.

– مدد صاحب ڏسو اڄ محرم جو پهريون چنڊ، اڄ پهريون پيرو آهيجو مان محرم جي پهرين رات مجلس ۾ شامل ٿيڻ بدران، هتي کير ٿر جي بيابان ۾ رات گذاريندس.

– منهنجي پر ۾ بيٺل نصير مرزا مون سان مخاطب آهي. هو محرم جي چنڊ کي ڏسي " يا حسين يا حسين" چئي چاتيءَ تي ٿو ڏڪ هڻي ۽ پوءِ محرم جي ذڪر تي منهنجي مٿان يادگرين جا ڪڪر پنهنجي يادن جون ننڊ ڦڙو مينهن ٿا وسائڻ لڳن.

(حيدر آباد شهر ۾ ٻار ۽ وڏا، جاين تي چڙهي محرم جو چنڊ ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن. محرم جو چنڊ آڪاس تي نظر اچڻ شرط چوطرف پڙن تان جو نغارا ٿا وڃن ته هر گهر ۾ محرم ڪنهن شام غريبان وانگر ٿو لهي اچي. هو ڪارن ڪپڙن ۾ گهرن اندر اچ وڃ ڪندڙ عورتون ڪير آهن؟ (مان ڏيان سان ڏسان ٿو) اسان جي پراڻي گهر جي اڱڻ ۾ نصراني فرش واري ٿلهي تي، اسان جي ماسي عالم خاتون، سيد ثابت علي جو بياض کولي مرثيو پڙهي رهي آهي:

چنڊ چڙهيو ماتم جو موٽي،
ٿي قيامت ۾ قيام!

رات جي پهر ۾ سندس درديلو آواز گونجي رهيو آهي، بياض ڪنهن وڏي هٿ اکر ۾ سچ ڪاري مس سان لکيل، مرثين سان پريو پيو آهي، مرثيو پڙهندي پڙهندي، ڪنهن ڪنهن مهل هن جي اکين ۾ ٻه چار لڙڪ ٿا لهي آچن، جن کي هوءَ عينڪ لاهي پنهنجي ململ جي رئي سان ٿي اگهي ۽ وري عينڪ پائي مرثيو پڙهڻ ٿي لڳي....

۽ پوءِ رات جو مجلس....

"ذاڪرياڻي زهرا مجلس پئي پڙهي"

"مون کي خبر هئي ته منهنجي حسين سا چا ٿيندو، سر ڏئي ٿيا سُرها فاطمه جا لال، هاءِ حسين! جناب امير جو قسم نبي ڪريم جي ڏوهٽن سان ههڙو حال ٿيندو، بيمار ڪربلا سجاد، اجايل علي اصغر، شهزادو اڪبر، هاءِ حشر جو ڏينهن، اڪيلو حسين ۽ سڄو سارو ڪافرن جو لشڪر." (ننڍي هوندي سمجهندو هوس ته امام حسين کي قتل ڪندڙ ڪافر هئا) ڏنو سر حسين... علي مولىٰ هاءِ مولىٰ هاءِ مولىٰ علي مولىٰ....

هئه هئه رڻ ۾ بيبي بانو،
سر تي خاڪ وسائي ٿي،
شاهه حسين جي لاش تي ويهي،
نيٽيون نير وهائي ٿي.

هر ڏينهن جو پنهنجو مرثيو، حشر جي رات جو پنهنجو مرثيو، صبح جو پنهنجو مرثيو، حشر جي شام جو پنهنجو مرثيو....!....

پر هو ڏهه ڏينهن ڪٿون اونڌيون ڪري، کير نه واپرائيندڙ حشر جي ڏينهن چلهون نه دکائيندڙ سڀ ڪيڏانهن ويا؟

"ڪيڏانهن هليا ويا سڀ"

مان خيالن جي دنيا مان موٽي هيڏي هوڏي ڏسان ٿو، ڪو بہ باقي ناهي بچيو، محرم موٽي آيو، موٽيان تان نہ امام، محرم تہ موٽي ٿو اچي، پر موتِ نيا اچن اها ماڻهو جيڪي ملهائين ٿا محرم. هر شيءِ پڌندڙ سچ وانگر آخر فنا. هر شيءِ جو آهي انت.

(مختصر ڳالهہ اها تہ اسان کي ڇا حاصل ٿيو؟ پاڻيءَ وانگر آيا سين ۽ هوا وانگر هليا ويا سين" عمر خيام)

اوتو مان پاڻ کي هيترن يارن دوستن جي موجودگي ۾ بيحد اڪيلو ٿو محسوس ڪريان. مان پنهنجي خيالن جي دنيا مان موٽي پنهنجي يارن ڏي نظر وجهي ڏسا ٿو: اسان جا دوست مون کان گهڻو پريرو وڃي چڪا آهن ۽ مان خبر ناهي ڪيترا ورهہ پراڻي يادگيرين جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويو آهيان. مان بہ ٿي وڪون ڪٽي وائلڊ لائيگ ڪرچاٽ سينٽر جي عملدار غلام سرور جمالي جي وڃي پر وٽان ٿو.

"رني ڪوٽ مهتان کان گهڻو پري آهي؟" محسوس ڪريان ٿو تہ مون اهو سوال پنهنجي اندر جي اڪيلائي کي ٽوڙڻ لاءِ هن کان ڪيو آهي.

-" سائين جتي بيٺا آهيون، تنهن جي اوپر ۾ آهي، جهتنگ جبل، اسان جي پاسي کان لوٽو جبل اهي، ان جي پويان پوڙي جبل آهي ۽ رني ڪوٽ وري آهي هتان کان ٽيهن ڪلوميترن جي پنڌ تي."

-"مطلب تہ هتي جبلن جي چوٽين جو جدا جدا نالو ٿئي".

-" ها سائين"!

- پلا رني ڪوٽ جو ڪهڙو پاسو ٿر ڪرچاٽ کي لڳي"؟

-"موهن گيٽ وارو".

- موهن گيٽ!... موهن گيٽ جي نالي تي مان ٽيهارو ورهيہ اڳ 1970 ع جي دور ۾ ٿو هليو وڃان.

"هڙڪ هلو، ڏيما هلو، هڙڪ هلو ڏيما هلو" اياز جو گيت اسان جي چپن تي آهي ۽ اسين نعايت الله ڏمچر جي اڳواڻي ۾ وجون پيا، ملڪ امان الله خان جي ڪتارا جيپ ۾. سائين جي. ايم. سيد سنڌ متحده محاذ جو ڪوهستان مان قومي اسيمبلي سيٽ لاءِ اميدوار. مقابلي ۾ پيپلز پارٽي جو ملڪ سڪندر خان، سچي سنڌ ۽سنڌين جي ڳالهہ پڌي. ٽاٽي بولا خان جا ماڻهو ڊنل، هيسيل، اسيناهچايو يار محمد سمي جو ڪتاب "سير ڪوهستان" پڙهي انهن ڪوهستاني ماروئڙن کي پيا ڳوليون. هاري ڪميٽي جو شاعر عنايت الله ڏمچر اسانجي اڳواڻي ٽاٽي بولا خان جا ماڻهو سردار جي خوف کان ڳالهہ ٻڌڻ تہ پري رهيو پر پاڻي پيئارڻ کان بہ لاچار. اوچتو ملڪ امان الله خان جي جيپ خراب ٿي پوي ٿي.اسان ڊيگي گاڏين ۾ چڙهي اليڪشن ورڪ جاري رکون ٿا. هڪ رات ڪرچاٽ وٽان ٿيندا اونداهي ۾ رني ڪوٽ جي پٽ وٽان لنگهون پيا. رات جي اونداهيءَ ۾ رني ڪوٽ جي هيبتناڪ ديوار، سفر ڏکهو ۽ منزل دور. پنڌ پرينءَ جو پنڌ پلو ميان، هڙڪ هلو ڏميان هلو... اونداهي رات جو شروع ٿيل سفر لڳي ٿو اجا بہ جاري آهي.

"توهان اڳي بہ ڪڏهن آيا آهيو؟" جمالي مون کان پڇي ٿو.

(ڇا هو منهنجو ذهن پڙهي رهيو هو)

-" ها گهڻو وقت اڳي هتي آيو آهيان، پر تڏهن زمانو ٻيو هو."

-"ڪڏهن؟"

1970 ع ۾.

-"الاهي زمانو ٿيو آهي انهيءَ ڳالهہ کي."

-" ها واقعي وڏو وقت ٿيو آهي... پلا اهو ٻڌاءِ تہ جهانگارا هتان کان ڪيترو پري آهي."

-" جهانگاري هتان کان اتر ۾ واقع آهي ۽ بلوچستان وري آهي اولهہ ۾. لسٻيلي جو شهر دريجي هتان اولهہ کي لڳي ٿو."

وائيلڊ لائيف جي عملدار جماليءَ کي هتان جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مڪمل ڄاڻ حاصل آهي. (جڏهن هن ٻڌايو تہ هو اصل نوابشاهہ جوآهي، تہ مون کي ڏاڍو تعجب ٿو لڳي) چند سالن ۾ هو هتان جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ڪيترو نہ واقف ٿي ويو آهي.

اسين ڪافي دير اتي بيٺا رهون ٿا، تان جو رات جو اونداهي مڪمل چوطرف ڇانئجي وڃي ٿي، آسمان ۾ بيٺل چنڊ گهڙيءَ ۾ ڪير ٿر جبل جي وچان ٽپي هيٺ جي تيارين ۾ آهي. ايتري ۾ جمالي مون کي هيٺ سنڌ وائيلڊ لائيف جي ننڍڙي ٿهيل ميوزيم ۾ وٺي ٿو هلي، جيڪو ڪرچاٽ سينٽر جي عمارت جي بنهہ پر ۾ واقعي آهي. ميوزم جي ننڍڙي هال جي اندر هٽ بتي جي روشني ۽ چانيل اُبس، مون کي ويٽر ڊپريشن تي ڪري ڇڏي. هال ۾ ڪوهستان جي ڪيترن ئي جانورن جون اسٽق ٿيل سِسيون پترين تي لڳل اهن ۽ وچ ۾ ٿهيل ڪير ٿر پارڪ جو ماڊل ٿهيل آهي. منهنجي پر ۾ حميد سنڌي، تاج جويو، نصير مرزا، مظهر لغاري، پنهور، انور

بلوچ، اسحاق مگريو بيٺل آهن. هال ۾ چانيل اونداهه ۾ هٿ بتي جي روشنيءَ ۾ استف ٽيل سرهن گڏهن جون سسيون ۽ اسين سڀ، هيبتناڪ وايو منڊل جو هڪ حصو پيا لڳو. اوچتو منهنجو ساهه منجهڻ لڳي ٿو ۽ مان هال کان ٻاهر نڪري اچان ٿو.

ٻاهر اونداهه جو راڄ آهي، مٿي آڪاس ۾ محرم جي پهرين تاريخ جو چنڊ آسمان ۾ اوجهل ٿي ويو آهي. ( کير ٿر جي پويان ٻڏي ويو آهي) البت آسمان ۾ اٽڪيل تارا آسمان کي ڏسي رهيا آهن. منهنجي پر ۾ ڪرچاٽ سينٽر جي وڏي عمارت آهي، جنهن ۾ اسان کي هتي گهمائڻ لاءِ وٺي ايندڙ اسان جي قافلي جو ساٿ ڏٺي حميد سنڌي ڏيان سان ڏسي رهيو آهي.

مان عمارت جي جي ٻاهران پيل هڪ ڪرسي تي اونداهه ۾ ويهي رهان ٿو. منهنجي پر کان نصير مرزا ۽ عرفان علي انصاري اچي لنگهن ٿا. مان هنن کان ٽائيم پڇان ٿو، ” رات جا اٺ ٿيا آهن“ هو ٽائيم ٻڌائي مون کان پرڀرو وڃي ڪرسين تي ويهي رهن ٿا. عرفان انصاري جي هٿ ۾ ننڍڙو ٽرانسسٽر آهي. ريڊيئي تان بي. بي. سي جون خبرون اچن پيون. رات جي خاموشيءَ ۾ تارن ڀري رات هيٺان هلندڙ ٿڌي ٿڌي هوا ۾ ريڊيئي جو آواز من کي ڏاڍي آٿت ڏئي رهيو آهي، اسان جا دوست اچا ميوزيم مان واپس نه وريا آهن. چوطرف ڀاڻ اونداهي جو راڄ آهي. ڪرچاٽ سينٽر جا ملازم جنريٽر هلائڻ ۾ ڪمياب نه ٿي سگهيا آهن، مان اتي ڪسي تي ويهي ڪرچاٽ سوچڻ لڳان ٿو.

”هيءَ ماڳ، پوڪرا (پوکڻ) کان چار ميل ڏکڻ طرف آهي. دلچسپ ڳالهه هي آهي جو ان جي متاچري تان ئي اسان کي شيون هٿ لڳي ويون، ڪرچاٽ جي ٻاهران 27 فوٽ اتان هو دڙو آهي ان جي لام 75 فوٽ ۽ منديو 680 آهي، هن کير ٿر جبل کان اوپر طرف واقع آهي. هن دڙي کي هتان جا ماڻهو ”معصوم جي بني“ ڪري سڏيندا آهن. دڙي جي پرپاسي ٽي پاٽي جا جهرٽا آهن. ماڻهو انهن جهرڻن جو پاڻي واهڻ ۾ آٽي زمينون آباد ڪندا آهن، ڪارو پٿر، جنهن کي پٽين جي پيڙهه ۾ ڪتب آندو ويندو آهي، سو متاچري تي اڙيو پيو آهي، اتان کوٽائي دروان اسان کي پٿر جا اوزار، ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ وارا ٿانو، مٽي جي پڪل شين جي ڀڳ ۽ مٽي جون پڪل ٽڪيون ۽ ٻيون شيون لڌيون، انهن شين مان اسان کي اندازو ٿيو ته اهو ماڳ ٽامي واري دور جو همعصر آهي ۽ سنڌ جي ثقافت جو همعصر آهي.

” هن ماڳ تان اسان کي ڪاري چٽسالي وارا تمام سٺا ٿانوَ هٿ لڳا، ٿانوَ جي هنر، چٽساليءَ جي ڪاريگري جو اعليٰ نمونو هئا. ڪرچاٽ جي ٿانو تي سنڌي سرهه جي تصوير جي طرز کي مقامي طور گهڻي اهيمت حاصل آهي. ڪرچاٽ پرسان کير ٿر جي دارنج يا دنگ واري پاڳي ۾ گڊ ۽ سرهه جي تحفظ جو علائقو آهي. اصل ۾ اهو ميرن جي حاڪميت ۾ هو، ۽ هاڻي ڪراچي ضلعي ۾ آهي، کير ٿر وارو جبل هنن گڊن ۽ سرهن سان پريو پيو آهي ۽ دانگ هن جي شڪار جو ڌُن آهي، شڪار ڪرچاٽ کان ڦري اتي پهچندا آهن.

اسان کي هتان کوٽائي دوران ٿانو هٿ آيا جن ۾ ٻاراٽي راند، گاڏين جو ڦيٿو، مٽي جون چوڙيون شامل آهن. هن علائقي ۾ اسان کي 5 فيبروري 1931ع تي سخت مينهن ۽ طوفان اچي وريو. مينهوڳي ڪري ڏکيا سکيا ڏينهن ڪرچاٽ ۾ گهاريا سين، اهو مجبوري وارو وقت به اجايو ڪو نه ويو. جهاڳارا کان پوءِ ڪرچاٽ پهرين جاءِ هئي، جتان اسان کي سيڌو سامان ملي ويو، خط وعيره جهانگارا مان هر ٻئي ڏينهن ملي ويندا هئا. پوءِ اسان اُنن ذريعي جهانگارن مان خط گهرائڻ بند ڪري، پنهنجي ڪيمپ، 35 ميل پري، ٽاٽي بولا خان ۾ وڃي قائم ڪئي.

(مشهور آرڪيالاجسٽ اين. جي. مجمدار جي ڪتاب“ ميمريز آف دي آرڪيالاجي سروي آف انديا نمبر 48 ايڪسپولوريشن ان سنڌ“ ورتل)

حيدر آباد کان 130 ڪلوميٽر ۽ ڪراچي کان وري 80 ڪلوميٽر پرتي ٽاٽي هزار ست سئو ٽيهتر هيڪٽرز تي پکڙيل آهي. سنڌ وائلڊ لائيف مينيجمينٽ بورڊ جي انتظام هيٺ هلندڙ هن پارڪ جون حدون هڪ ئي وقت دادو ۽ ڪراچي ضلعن تائين پکڙيون پيون آهن، پارڪ جو 1/3 حصو ڪراچي ۾ 2/3 حصو وري آهي دادو ضلعي ۾ شامل. کير ٿر نيشنل پارڪ جو افتتاح 25 مئي 1975ع تي تڏهوڪي ايم اين. اي ملڪ سڪندر هتان ٿيو. اهو پيڙهه وارو پٿر ڪرچاٽ سينٽر جي عمارت ۾ اجان تائين لڳل آهي.

هن علائقي ۾ ڪل ڳوٺن جو تعداد آهي 93- جن مان 20 ڳوٺ ڪراچي ۽ 73 ڳوٺ وري شامل آهن دادو ضلعي ۾، انهن ڳوٺن مان ڪار، ڪنڊ جنگ ڪراچي ضلعي ۾ ۽ ڪرچاٽ ۽ تونگ شريف، ٻهلي (ٻهلور جيڪو گس آهي لاهوتين جو) وري آهن دادو ضلعي ۾. کير ٿر نيشنل پارڪ جا جبل سمنڊ جي متاچري کان اٽڪل ٽي هزار فوٽ متيرو آهن، کير ٿر جبل اصل ۾ ڪئنور شهر صحرا پانيان

ائڪ دور جي ٽرسٽري زماني جي ٽڪر مان ٺهيل آهي، جنهن جي عمر ڌرتي علم جا ڄاڻو 5 لک ورهيہ ٻڌائين ٿا، اهي جبل ڪنهن وقت ۾ سمنڊ جي اندر هئا- جيڪي اڄ هن شڪل ۾ اسان کي پنهنجي لکين ورهيہ پراڻي تاريخ پيا ٻڌائين.

کيرٿر نيشنل پارڪ جي ڪرچات رينج ۾ دنيا جو هي اڻلڀ جانور سرهہ ۽ ڳڏ جام ٿو رهي. سرهہ آهي ٻڪريءَ جي نسل جو جانور ۽ ڳڏ وري ٽئي رڍ جي نسل جو. اهي ٻئي جانور هتي هزارن جي تعداد ۾ موجود آهن، تنهن ڪانسواءِ چون ٿا تہ اٽڪل ٻہ هزار هرڻ بہ هتي رهن ٿا، ڏاڍو عجب ٿيو اهو معلوم ڪري تہ سرهہ توڙي ڳڏ رهن سدائين پاڻ ۾ گڏ. اصل هڪٻئي سان ڪنهن بہ مهل پريت نہ ڇنن، شاباس هجين جو گڏ ٿا رهن، نہ تہ هوند هتي ماڻهو، ماڻهو جو اڄ ويري ٿي پيو آهي، اتي هي جانور هڪ مثال آهن سيني لاءِ.

سنڌ وائيلڊ لائيف وارا پنهنجي پوري ڪوشش ڪندا ٿا رهن تہ هي جانور موذي شڪارين جي گولين جو ڪاچ نہ بڻجن. کاتي جا انيڪ ملازم آهن جيڪي ڏينهن رات بندوقون کنيو وتن ٿا پهرو ڏيندا. وڌيڪ مالڪ کي خبر تہ باﺍﺛﺮ موذي شڪارين جي گولين کان اهي ڪيئن ٿا بچائين، هنن گگدام، معصوم ۽ اڻلڀ جانورن کي، جيڪي آهن ايترا نازڪ جو رڳو ٺڪاءُ ٻڌندي وٺي ٿا ڊڪون پائي ڀڄن.

ڪرچاٽ سينٽر جي عمارت جي اوپر ۾ سڌ پند تي، ڪرچاٽ جو ڳوٺڙو آهي، جنهن ۾ ٻہ ٽي هزار ماڻهو رهن ٿا. اهي آهن سڀ برفت، باقي کيرٿر نيشنل پارڪ جي هڪ هزار ڪم چورس ايراضي کي اٽڪل ويهارو هزار ماڻهو آباد ڪيو ويٺا آهن. سڄي علائقي ۾ شڪار ڪو بہ ڪو نہ ڪري سگهي، ويندين ماڻهن کي ڪاٺين وڍڻ تي، بندش لاڳو آهي، تہ متان جانورن جي آرام ۾ خلل نہ پوي. سڄي علائقي ۾ سرهن، ڳڏن ۽ هرڻن ڪانپوءِ هتي بگهڙ بہ گهڻو آهي. بگهڙ کي وري هتان جا ماڻهو پنهنجو دشمن سمجهن، جنهن کي ڏسڻ شرط ماريو وجهن. هتي تتر، جهنگلي ڪبوتر، ڳورپٽ، ٻٽير، تلور، لومڙ چراغ ۽ ٽن قسمن جو نانگ گهڻو آهي. ماڻهو البت سرهن ۽ ڳڏن کي هٿ ڪونہ لائين. ماڻريءَ سڄي ۾ پاڻمرادو ايڪو سسٽم ٺهيل آهي، انهي ايڪو سسٽم کي قائم رکڻ لاءِ وائيلڊ لائيف جو عملو ڏينهن رات ڪوشش وٺندو رهي ٿو.

ڪوهستان سڄو سون، پر پاڻيءَ جي بيحد اڻاٺ، پاڻي هتي 25 فوٽ اونهو ٿئي، ڪٿي کارو تہ ڪٿي مٺو. کارو پاڻي وري ٿئي اهڙو ڪڙو جو پيئڻ کان بنهہ زور. ميلن ۾ ماڻهو هلندو وڃي پر آبادي نظر ڪونہ اچي. ها باقي لکين ورهيہ پراڻي آرڪيالاجيڪل ماڳن سان ٽمٽار لڳو پيو آهي- سمورو ڏيهہ. کير موسم هتان جو ٽر وانگر بيحد ڏکيو. ٽر وانگر هٽ بہ لڳن سڄو ڏينهن لڪون ۽ ٽپن ڏاڍا ڏينهن، البت راتيون هتان جون بيحد ٿڌيون، چوطرف آڌو لڪ، ٽن منجهان سنها پيچرا، جتي ماڻهو نہ چڙهي سگهي، اتي هتان جي ٻڪري ، سرهہ ۽ ڳڏو پهچيو وڃي. جبل گاهہ ۽ ساوڪ کان آجا، بنهہ ٺوڙها، پر جڏهن پوي مينهن تہ اهڙا ساوا ٿين جو ماڻهن جون اکيون پيون ٺڏيون ٿين. باقي جي مينهن نٿو پوي تہ پوءِ هيڏا سارا جبل ماڻهن کي کائڻ پيا اچن. زمينون هتان جون بيحد پليون ۽ چاندي جهڙيون اڇيون، پر آسرو برسات تي، پوي مينهن تہ ماڻهن جي پوک ٿئي نہ تہ سڄو ٽر پيو سُڃائيءَ جو ڏيک ڏئي.

کير ٽر جبل جي چاتيءَ مان نڪري بارڻ نئين، جيڪا مينهن پوڻ ڪانپوءِ سکر بيراج جيترو پاڻي جهلي. نوي ميل ڊگهي هي باراني ندي سنڌ ۽ بلوچستان جي دنگ- ميهي جبل مان نڪري، ڪوهستان لتاڙيندي، ٽاڻو بولا خان جي ڀاهران وهندي، ڪوٽڙي وٽ وڃي ٿي چوڙ ڪري سنڌو درياهہ ۾. چون ٿا تہ ذوالفقار ڀٽي صاحب پنهنجي دور ۾ بارڻ نئين تي ٽي بند ٻڌڻ جي رٿا رٿي هئي- هڪ ٽڪو بارڻ وٽ، ٻيو ڀال جو پٽ لڳ ۽ ٽيون وري ٿاڻي بولا خان لڳ. خبر ناهي بعد ۾ هن رٿا جو ڪهڙو حال ٿيو، البت جيڪر برسات جي هن مست وهڪري کي روڪي ڪي بند اڏجن تہ هوند سڄو ڪوهستان گل و گلزار ٿي وڃي.

بلوچستان کان ايندڙ سوئي گئس لائين پڻ هتان کان لنگهي، پر هتي گئس ماڻهن کي ميسر ڪونهي، کير ٽر نيشنل پارڪ کي ڏسڻ لاءِ ايندڙ کي پهريون هن جي ڪرچاٽ سينٽر ۾ اچڻو پوندو، جتي هڪ وڏو هال ، ان جي پر ۾ ننڍڙو ميوزيم ۽ ان جي پويان ننڍڙي ٽڪريءَ تي رهڻ لاءِ پنج هٽس ٺهيل آهن. اهي هٽس هتي ملندڙ جانورن نالن تي رکيا ويا آهن، جهڙوڪ چنڪارا، اڙيال ۽ آءِ بيڪس وغيره.

” ڇا پيا سوچيو“ مون کي خيالن جي دنيا ۾ ڏسندي ڪو دوست مون کان پڇي ٿو. آواز تي خيالن جي دنيا مان موٽي ڏسان ٿو، اوندهہ ۾ منهنجي پر ۾ نفيس احمد ناشاد بيٺو آهي، اسان جا ٻيا سمورا دوست ميوزيم گهٽي واپس هال جي اندر اچي چڪا آهن، پويان اونداهہ ۾ ويٺل نصير مرزا ۽ عرفان انصاري بہ نظر اچي رهيا آهن. ٽرانسٽر جو هلڪو هلڪو آواز منهنجي ڪنن ۾ اچي رهيو آهي. بي بي سيءَ جون خبرون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ هاڻ ڪنهن اسٽيشن تان ڪا قوالي نشر ٿي رهي آهي. ڳالهائيندڙ جو درديلو آواز هوا جي زور تي هلڪو هلڪو مون تائين پهچي رهيو آهي:

شهر صحرا ڀانيان

.................. اردو ۾ شعر لکئو آهي

قوالي هلندي اوچتو جنريٽر هلڻ سبب سينٽر جي وانداھ ۾ ٻڏل سڄي عمارت روشني ۾ جرڪي پوي ٿي ۽ هر طرف کان چانيل اونداھ روشني ۾ بدلجي ويئي. ايتري ۾ اسان کي حميد سنڌي سڏائي ٿو. اسين هال ۾ داخل ٿيون ٿا. سنڌ وائيلڊ لائيف جو ڪنزرويٽر سعيد اختر بلوچ بريفنگ لاءِ تيار ويٺل آهي. گهڙي کن ۾ هو اسان کي مختصر بريفنگ ڏيڻ تو شروع ڪري؛

”کير ٿر نيشنل پارڪ پاڪستان جو سڀ کان خوبصورت قومي پارڪ آهي، جنهن ۾ دنيا جا انلڀ جانور سرهھ، گڊ هتي وڏي مقدار ۾ موجود آهن. هن وقت سنڌ جي ٻيلي کاتي جو سيڪريٽري شمس الحق ميمڻ جيڪو پاڻ ٻ سنڌ وائيلڊ لائيف کاتي ۾ رهي چڪو آهي، خاص دلچسپي وٺي پارڪ کي ترقي وٺرائڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهي. هي پارڪ 1992ع ۾ وجود ۾ آيو. کيرٿر نيشنل پارڪ ۾سار سنيال سبب اٽلپ جانورن جو تعداد سون مان وڌيڪ هزارن تائين وڃي پهتو آهي. هتي سرهھ پنج هزار ۽ گڊ ٽي هزار رهن ٿا. هتي سموري علائقي ۾ هر قسم جي شڪار تي بندش لاڳو آهي. ويندي تلور کي ٻ ماري نہ ٿو سگهجي. البتہ خاص موسم ۾ تلور جي شڪار لاءِ پرمٽ جاري ٿيندي آهي، ڪرچاٽ سينٽر کان متي کيرٿر جبل جي مختلف حصن ۾ اٽلپ جانور ڌڻ جي صورت ۾رهن ٿا، انهن کي پيئڻ جو پاڻي پائيپ لائين وسيلي پهچائيندا آهن.“

بريفنگ کان پوءِ سوالن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. منهنجي هڪ سوال جي جواب ۾ هو چوي ٿو ،”اسان وٽ واقعي جانور کي ڳڻپ جو جديد سسٽم موجود ڪونهي، پر اسان جو عملو جانورن جي ٽولڙين کي ڳڻي تنهن مان جانورن جي تعداد جو اندازو لڳائيندو آهي، اسين جانورن جي ڪاچ لاءِ وري باراني علائقن ۾ ٻج جو ڇٽ ڪندا آهيون، تہ گاھ ٿئي. 1971ع ڌاري ٿيل ڳڻپ موجب 1200 جانور موجود هئا، جيڪي هاڻي وڌي چئن هزارن تائين پهچي چڪا آهن. 1982ع ۾ ٻ هتي ڳڻپ ٿي هئي.“

ناز سهتي جو سوال آهي تہ ”تيل جي ڳولا ڪندڙ ڪمپني پي پي ايل هتي زمين جي اندر جيڪو ڌماڪو ڪري ٿي، انهيءَ کي روڪڻ لاءِ اوهان جو ادرو ڇا پيو ڪري؟“ جواب ۾ سعيد بلوچ چوي ٿو. ”واقعي اهو ڌماڪو نيشنل پارڪ ۾ رهندڙ جانورن لاءِ هاڃيڪار آهي، البت اسان هنن کي پنهنجي علائقي ۾ اهڙا ڌماڪا ڪرڻ هرگز نہ ڏيندا سين، ۽ نہ وري پي پي ايل کي ڏنل زمين ۾ کير ٿر نيشنل پارڪ جو علائقو شامل آهي.“

دراصل ناز سهتي کي انهيءَ مسئلي بابت تمام گهڻي معلومات حاصل آهي. هن ٻڌايو تہ ” پي پي ايل وارا (پاڪستان پريميئر لميٽيڊ تيل ڪمپني) ڌرتيءَ جي اندر اٽڪل 3 هزار فوٽ اونهي کوٽائي ڪري زمين ۾ هڪ مادو وجهي ڌماڪو ڪندا آهن. انڊر گرائونڊ ڌماڪي سبب (ڌرتيءَ اندر) وڏي اٿل پٿل ٿئي ٿي ۽ نتيجي ۾ جانورن ۾ وڏو خوف پيدا ٿئي، جنهن جي روڪٿام خاص ڪري هن نيشنل پارڪ ۾ تمام ضروري آهي.

هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ ڪنزرويٽر ٻڌائي ٿو تہ ” کيرٿر نيشنل پارڪ ڏيهان ڏيهي اداري آءِ يو سي اين (انٽرنيشنل يونين فار ڪنزرويشن آف بينچر اينڊ نيچرل ريسورسز) جي قابليت تي لهي ٿو ۽ اهو پاڪستان جي چئن قومي پارڪن مان هڪ آهي. بلڪ انهن سڀني کان ايراضي ۾ وڏو آهي، جنهن کي گڏيل قومن واري اداري جي قومي پارڪ واري لسٽ ۾ 1975ع ۾ شامل ڪيو ويو. اهي باقي ٽي آهن ”لال سنهارا نيشنل پارڪ بهاولپور، (ايراضي 31354) خنجراب نيشنل پارڪ ايراضي(22675) پاڪ چين سرحد وٽ ۽ موگلا هل نيشنل پارڪ (11635) هيڪٽر ايراضي) اسلام آباد، انهن ٽنهي پارڪن کي گڏيل قومن واري لسٽ ۾ 1980ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.“

” هتي ايندڙ ويندڙ جو گهڻو تعداد پرڏيهين جو هوندو آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ تن ۾ پاڪستاني شامل هوندا آهن.“ هڪ سوال جي جواب موجب سڄي سال ۾ غيرقانوني شڪار جا 12 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، جن مان اڪثريت باڻر ماڻهن جي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪي اٽونڊڙ واقعا ٻ پيش ايندا آهن. سال 1988ع ۾ هتي هڪ اٽونڊڙ واقعو پيش آيو، جنهن ۾ مري قبيلي جوهڪ ماڻهو اتفاق سان مارجي ويو، تہ بعد ۾ ڪراچي مان کهي ايندڙ قبيلي جي ماڻهن 53 قيمتي جانورن کي گوليون هڻي ماري وڌو.

سوالن ۽ جوابن بعد ”موڊ“ ٺاهڻ لاءِ ڪچهري جو دور تو شروع ٿئي، ايتري ۾ ڪم ڪندڙ همراھ ٻاهر ڪاٺين جي باھ تي پچايل پڳل گوشت اچي اسان جي آڏو رکن ٿا، جابلو ليلي جو گوشت سپڪ ۽ ڏاڍو لذيذ ٿهيل. ويتر ڪاٺين جي باھ ۽ ٽڌي سنڌي مصالحي ان کي سُرهو ۽ چسڪيدار بڻائي ڇڏيو آهي. انهي وچ ۾ ماني ڊائنگ ٽيبل تي لڳي ٿي تہ سڀ وڃي ڊائنگ ٽيبل جو پاسو ٿا

وٺن، ماني بہ ڏاڍي سٺي ٿيل آهي. گوشت جو ٻوڙ چانور سنڌي ڪٽڪ جون مانيون (ورهين کان پوءِ ڪا سنڌي ماني نصيب ٿي آهي). ماني کائڻ کان پوءِ هال کان ٻاهر نڪرون ٿا.

ٻاهر نڪرندي ڪيرٿر جي سُرهي رات اسان جو آڌر ڀاءُ ٿي ڪري، هوا ايڏي تيز ٿي وئي آهي جو هر ڪنهن کي سيءُ پيو لڳي. آسمان سڄو تارن سان ڀڪيل آهي. سامهون ڪيرٿر جبل جون قطارون اوندهہ ۾ ڏاڍيون عجيب پيون لڳن. رات جي سانت ۾ هلندڙ جنريٽر جو آواز رات ج سانت کي ٽوڙي ٽو ڇڏي. سينٽر جي عمارت جي پويان ڪيٽريون ڪٽون پيل آهن، جنهن تي رڌ پچاءُ ڪندڙ عملو ويٺو آهي. سندن آڏو دڪيل باهہ مسلسل ٻري رهي آهي. انهي دڪيل باهہ جي سامهون اوير ۾ ٽڪرين پرسان ٿهيل هٽس مان هڪ ۾ حميد سنڌي طبيعت جي خرابيءُ سبب وڃي آرامي ٿئي ٿو، اسين بہ وڃي پنهنجا هٽ والاريون ٿا. ڪمري ۾ مظهر لغاري، مان ۽ ناز سهتو آهيون. مان مظهر کان ٽائيم پڇان ٿو. انهي مهل رات جا 10 ٿيا آهن. هر هڪ هٽ ڏاڍو سهڻو ۽ سيبتو ٺهيل. هڪ ڪمرو ان جي پر ۾ اٽيچڊ باٿ روم، بورچي خانو ۽ ڪمري جي آڏو ننڍڙو ورانڊو، ورانڊي مان بيهي هيٺ سامهون نظارو ڪري سگهجي ٿو. آءُ ۽ مظهر ورانڊي ۾ پيل کٽ تي ويهي رهون ٿا. هيٺ سامهون کٽن تي ماڻهو ويٺل آهن، جن جي آڏو دڪندڙ باهہ ڏسي مون کي چانهہ جي ٻاڙ ڪٽي ٿي. مظهر کي اتي ڇڏي مان ٽڪريءُ تان هيٺ لهي وڃان ٿو. اتي همراهن سان گڏ کٽن تي سعيد بلوچ بہ ويٺل آهي. مان چانهہ جي فرمائش ڪريان ٿو. گهڙي ۾ همراهہ ڪلتي ۾ چانهہ جو پاڻي وجهي، ڪتلي کي ٽا باهہ تي رکن.آءُ تي پلٽي هٽي ويهي همراهن سان ڪچهري ڪرڻ لڳان ٿو. سعيد بلوچ اتي ٿو. جو هن کي صبح جو سويل 4 وڳي اٿي، تيار ٿي متل جبل تي، سرهہ ۽ گڊ کي ڏسڻ لاءِ اسان کي وٺي وڃڻو آهي.

تارن ان آسمان هيٺان، ڪير ٿر جي پڪ ۾ ٻرندڙ باهہ پرسان کٽ تي ويهي، چانهہ جي انتظار ۾ مون کي ڏاڍو مزو پيو اچي. کٽ تي ويٺل ڪم ڪندڙ همراهہ سمورا اتان جا رهواسي آهن، جن جو ڳوٺ بہ اسان جي هٽس جي پويان آهي. مان هڪڙي قدر آور ڀنيي ڏاڙهيءَ واري همراهہ کان حال احوال تو پڇان، هو چوي ٿو:

– صاحب کهڙيون ٿا ڳالهيون پڇو، حال تہ مڙئي خر آهي، البت اسان وٽ لڳاتار ٽن سالن کان مينهن نہ وٺو آهي. توهان کي تہ معلوم هوندو تہ اسان ماڻهن جو دارو مدار آهي ئي مينهن تي. ڪڏهن پوي برسات تہ واهہ، نہ تہ جهڳو ٽيو وڃي بنهہ جهڻ، پوءِ شروع ٿئي ڏڪار ۽ ماڻهو، مال، پکي ۽ پکڻ سڀ پويان عذاب ۾. آخر وڃون تہ اسين وڃون ڪيڏانهن؟ نہ دانهن، نہ ڪوڪ ۽ نہ وري ڪو فرياد سڻڻ وارو. توهان پاڻ هلي ڏسو! سڀ پٽ سڃا لڳا پيا آهن. توهان هي جيڪي جانور ڏسڻ آيا آهيو اهي بہ ٿا اڄ مرن... توهين ئي ڪٽي ڪجهہ سرڪار کي لکو تہ من اسان جو ڪو داد فرياد پوي.

–"ڀلا جيڪي اوهان کان ووٽ ٿا وٺن، اهي بہ ڪي اوهان جا ڪم ڪن ٿا يا نہ؟" مان هن کان پڇا ٿو.

–"واهہ سائين واهہ، توهين بہ ڏاڍا ڪي زور آور ٿا ڏسجو، خبر توهان کي سچي آهي پوءِ بہ ٿا اسان جا اڳ وٺو؟ ڀلا ووٽ کان پوءِ ڪو آيو آهي ڪنهن وٽ لڙي؟ جو هو اسان جا هي سڀ ڪم ڪندا. اسان جو متي بہ الله ۽ هيٺ بہ آهي الله. ڏٺي پيو مڙئي اسان جو حال هلائي."

–" تہ پوءِ ووٽ نہ ڏيو انهن کي. "مون پراڻي ڪميوسنٽ پارٽي واري لائين ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ منهنجي پر ۾ ويٺل سنڌ وائيلڊ لائيف جو عملدار جمالي کلڻ لڳ.

–" زور آور آهين صاحب تون بہ ڪو. ووٽ نہ ڏيون تہ وڃهن وڃي ڪنهن ڪاٽ ۾. اسان لاءِ تہ هينئن بہ آهي مرڻ تہ هونئن بہ آهي مرڻ. بس صاحب تون چڙو اسان لاءِ قلم هلاءِ، تہ سرڪار ڪو ڏڪار لاءِ پلو ڪري. نہ تہ پيو مڙئي خير آهي."

هو ائين چئي ٻيڙي دکائي چپ ٿي وڃي ٿو ۽ مان هن ڀنيي ڏاڙهي واري ماڻهو کي چتائي نهاريان ٿو، جنهن جي هٿ ۾ بندوق آهي ۽ پوءِ بہ هيسيل آهي، هو انهيءُ نسل جو ماڻهو آهي جيڪي نسل در نسل ڏکن ۽ غربت کي ٿا منهن ڏيندا اچن. خبر ناهي تہ اجا ڪيترائي نسل انهن کي اهي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون. نہ پيئڻ جو صاف پاڻي، نہ صحت جي عام سهولت ميسر. ان پرانڌ وري نانگ بلائون جام، واقعي ماڻهو وڃي تہ ڪيڏانهن وڃي. ڪنهن مائيءُ کي ويم وگهي جيڪڏهن ڪٽي وڃڻو پوي ٿاٿي بولا خان، تہ غريب ماڻهو کي سواءِ ڊڳي گاڏي کان ٻي ڪهڙ تي سواري هٿ چڙهي سگهي. اهڙي ئي حال ۾ جيئرا آهن هي ماڻهو ۽ گهارين ٿا ڏکن ڀري اها زندگي، جنهن جي اسين فقط هڪ ئي جهلڪ ڀريان کان ٿا ڏسون. هنن ماڻهن جون خوشيون، غميون، عيدون ۽ برادون، ڏک، سک سڀ آهن اسان کان ڏور.

چانهہ پي مان متي چان ٿو. اندر هٽ ۾ ٻيا دوست آرامي اهن، مان ۽ مظهر لغاري هٽ جي ٻاهر ورانڊي ۾ پيل کٽ تي ويهي ڪچهري ڪرڻ ٿا لڳون، اسان اتي ويٺا آهيون تہ جنريٽر بند ٿي وڃي ٿو. (گهڙيءُ ۾ سمورو علائقو اونداهي ۾ ٻڏي ويو). هاٽي

اونداهي رات ۾ مٿي آڪاس ۾ هزارين لکين ستارا، پنهنجي تمام تر خوبصورتي سان اسان کي ٽم ٽم ڪيو پيا ڏسن. رات آهستي آهستي گذرندي پئي وڃي ننڊ اسان جي نيڻن کان ڪوهين ڏور هلي وئي آهي. هيٺ ٻرندڙ باهہ بہ ڍڪي ڍڪي وسامي وئي آهي. هاڻ چئوڌاري اونداهہ ۾ ٻڏل جبل، تارن ڀريو آسمان آهي ۽ اسين آهيون جيڪي تارن کي ٽم ٽم ڪندي پيا ڏسون.

اوچتو مظهر چوي ٿو، ”ڇا توهان کي خبر آهي تہ ڀهراڙي جا ماڻهو رات جو سفر ڪرڻ مهل طرفن جي اندازو ڪيئن لڳائيندا آهن؟“

”نہ“ مان وراڻي تو ڏيان.

”سو ڏسو آسمان ۾“ هن هٿ ڪٽي اتر طرف تارن ڏانهن تو ڪري. ”هي اٺئون وڇون، جنهن ۾ ڪل ست تارا آهن. انهن کي وچان پاڻ ۾ ملائيندو تہ اهو وڃي جنهن ۾ پوندو سو ٿيندو اتر“ پوءِ هن آڳر سان ٽن ۾ چئن تارن کي آڳر سان ڳنڍيو. تہ واقعي طرف معلوم ٿيو اتر جو.

ستارن وسيلي پنڌ ڪرڻ واري ڳالهہ تي اوچتو مون کي پنهنجو مرحوم دوست احمد علي سورمو ياد تو اچي، هن هڪ ڀيرو مون کي ٻڌايو هو تہ جڏهن هو سندس ساٿي، ضياءَ جي مارشل لا واري دور ۾ سرحد ٽپي ڪابل وڃي رهيا هئا تہ اونداهي رات ۾ تارن جي حساب سان طرفن جو اندازو نہ لڳائي سگهيا ۽ رستي جو غلط ڪاٿو لڳائي گرفتار ٿي وڃي مردان جيل ۾ بند ٿيا.

مرحوم کلي چوندو هو تہ ”انهن تارن کي ڏسي نہ پلجو ها تہ نہ جيل ڪاٽيون ها ۽ نہ وري ٽڪجي ويهون ها:

ڪنهن پرهہ اسان کي پاليو هو،

هن رات اسان کي روليو آ.

اڄ هو تارن جو غلط حساب لڳائي منزل نہ ماڻيندڙ انتهائي ارڏو، بيحد ذهني شخص، چانڊڪا جي مٽيءَ ۾ ابدي ننڊ ۾ ستل آهي، رهي نالو الله جو.

–“ مدد صاحب، ڇا خيال آهي هاڻي سمجهي؟“ مظهر لغاري جي آواز تي خيالن جي دنيا مان موٽي حال ۾ واپس اچي کيس وراڻي ڏيان ٿو، ”ها هاڻي واقعي سمهڻ گهرجي“

هو ڪٽ تي ليٽي پوي ٿو تہ مان اندر وڃڻ بدران ورانڊي جي چائنٽ تي ويهي، ڪير ٿر جي خوبصورت رات جي نظاري کي ڏسان ٿو، ٻاهر هڪ عجيب ماٺ لڳي پئي آهي، ٿڌي هوا هاڻي وڌيڪ تيز ٿي وئي آهي، جنهن ۾ هيٺ ٻيٺل وڻ پيا لڏن. ڪاٻي پاسي پري کان جبل تي سوئي گئس ريسٽ هائوس جون بتيون، مون کي ڪنهن ڀٽڪيل آتمائن وانگر پيون لڳن. اوچتو مون کي ڪرچاٽ جي حوالي سان مشهور آرڪيالاجيسٽ اين جي مجمدار جي ياد اچي ٿي.

ڇا ڪرچاٽ ۾ مجدار هن ئي هنڌ تي اچي ڪئمپ قائم ڪئي هئي، مان سوچان ٿو. ڪهڙي خبر نہ اڄ جتي اسين رهيا پيا آهيون، اتي مجدار ۽ سندس ساٿي فوٽو گرافر بابو اين گپتا، ناڪا بابو، ڪشموري لال رهيا هجن. افسوس تہ سنڌ جو عظيم محسن نونو گوپال مجمدار، جنهن 1925 ع تي سرجان مارشل، راءِ بهادر ديارام ۽ ڊاڪٽر اين جي ميڪي سان گڏ موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪئي هئي ۽ جنهن 1927 ع کان 1931 ع تائين سنڌ جا انيڪ پراڻا ماڳ هٿ ڪيا هئا، سو 11 نومبر 1938 ع تي دادو ضلعي ۾ نئين گاج وٽ ڌاڙيلن هٿان مارجي ويو.

چاليهن ورهين جي ڄمار جو مجمدار، آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو سپرنٽينڊنٽ، نئين گاج وٽ روهيل ڪنڊ واري ماڳ جي کوجنا ڪري رهيو هو تہ سندس چمڪندڙ تيشي ۽ ٻين اوزارن کي چاندي جو سمجهي، اتان جي مقامي ڌاڙيلن کيس ڪهاڙيون هڻي ماري ڇڏيو. سنڌ جي سچ ۽ بنگال جو سپوت ڪسجي ويو، پر سندس ڪيل تحقيقي اڄ بہ سنڌ پراڻن ماڳن لاءِ هڪ مثال آهي:

ڪڏهن ڪڏهن تہ سار جو،

ٻہ چار لڙڪ هارجو،

تہ ڪير سُڄ ۾ ستو،

(مجمدار جي ذڪر تي منهنجي اکين ۾ لڙڪ لهي آيا)

سامهون چوطرف ڪير ٿر جبل جي رات جو هڪ سحر ڇانيل آهي. ڪير ٿر جبل، مٿي آڪاس ۾ بيٺل تارا، آڌي رات جو ٿڌي هوا ۽ اونداهہ ۾ بيٺل وڻ ڪن رولاڪ آتمائن جيان اڪيلا. چون ٿا تہ جيڪي ڪجهہ اسين ڳالهايون ٿا، اهي آواز سدائين لاءِ وايو منڊل ۾ رهجي وڃن ٿا، پولار / ۾ فضائن ۾ سمورا آواز قائم ٿيو وڃن. ڪهڙي خبر ڪرچاٽ جي فضائن ۾ مجمدار جو آواز بہ

موجود هجي؟ ڪهڙي خبر ته اهي سمورا آواز ڪرچاڻ ۾ موجود هجن، ڪهڙي خبر ته هن سنسار ۾ هڪ ٻيو سنسار آباد آهي؟ ڪهڙي خبر؟

مان ڏک مان سوچيان ٿو، ۽ پوئين پير موٽي اچي پنهنجي کٽ تي ليٽي ٿو پوان، جتي منهنجا سمورا ساٿي هڪ مٺي ننڊ ۾ ستل آهن.

(هي تارن ڀريو آڪاس، لکين ورهيه پراڻو اتهاسڪ کير ٿر، هي تيز گهلندڙ هوا ۽ ان ۾ جهومندڙ وڻ، زندگي ڪيڏي نه آ خوبصورت ۽ هن حياتي جي ڪيترين خوبصورت پلن ۾ هي پل ٻه سپاٽي جي ماضي جي ڪيترن ئي خوبصورت ۽ وري ڪڏهن ٻه موٽي نه ايندڙ لمحن/ پلن ۾ ٿي ويندو گم!

هاءِ حياتي،

هاءِ حياتي،

حياتي آ،

ڪنهن خوبصورت،

ايسارڪا جو اوسيئڙو.

۽ ٻاهر کير ٿر جي رات پنهنجو سفر جاري رکي ٿي.

----

اجا پرهه ڦٽي ۾ ڪي پهر باقي آهن. مان ننڊ جي ماترين ۾ گم آهيان، اوچتون هڪ سپنو ڏسان ٿو، ماحول ۽ هنڌ اهو ساڳيو ئي ڪرچاڻ وارو آهي، هڪ شخص سوٽيڊ بوٽيڊ، جنهن کي سولو هيٽ مٿي تي پاتل آهي، اٺ تان لهي اسان ڏي اچي ٿو، سندس ٻيا ٽي ساٿين اٺن تي ويٺل نظر اچن ٿا. لڳي پيو همراهه وڏو پنڌ ڪري آيا آهن.

–"گڊ مارننگ" اهو همراهه چوي ٿو.

–"گڊ مارننگ" مان ڪرسي تان اٿي ساڻس هڪ هٿ ملايان ٿو.

–" منهنجو نالو نونو گوپال مجمدار آهي. مون زندگي جو هڪ وڏو عرصو سنڌ جي بيابانن ۾ گذاريو آهي، مون اصل ۾ بنگال جي هڪ زميندار گهراڻي ۾ 1897ع ۾ جنم ورتو، چا توکي خبر آهي ته نونو جي معنيٰ چا آهي؟"

–"نه" مان وراڻيا ٿو.

–" نونو جي معنيٰ آهي پيارو، يعني گوپال جو پيارو. مجمدار اسان جي ڪٽنبي نالو آهي. مون ڪلڪتي يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪئي، 1920ع ۾ ايم اي جو امتحان پاس ڪري انهي ساڳي يونيورسٽي ۾ پروفيسر ٿي ڪم ڪرڻ لڳس، پر مون کي ننڍي کنڊ کي پراچين سڀيتا ۽ اتهاس سان ڏاڍو پيار هو، سال 1924ع ۾ مان راج شاهي ميوزيم ۾ ڪنوينر مقرر ٿيس. مون کي سنسڪرت، پراڪرت، هندي، بنگالي ٻولين تي عبور حاصل هو، پراڻا ڪتبا ۽ کنڊر جاچڻ ۾ مون کي ڏاڍي مهارت حاصل هئي. سال 1922ع ۾ ننڍي کنڊ جي عظيم آثارن موهن جي دڙ جي کوٽائي ڪيم، ته سڄي هندستان ۾ ها هاڪار مچي وئي. سال 1925ع ۾ مان سنڌ آيس، لاڙڪاڻي ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي ۾ مان جان مارشل، راءِ بهادر ديارام ۽ ڊاڪٽر اي جي ايچ ميڪي سان گڏ شامل هيس. مون کي ياد آهي ته موهن جي دڙي جي کوٽائي وقت مان ۽ سرجان مارشل، سر صاحب جي موٽر ۾ سنڌو درياهه جي ڪپر تي سير ڪرڻ لاءِ ويندا هئا سين، مان سر صاحب کي چوندو هوس اڄ هن موهن جي دڙي سڄي هندستان کي اڄ ڏٺي پنڌ ڏي مس ڏيان ڇڪرايو آهي، پر ڪو وقت ايندو جو سڄي دنيا جا ماڻهو هن پنج هزار ورهيه آثارن ک ڏسڻ لاءِ هتي ڇڪجي ايندا ۽ پوءِ سر جان مرڪي چوندو هو "برار اهو وقت ضرورت ايندو جو ماڻهن کي هن ڏوکويل ماٽري جي عظيم تهذيب جو ضرور احساس ٿيندو." مان 1927 ۾ ٻيهر سنڌ آيس. سرجان مارشل مون کي لاڙڪاڻي جي پرسان جهڪر جي ماڳن جي کوٽائي جو ڪم حوالي ڪيو. تنهن کان سواءِ جون 1927 ۾ موهن جي دڙي جي ٻيهر کوٽائي ڪئي. مان آڪٽوبر 1927ع ۾ سنڌ ٽيهر واپس آيس. ڪراچي ۽ روهڙي جي علائقن جي کوجنا ڪم، آڪٽوبر 1930ع ۾ چوٿون ڀيرو سنڌ اچي آڪٽوبر 1930ع کان اپريل 1931ع تائين ڏوڪري، لاڙ، دادو وران علائقن آمري، اروڙ، مچر، علي مراد، جهانگارا، سيوهڻ ۽ کير ٿر جبل جي کوٽائي ڪري ماڳ ۽ مڪان ڳوليان، جن جو واسطو ٽامي جي دور سان هو.

شهر صحرا پانيان

–" پر توهان...."
–" منهنجي ڳالهه ٻڌ، مون وٽ وقت تمام ٿورو آهي، اجهو پرهه ڦٽي ٿيڻ واري آهي. اسان جو سفر وري ترت شروع ٿي ويندو. مون ک سنڌ سان بيحد محبت هئي، مون زندگي جو هڪ وڏو حصو بيابان جهاڳيندي ۽ سنڌ جي خاڪ ڇاڻيندي گذاريو آهي، پر منهنجو ڪهڙو ڏوهه هو...؟
–"مان اوهان جو مطلب نه سمجهيس."
– توکي ڪهڙي خبر آهي مان ڇا هيس، توکي ڪهڙي ڪل ته سنڌ ڇا آهي، سچ پڇ ته مون کي اڄ به سنڌ به سنڌ نه ٿي وسري ۽ منهنجو ڪو به ڏوهه نه هو. مان پنهنجو پيرو بنگال کان جڏهن ڇمار تڏهن ڇاليهارو وارهيه مس هئي. مان آڪٽوبر 1938ع کان ڪلڪتي کان سنڌ آيس پئي ته منهنجي زال مون کي جهليو هو، منهنجو ننڍڙو پٽ هو، منهنجي ننڍڙي ڇهن مهينن جي ڌيءُ هئي. پر مان سنڌ جي عشق ۾ سنڌ هليو آيس. هن پيري مون کي کير ٿر جي علائقي جي کوٽائي شروع ڪرڻي هئي. منهنجو خيال هو ته نئين ڳاج وارو علائقو دنيا جي قديم سڀيتا جو مرڪز آهي. هتان کوٽائي ڪندي هوند گهڻو مواد هٿ اچي پئي سگهيو. پر 11 نومبر 1938ع جي شام جڏهن مان پنهنجي تنبوءَ ۾ لڏل نڪريون ڳوڻ مان ڪڍي رهيو هوس ته ڪن شاهنگن مون کي ماري ڇڏيو، قاتلن ائين سمجهي ته اسين جيڪي ائن تي چڙهي وتون ٿا جهرجهنگ ڦرندا، سي زيمن مان نڪريون ۽ پٿر نه پرکي لڪل خزانا ٿا ڳوليون. هنن مون کي ماري ڇڏيو...
–"پر منهنجو روح اڄ به سنڌ جي کير ٿر جبل جي هن چوٽين تي ڀٽڪندو رهي ٿو، پر منهنجو ڏوهه ڪهڙو هو؟ توهان کي ڪا به خر نه آهي ته سنڌ جي سڀيتا ڇا آهي؟ ۽ منهنجو ڏوپهه ڪو به ڪو نه هو. سڀ ڪجهه ائين ئي آهي! ۽ ايئن ئي اڌورو رهجي ويجي ٿو..."
–مان پنڊ پهڻ جيئان هن کي ڏسندو ٿو رهان، ته هو اٿي سامهون ويٺل اُٺ تي وڃي ويهي ٿو. اُٺ بيهي ٿو.... ۽ هو سڀ سامهون اُنن کي کير ٿر ڏي هڪلنيندا اونداهي ۾ ٿا گم ٿيو وڃن.
اوچتو مون کي ڪو ٻاهن مان جهلي اٿارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. مان اکيون کولي ڏسان ٿو: سنڌ وائيلڊ لائيف جو همراهه منهنجي پر ۾ بيٺل آهي. هن مون کي ننڊ مان اچي اٿاريو آهي.
ڪمري ۾ گهگهه اونداهي ڇانيل آهي، هٿ نه پيو ڏسي سگهجي هٿ کي. مان اٿي ويهان ٿو. ٻيا سڀ همراهه اڃا گهري ننڊ ۾ آهن، ٻاهر ڪاريڊور ۾ مظهر لغاري ستو پيو آهي. (اسان پنهي رات اڌ کان مٿي جاڳي گذاري ڇڏي) مان هٿور اڙيون ڏيندو باٿ روم ۾ وڃان ٿو، نل کولي منهن تي پاڻي جا ٻه چار ڇنڊا هڻي عينڪ پائي ٻاهر ورانڊي ۾ ٿو اچان. ٻاهر چوطرف پرهه ڦٽي جو پراسرار ڏنڌ ڇانيل آهي، هلڪي هلڪي ڪوهيڙي ۾ نظر ايندڙ جبل، مٿي آڪاس ۾ گم ٿيڻ جي تيارين ۾ مشغول تارا، هيٺ ڪرچاٽ سينٽر جي ٻاهران ڪٽن تي پيل رليون ۽ ان جي اڳيان ڪاٺين جي باهه تي ڇانهن جي ديگڙو، اچ وڃ ڪندڙ همراهه، مان ٽڪ ٻڌي اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ لڳان ٿو.
آهستي آهستي سوجهرو ڦٽڻ لڳي ٿو. پريان ڪرچاٽ جي ڳوٺ مان ڪڪڙن جون ٻانگون اچن ٿيون ۽ پوءِ ڪرچاٽ جي مسيت مان مانگ جو آواز اچي ٿو. گهڙيءَ ۾ اوير ڏي آسمان روشن ٿيڻ لڳو ته آسمان جي اوندهه مان روشن سج ڳاڙهاڻ سان اڀرڻ لڳو، سج اڀرڻ وقت هيٺيان هڪ همراهه چانهه ٿرماس ۾ پري کڻي آيو، پليٽ ۾ بسڪوٽ به رکيل آهن. مظهر لغاري ايتري ۾ اٿي اچي منهنجي پر ۾ بيهي ٿو، مان ۽ مظهر لغاري وڃي ڪرسين تي ويهون ٿا، سامهون ناز سهتو اٿي ڏنڊڻ جي ڳولا شروع ڪري ٿو، ٻين هٽس ۾ به چرپر شروع ٿي وئي آهي، صبح ساڻ جبل جي پيڪ ۾ ڪليل آسمان ۾ چانهه پيئڻ جو هڪ عجيب مزو آهي. ايتري ۾ هيٺيان ڪرچاٽ سينٽر وٽان گاڏيون مٿي اچي هٽس جي ٻاهران لڳن ٿيون، اسان کي صبح ٿيڻ کان اڳ هتان کان نڪرڻو آهي، منزل اسان جي آهي سامهون کيرٿر جبل ، جتي چون ٿا ته گڊ ۽ سرهه ڏٽن جي شڪل ۾ نڪرندا آهن. ڪجهه دير گذري ٿي ته وائيلڊ لائيف وارا اچي اسان سيني کي اٿارين ٿا ته جلدي ڪريو نه ته ٿوري دير کان پوءِ سرهه ۽ گڊ ٻنهه ڏسي نه سگهندآ.
اسين سڀ هيٺ لهي گاڏين ۾ ويهون ٿا، گاڏين ۾ ويهڻ شرط گاڏيون رخ ڪن ٿيون اولهه ڏي. ٻاهران صبح جي ٿڌي ٿڌي هير گهلي رهي آهي. اڳتي، رستو ڪچو آهي، البت پيچرو ستو ٿهيل آهي، جنهن تان اسان جون گاڏيون لنگهنديون پيون وڃن. اوچتو سامهون هڪ شاندار بنگلي تي منهنجي نظر ٿي وڃي پوي. چون ٿا ته اهو بنگلو ڊاڪٽر مرحوم رضوي جو آهي. ڊاڪٽر رضوي ڪراچي ۾ اکين جو مشهور ڊاڪٽر هوندو هو، کيس هن علائقي سان بيحد محبت هوندي هئي. سندس ئي ڪوشش سان کيرٿر

نيشنل پارڪ ٺهڻ جو اعلان ٿيو. جيتر جيئرو هو، هتي پيو ايندو هو. مرڻ کان پوءِ سندس پونئيرن کي ايڏو شوق ڪونهي، جو هتي ڪهي اچن.

انهي ڪري سڄو بنگلو پيو آهي بند. اڳ جتي ماڻهن جا ميلا لڳا پيا هوندا هئا، اڄ اتي ڪڪڙ ٻ ڪونہ ٿا ٻانگ ڏين. چون ٿا تہ ڏاڍو ڀلو ماڻهو هو، سال بسال هتي اچي اکين جي مريضن جا مفت علاج ڪندو هو. ماڻهن جي چوڻ موجب مرحوم جي بنگلي ۾ ٻاٽر ماڻهن جون اکيون ڪٽل آهن، پر ڪراچي جي ماڻهوءَ جو بنگلو تي پوي آهي، ان ڪري بچي پيو آهي، جيڪر هجي ها ڪنهن لاوارث ماڻهو جو تہ ڪڏهوڪو قبضو ٿي ويئيس ها، جيئن ڪجھ وقت اڳ دادا دولت مهتاڻي جي ٽاٽي ٻولا خان واري مهتاڻي هائوس تي قبضو ٿي ويو هو.

اسان جون گاڏيون، رضوي هائوس وٽان ٿينديون، جبل جي چڙهائي تي چڙهڻ ٿيون شروع ڪن. ڪجھ دير ۾ هڪ لوهي گيٽ اچي ٿ، جنهن تي تالو لڳل آهي. تالي کي ڪولرائين ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ اهو گيٽ سدائين بند هوندو آهي، جنهن جي چاٻي ٻ مقامي وڏي عملدار وٽ هوندي آهي. تہ متان ڪي شڪار جا شوقين وڃي هنن بي زبان ۽ املھ جانورن جو ڪوس نہ ڪري وڃهن. اسان گيٽ مان لنگهي پار پئون ٿا تہ وري ساڳي چڙهائي. رستي ۾ وڻ ٽڻ گهٽ، واقعي هتي برسات نہ پوڻ ڪري وڏو نقصان ٿيو آهي. هي جابلو علائقو تہ آهي ئي برسات تي جيئرو، وڻ، ٽڻ، گاھ ٿئي ئي پاڻيءَ تي ۽ جبل سائو ٿيندو ٻ برسات تي. جيڪڏهن برسات نہ پوندي تہ پوءِ ڪٿان ٿو جبل سائو ٿئي.

هڪ هنڌان سنهي پائيپ لائين وڃي پئي، جنهن وسيلي مشين ذريعي انهن خاص هنڌن ڏانهن پاڻي پهچايو ويندو آهي، جتي سرھ ۽ گب ڏٺن جي شڪل ۾ ايندا پاڻي پيئڻ لاءِ. اسان جون گاڏيون جابلو پيچري تان، جيڪو مٿي جبل تي وڃي پيو، ڏاڍي خبرداري سان آهستي آهستي وڃي رهيون آهن. مان گاڏيءَ جي دريءَ مان ٻاهر جابلو پيچري کي ڏسان ٿو. رستي تي هلندي هلندي ڪٿي ٿوهر، ٻير ۽ ڪنڊيءَ جا وڻ بيٺل آهن. صبح جي هوا ۾ ڪنهن ڪنهن هنڌ جهرڪيون ۽ ٻيا پکي اڏامن پيا. جيئن اسين مٿي چڙهندا وڃون تہ ٻاهر جو نظاور ويتر ٿو سهڻو ٿيندو وڃي، ڪُڇ پنڌ هلڻ بعد هڪ هنڌ اسان جو سونهون گاڏين کي بيهاري، اسان کي هيٺ هلڻ جو اشارو ٿو ڪري، اسين پير پير ۾ چائي آهستي آهستي هن جي پويان‌ٿا وڃون، اوچتو اسانج ي نظر سامهون سرهن ۽ گبن جا هڪ وڏي ڏڻ تي پوي ٿي. ايڏي تعداد ۾ اسان ڪڏهن ٻ سرھ ۽ گب زندگي ۾ نہ ڏٺا آهن. سعد بلوچ ڪيٽريون ئي دوربينيون ڪٽي هليو آهي، جن جي ذريعي اسين انهن کي ڏسون ٿا. سامهون جبلن جي وچ ۾ هڪ ماٿري ۾ پاڻي جي ڳولا ۾ سرهن ۽ گبن جو تعداد بيٺو آهي. سرھ ۽ گب واقعي ڏاڍا سهڻا ٿا ٿين. اسان ٽڪ ٻڌي هنن کي ڏسون ٿا پر هنن کي ٻ ڪا اسان جي چر پر جي خبر پئجي ٿي وڃي ۽ هو هڪ وڏي ٽاھ وجهي، وني ٿا ڊڪڻ لڳن.

اسين ٻيهر گاڏين ۾ ويهي پنهنجو سفر جاري ٿا رکون، ڪجھ دير ۾ آڏو لڪا لتاڙي، ڪير ٿر جي هڪ مٿانهين چوٽي تي اٿا اچي پهچون. اهو ڪنڌ سمنڊ جي مٿاڇري کان اٽڪل ڇھ سئو فوٽ مٿي آهي، ڏکڻ ڏي نهار ڪرڻ سان هيٺ سڄي ماٿري چٽي پئي نظر اچي. اتر اولھ ۾ ڪير ٿر جبل جي سڀ کان مٿاڳهين چوٽي اسان جي آڏو آهي. پڇڻ تي معلو ٿيو تہ انهي چوٽيءَ جو نالو آهي لاهوت. ٻئي چوٽي جو نالو آهي لوٽو، تہ پريان کان وري آهي ڪانبو جبل. اسن جتي بيٺا آهيون اتي قدرت جا عجيب نظارا آهن. جون ڏاڪون جيڪي شڪارين کي ٿيون پاڻ ڏي ڇرڪائينديون رهن. دراصل علائقو ڪڏهن شڪار لاءِ مخصوص هوندو، هت ڪير ٿر ۾ ٽالپر گهراڻي جا حڪمران مير صاحب ٻ گهڻو شڪار ڪرڻ ايندا هئا. بلڪ ڪير ٿر جو هڪ ڀاڱو هو ئي مير صاحبن جي شڪار لاءِ مخصوص.

سنڌ جي آخري حڪمران مير نصير خان ٽالپر جي فرزنده هزهائينس مير حسن علي خان ٽالپر شڪار بابت فارسي ٻولي ۾ جيڪي ٻ ڪتاب لکيا آهن، انهن مان هڪ جو نالو آهي "در ڪير ٿر سنڌ، ماھ شوال 1984ع هجري مطابق ماھ فيبروري 1886ع" ڪتاب اڻ ڇپيل شڪل ۾ حيدر آباد جي ٽنڊي مير نور محمد وارن مير صاحبن جي ذاتي لائبريري ۾ محفوظ آهي، تنهن ڪانسواءِ سنڌ جي مشهور شاعر هرزهائينس مير عبدالحسين سانگيءَ پڻ پنهنجي شاعري ۾ ڪير ٿر جي شڪار بابت ڪي شعر چيا آهن:

هي سا زمين آهي جتي شهر يا سنڌ،  
ٻهر شڪار ايندا ها چا ڪروفر ڪري،  
آهي نشاهيءَ صنا ديد گان سنڌ

*******

"تي ويو آهي ويران لوٽيءَ جو ڪوٽ،
هالهندا جتي شوق مان شهر يا،
جتي نوبتون تي وڳيون ۽ نشان،
اتي ڪن ٽا چڙا چپرا هزار،
هي دنيا جو چٽڪو آهي چار ڏينهن،
گذر گاهه آهي نه دالقرار."

اڄ نه باقي رهيا اهي هاڪارا حڪمران ۽ نه وري شڪاري، سڀ فنا جي دز ۾ گم ٿي ويا. هاالبته گريٽ کير ٿر اتي جو اتي ائين ئي ڪڙو آهي، ۽ صدين

"سرهه!" وائيلڊ لائيف ڪاتي جو واچ مين اسان کي سڏي ٿو. سامهون ڪيترا سرهه وڻن پيا ڊڪندا. چون ٿا سرهه ۽ گڊ انسانن کان ڏاڍا ٿا ٿهن. تي سگهي ٿو هو ڪمزور دل جا هجن؟ پر ائين ضرور آهي ته اها جانور انساني غلامي هرگز برداشت نه ڪري سگهندا آهن. قسمت سان جيڪر ڪو ڪنهن انسان جي هٿ چڙهي وڃي ته گهڙي پل ۾ اهو جانور ساهه ڏئي ويهندو آهي. ان ڪري زنده گڊ کي فقط پري کان ڏسڻ جو موقعو تو نصيب ٿئي، مون به ڪيترن نامي گرامي شڪارين/ سردارن جي بنگلن ۾ سرهن ۽ گڊن جون استف ٿيل سسيون ڏٺيون آهن، جن جون فرياد ڪندڙ اکيون هر ڏسندڙ کي پنهنجو داستان ٿيون ٻڌائينديون رهن.

اسين جتي بيٺا آهيون اتي هڪ ٻوٽو ناز سهتو اسان کي ڏيکاري ٿو. ان ٻوٽي بابت هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته ان جو نالو آهي گگر. اسان وڏي وچي اهو ٻوٽو جهڙو هڪڙو پاٽياٽ نڪرندو آهي، گگر جي خوشبوءِ ڏاڍي وڻندڙ هوندي آهي. چون ٿا ته اهي سڳنڌ هندستان جي مندرن ۾ ڌوپ ڏيڻ جي ڪم آندي ويندي آهي، پر اسان وٽ وري اها شيءِ ڪراچي ۾ نمبر ٽو يعني نقلي پروفيومز ٺاهڻ ۾ ڪتب اچي ٿي. ٿر جا مسڪين مارو ويچارا گگر جي پاڙ مان اهو پاٽياٽ ڪڍي واپارين کي ٽن چئن سون ۾ وچي وڪڻندا آهن، جيڪي وري اها شيءِ ڪراچي ۾ 12 سئو کان 1800 سئو ۾ وڪرو ڪري ڇڏين. گگر جي نڪرندڙ رس هاٿي ٿر جي غريب ماڻهن جي پهچ کان پري ٿي وئي آهي، جيئن ڪو به ماڻهو ان کي هٿ نه لائي سگهي. پوءِ غريب ماڻهو گگر مان رس ڪيندي پڪڙيو ويو ته ڪٽي وجهندس ڪاٺ ۾. باقي وڏيرا خوب هن ٻوٽي مان ناڻو ڪمائين.. ڪراچي جي واپارين جي چوڻ تي هاڻ ٿر ۾ هنن چا ڪيو آهي جو هڪڙو خاص ڪيميڪل وجهن ٿا ان جي پاڙ ۾، جيڪو سمورو رس هڪ ئي وقت ڪڍيو وٺي، جنهن مان هو هڪ ئي وقت هزارين رپيا ٿا ڪمائين. البت پوءِ وڻ مريو وڃي. ان جي پيٽ ۾ غريب ٿر ان مان گهڻو رس ڪو نه ڪڍن، ته متان وڻ سڪي نه وڃي.

-"يلا ڪوهستان ۾ اڃا ماڻهن کي گگر جي خبر نه پئي آهي، جو اهو ٻوٽو ڪيترن هنڌن تي اسان کي پيو نظر اچي." مان چوان ٿو.

اسان کي گهمندي صبح جا 10 اچي ٿيا آهن، ۽ هاٽي سج تپش پيو ڏيکاري. انهي ڪري اسان واپسي جي تياري ڪريون ٿا. گاڏيون پنهنجا رخ موڙي اسان جي انتظار ۾ اچي بيهن ٿيون، اسين ڪر ٿر کي الوداع چئي اچي گاڏين ۾ ويهون ٿا ته گايون وري لاهيءَ تان آهستي آهستي لهڻ لڳن ٿيون. واپسي مهل ساڳيو رستو، ساڳئي لاهي، ساڳيا وڻ، هڪ هنڌ پاٽي تي ٻه چار سرهه بيٺا آهن، جن کي اسين ڏسڻ لاءِ گاڏين مان لهي هيٺ اچون ٿا. هيٺ هڪ هنڌ ڪاهي ۾ نل ذريعي پهچايل پاٽيءَ تي اها جانور آيا آهن. انهن کي ڏسي اسان وري اچي گاڏي ۾ سوار ٿيون ٿا. هاٽي سج اُلا پيو اڇلائي. ڪجهه دير جي سفر بعد اسان واپس ڪرچاٽ سينٽر جي عمارت ۾ ٿا موٽي اچون.

ائير ڪنڊيشن گاڏين ۾ جابلو پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اسين ڏاڍو ٿڪجي پيا آهيون، انهي ڪري هر ڪو هٽ منهن ڌوئي اچي ڪرسين تي ويهي ٿو، منهنجي آڏو وزيٽر بوڪ رکيل آ، مان اهو ڪٽي پڙهڻ شروع ڪريان ٿو.

وزيٽر بُوڪ چڱو پراڻي آهي، منجهس ڪيترن ئي معروف ۽ غير معروف ماڻهن جا انگريزي ۽ اردو ۾ تاثرات لکيل آهن. سڀ کان اول تاثر لکندڙ مارشل لا دور حڪومت جو تڏهوڪو گورنر جهانزيب ارباب آهي، جنهن 22 ڊسمبر 1977ع تي کير ٿر نيشنل پرڪ جو دورو ڪيو هو، هو لکي ٿو "کير ٿر نيشنل پارڪ ۾ مان اچي ۽ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، جڏهن ته مون کي اميد آهي ته اڳتي هلي هن علائقي وائيلڊ لائيف جي دور ۾ پنهنجي اهم جاءِ والارينڊو ۽ ترقي ڪندو."

جهانزيب ارباب سنڌ جو ارڏو گورنر هو، ساڻس منهنجي هڪ پيرو ملاقات سان 1991ع ۾ ڪراچيءَ ۾ چيف منسٽر هائوس ۾ هڪ دعوت ۾ ٿي هئي. گهٽ ڳالهائڻ وارو ماڻهو نه طبيعت ۾ گهٽي مغروري، نه وري رعب تاب، شايد اقتدار ماڻهو جي مٽي مان

ڦيري تو ڪڍي ڇڏي، اقتدار مان نڪرڻ بعد سڄو رعب ختم ٿيو وڃي، سندس ئي دور ۾ ڄام صادق علي ضياءَ الحق جي مارشل لا واري دور ۾ سنڌ ڪان جلاوطن ٿي لنڊن ويو هو ۽ ڪيس هوائي اڏي تي الوداع ڪندڙ هو جهانزيب ارباب.

مون هڪ پنو اٿلايو،

وزيٽر بوڪ تاثرات سان ڀريل آهي، (ڪيڏو نہ سٺو ٿئي جو ڪو ماڻهو اهي سمورا تاثرات، سهيٽري پارڪ بابت، مختصر ڇاڻ سان ايڊٽ ڪري مختلف ٻولين ۾ شايع ڪري، تہ هوند ماڻهن کي هن پارڪ بابت سٺي معلومات مير/ حاصل ٿئي)

ڪجھ پنا اٿلايان ٿو. منهنجي نظر تاثر تي ٿي وڃي پئي، اهولبنان جي هڪ ننڍڙي نينگر جو لکيل آهي. سال 1981ع جي 24 جولاءِ تي لبنان جي شهر ٽريپولي مان ڪهي آيل عرب نينگر معظم علي لکي ٿو:

”مان ڪلاس نائين جو شاگر آهيان، ۽ منهنجي پنهنجي ڪتنب سان گڏ اڄ هي علائقو ڏسڻ آيو آهيان، منهنجي زندگيءَ جو هي ڀهريون موقعو آهي جو مان هڪ بيحد خوبصورت هنڌ ڏسڻ آيس، دراصل کير ٿر نيشنل پارڪ ڏاڍو سهڻو علائقو آ ۽ مان هي علائقو ڏسي متاثر ٿيو آهيان. منهنجي دل چوي ٿي تهمان جيڪر هتي گهڻو وقت رهي پوان، پر ائين نہ ٿو ٿي سگهي، هي علائقو مون کي سدائين ياد ايندو رهندو، بلڪ ڪڏهن بہ هن علائقي کي وساري نہ ٿو سگهان.“ وزيٽر بوڪ جا ڪيترائي پنا زرد ٿي ويا آهن. ڪهڙي خبر تہ اڏوهي هنن پنن کي بہ ڪٽي کائي نہ وڃي. زندگي جي ڊوڙ ڪيڏي نہ تيز آهي ۽ انسان ڪيڏو نہ هيٺو ۽ وياڪل.

مان وزيٽر بوڪ اڃا پڙهي رهيو آهيان تہ ڪو دوست دانهن ڪري ٿو ادا هاڻي اسان کي بہ ڏي تہ انهي ۾ ويهي ڪو تاثر لکون. مان وزيٽر بوڪ سندس حوالي ڪريان ٿو.

ٻاهر کير ٿر جو علائقو تپش سبب آهستي آهستي گرم ٿي رهيو آهي، اسان ڪجھ دير ۾ هاڻي هتان روانا ٿي ويندا سين. نصير مرزا الوداعي تقريب کي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ننڍڙي رڪارڊر کي ٺاهي پيو. هن ادبي، صحافتي ۽ مطالعاتي دوري جي آرگنائيزر نفيس احمد ناشاد ڀچاڻي جي رسمن کي آخري ترتيب ڏئي رهيو آهي. محترم حميد سنڌي جي رهنمائي ۾ آيل هي ليکڪن جو گروپ، هاڻي گهڙين ۾ هتان هليو ويندو.

ڪالھ شام وانگر هن مهل بہ ڏاڍي ڊپريس ڪندڙ ماحول آهي، ڪجھ دير کان پوءِ هر ڪو وري زندگيءَ جي گهمسان ۾ ڪوئجي ويندو/ زندگي جي اسٽيج تي، ساڳي پنهنجي ڪرت کي وڃي لڳندو ۽ هت ڪرڇاڻ ۾ رهجي ويندو اسان جو ڳالهائڻ ۽ اسان جو آواز

(الوداع اي کير ٿر جا پهاڙ الوداع)

مان اٿي ٻاهر کير ٿر کي ڏسان ٿو. ٻاهر سڄ کير ٿر جي پهاڙ تي ٿانڌا پيو اڇلائي، تيز ۽ گرم هوا ۾ سڪل پن اڏامن پيا، سامهون اٿل ۽ اڏول کير ٿر اسا ۾ پيو جرڪي.

جي تو اڃا نہ ڄاتو، آ کير ديس واسي،
تنهنجو جنم اجايو، تنهنجي مٽي اٺاسي،
آيو ويو سڪندر سيوهڻ اڃا اتي آ،
هو کير ٿر ڪڙو آ ويندا رهيا وناسي!

(15 ڊسمبر 1999 جي عبرت مئگزين ۾ ڇپيل)

**

ڪڏهن اتر سامهان، ڪڏهن دونهين جهل*

هينئر شام جا ساڍا ڇهه وڳا آهن، ڪجهه مهل اڳ طوفان لڳي چڪو آهي. مان ٻاهر اڱڻ ۾ کٽ تي ويٺو هي سڀ ڪجهه لکي رهيو آهيان. تيز هوا لڳي پئي، آڪاس تي ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن هوا ۾ مٽيءَ جي هڪ عجيب سڳنڌ آهي ۽ اها ڇيڪيءَ مٽيءَ جي عجيب سڳنڌ منهنجي من کي وٽندي آهي، ڪيتري عرصي کان وٺي. هن ئي سڳنڌ جي ڪري مان اندران هلي اچي ٻاره اڱڻ ۾ ويٺو آهيان. منهنجو من الائي ڇو اداس آهي، جڏهن کان وٺي مان هڪ هنڌ تي ويٺو آهيان. تڏهن کان محسوس پيو ڪريان ته منهنجي اندر ۾ ڪائي تبديلي اچي وئي آهي. اڳي اندر کي ڪائي ڳولا ۽ جستجو نه هئي، پر هاڻ اندر کي الائي ڪهڙي ڳولا آهي. انسان جيڪڏهن غور فڪر ڪري تو ته پوءِ هو ڳولا ۽ جستجو جي اڻ ڇاڻ پيچرن تي پٽڪندو رهي ٿو، ڪنهن اڻ ڇاڻ منزل جي تلاش ۾. مون ڪيترائي ڀيرا محسوس ڪيو آهي ته انسان جي اندر ۾ هڪ ٻي دنيا آباد آهي، جنهن ۾ اسان ڪڏهن به جهاتي پائي نه ڏٺي آهي. مون به اڳي ڪڏهن اندر جي دنيا ۾ جهاتي پائي نه ڏٺي هئي، پر هاڻ جڏهن کان وٺي هڪ هنڌ تي ويهي غور ۽ فڪر ڪيو اٿم ته اها اندر جي دنيا ظاهر ٿي پئي آهي ۽ مان به هاڻ ڪوشش ڪندس ته انر جي دنيا ۾ ٽپو ڏئي ٻاهرين دنيا جي نظرن کان اوجهل ٿي وڃان.

***

مون کي است مان ست ڏانهن وٺي وڃ،
مون کي انڌڪار مان پرڪاش ڏانهن وٺي وڃ،
مون کي مرتيو مان امرپد ڏانهن وٺي وڃ!

– اپنشد مان)

سپنن جا سنسار به ته ڪيترا نه عجيب آهن. سپنن جي سنسار ۾ انسان ڪڏهن ڪڏهن ايترو ته کوئجي وڃي ٿو، جو پوءِ هن کي حقيقت جي دنيا ۾ اچڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڀوڳڻو پوي ٿو. مان به ڏينهون ڏينهن سپنن جي سنسار ۾ايترو ته گم ٿي ويو آهيان، جو هاڻ شايد اتان موٽي اچڻ ۾ به ڪو وقت لڳندو!

هنومان ٻڌ سان شرط رکي ته مان ٽپو ڏئي تو کان اوجهل ٿي سگهان ٿو، پوءِ هن اونهون ساهه کنيو ۽ وڏو ڇلانگ ڏئي ڪيڏانهن اوجهل ٿي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو موٽي آيو ۽ ٻڌ کي ڇيائين سر سٽي جي پوئين چيڙي تي پنج ڳاڙهي پٽر جا ٽنيا آهن.

شاڪيه مني هن ڏانهن پنهنجو هٿ وڌايو، جنهن ۾ هر آڱر زخمي هئي ۽ هن کي ڇپيو اهي هنن وانگر نه نه هئا"

(هڪ ڏند ڪٿا)

***

ساٿين ڪريو سڏڙا، لڪ چڙهيو رڻ روهه،
هينئڙي ڪچي تند جيئن، ڇڇيو ڇڇيو پوءِ،
ڪو ڳنڍيندڙ هوءِ، ته پرت پراڻي نه ٿئي!

***

۽ ڪالهه رات پورنماسي جي رات هئي، مان ٻاهر اڱڻ ۾ کٽ تي ستو پيو هئس ته اوتو آڌي رات جو مون محسوس ڪيو ته ڪائي ڳوري چيز منهنجي ڇاتي تي اچي سوار ٿي، ڪوئي اڻ ڏٺل وجود هو، جنهن منهنجي بت مان سجو ست ڪڍي ڇڏيو. مون رڙيون ڪرڻ چاهيون، پر آواز نه نڪري سگهيو، مون اٿڻ چاهيو، پر اٿي نه سگهيس ۽ پوءِ چڻ ڪنهن اونهي کوهه ۾ پاڻ کي مون اٿڻ چاهيون، پر اٿي نه سگهيس ۽ پوءِ چڻ ڪنهن اونهي کوهه ۾ پاڻ ڪرندي محسوس ڪيم ۽ پوءِ سڄو هوش وڃائي ويٺس.

آخر هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ ڇا اهو به هڪ دٻ جو قسم آهي يا ڪي پر اسرار اڻ ڏٺل قوتون آهن، جيڪي انسان سان هر وقت رهن ٿيون، ڪهڙي خبر ته هن سنسار ۾ وسندڙ ماڻهو جو ماضي جي ڪهڙين ڪهڙين شين سان ڪهڙو ڪهڙو ناتو آهي؟ مون کي الائي ڇو هاڻ دٻ ڪنهن به شيءِ کان نٿو ٿئي!

رگ ويد ۾ رات پرهه ڦٽيءَ کي هڪ ٻئي جون ڀيڻون سڏيو ويود آهي ۽ سچ پچ ته رات جي تاريڪي ۽ پرهه ڦٽي جي ڪير جهڙي سوجهري ۾ به هڪ عجيب سونهن آهي. پرهه ڦٽي جي سونهن ۽ رات جي تاريڪي جنهن ڏٺي آهي، اهو انسان سدائين سندرتا ۽ پيار جي تلاش ڪندڙ هوندو آهي. رگ ويد ۾ پرهه ڦٽيءَ لاءِ اشاس جو لفظ ڪم آيل آهي، لڳي ٿو ته اڄ کان هزارين سال اڳ جو انسان به پرهه ڦٽيءَ جي تلاش ۾ هو. رگ ويد جا ڪيترائي ڀڄن اهڙا آهن، جن کي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته ڄڻ اهي ڀڄن سنڌوءَ جي ڪپر تي تاريڪ رات جو پوئين پهر مهل آڪاش ۾ پرهه ڦٽي جي اچڻ جا آثار ڏسي ڪن ٻڌيمانن ويهي ڳايا هئا.

شهر صحرا پانيان

”اي اشاس ديوي، اسان تي پنهنجا بهترين ڪرڻا پمڪاءِ ۽ اسان جي زندگي کي طويل ڪر!“

پر مون کي ته هن رات جي تاريڪي ۽ پرهه ڦٽي جي سونهن پئي وڻن ٿا. مون الائي ڪيترين راتيون جاڳي، هن رات جي تاريڪي ۽ هن روز ٿيندڙ پرهه ڦٽيءَ جي مٺڙ مٺڙ سوجهري ۾ پنهنجي پاڻ کي گم ٿيندي محسوس ڪيو آهي! ۽ سچ پچ اشاس ديوي! تون زندگي جي سپنن جي اها لاٽ آهين، جنهن جي سوجهري ۾ هر ڪوئي پنهنجي منزل تلاش ڪري وٺندو. پر اهي فاني انسان جن مون وانگر حسرت سان هن پرهه ڦٽي کي ڏٺو هوندو، جيڪي هن دنيا مان هليا ويا، انهن کي ڪير ياد ڪندو.

***

اي ڏينهن! تون ڪڏهن ته ڪيترو پيارو ٿي وڃين ٿو.
اي رات! ڪڏهن ته تون ڪيتري نه مٺي بنجي وڃين ٿي.
اي ڏينهن! تون ڪيترو نه درد سان پرجي وڃين ٿو. جيڪڏهن هن کي اڇٹو ناهي.
ته توهين ٻئي گم ئي چو ٿنا ٿي وڃو!
(امارو)

***

اڄ صبح جو سويل اک کلي پئي ۽ اها پرهه ڦٽي جي مهل هئي. آسمان ۾ پوئين پهر جي پڇاڙيءَ جو چنڊ پنهنجي مٺم مٺم اداسي واري پيلاڻ سان ڪڙيل هو. سندس آسپاس ڪان ڪوئي تارو ٽم ٽم ڪري ٽمڪي رهيو هو. پريان ڪائي ڪوئل ڪوڪ ڪري رهي هئي. ان مهل اها ڪوئل جي ڪوڪ ۽ ٿڌ ٿڌي اسر جي هير ڏکي مون کي پنهنجي نند پڻ ڏانهن وٺي وئي! ها ڪوئل ۽ سندس ڪوڪ مان اڳي به ٻڌي چڪو آهيان. ڪيترو وقت ٿيو آهي جو مان پنهنجي نند پڻ جي يادگيرين ۽ ماضيءَ جي واقعن کان پري پڇندو آيو آهيا. منهنجون ڪيتريون نند پڻ جون يادگيريون ان ڪوئل جي ڪوڪ ۾ لڪل آهن. مون کي خبر آهي. ان جهوني ٻڙ ج وڻ هيٺان مون رانديون ڪيڏيون آهن. مون کي ياد آهي ته ننڍڙي هوندي پرهه ڦٽي جو ان ئي مهل جڏهن ڪوئل ڪوڪ ڪندي هئي ته مان نند مان اٿي ننڍڙي بالٽي کڻي ايڏانهن ڊوڙندو هيس، اتي هڪ اجاڙ باغ هوندو هو، جنهن ۾ چنبيلي جا وڏا شاهي ٻوٽا هوندا هئا. جتان اتي جو پوڙهو مجاور به گل پٽيندو هو ۽ مان به گل چڻندو بالٽي ۾ وجهندو ويندو هيس. هو درگاهه جو پوڙهو مجاور ذري گهٽ انڌو هوندو هو، جنهن جي ڪري گل گهٽ چني سگهندو هو ۽ مان سڄي بالٽيءَ چنبيلي جي گلن سان پري خوش خوش گهر کڻي ايندو هئس. اهي اڃا اڃا ڪير جهڙآ گل مان اڃا تائين نه وساري سگهيو آهيان. اڄ انهيءَ باغ تي ماڻهن جا گهر آهن. ڪو وقت ٿيو ته اهو پوڙهو مجاور به مري چڪو آهي. اهي چنبيليءَ جا ٻوٽا ۽ انهن جي پرسان بيٺل زيتون جو وڻ، جنهن تي بيهي مون هڪ فوٽو ڪيرايو هو. سڀ گم ٿي چڪا آهن. هاڻ اتي فقط اهو ٻڙ جو وڻ وڃي بچيو آهي، جنهن جي وڏي ٿڙ تي مون ننڍڙي هوندي پنهنجو نالو لکيو هو.

ڇا اها ڪوئل ساڳي ڪوئل آهي؟ ڇا هن جي ڪوڪ ڪنهن کي سڏي رهي آهي؟ وقت سدائي ساڳيو آهي، فقط انسان نه آهن. هر چيز فنا آهي......

ڪاش! مون کي زندگي هڪ ڀيرو ايتري مهلت ڏئي، جو مان هڪ ڀيرو پنهنجي ان ننڍپڻ جي اوستا ۾ هليو وڃان اها ننڍپڻ جي اوستا، جنهن ۾ سوچن تي ڪي پهرا نه هئا منهنجي دل تي ان مهل الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون تي آيون. مان ذهن ۾ اهي سڀ ڳالهيون رکي سمهي پيس هڪ مٺي نند. ڪاش! مان زندگي پر اهڙ نند ڪري سگها!

***

ڪيس انهيءَ سانوري شام جو ڏنڌلڪو ياد آهي، جڏهن هن گلن سان پريل ٻوٽي جا پاڇي ۾ سندس پريم جو قسم کنيو هو. ڪيس هن جي بيوفائي به ياد آهي. هن جو ڪوڙ هن جو ائي بيرحميءَ سان هليو وڃڻ ۽ هوءَ وڻ تي ڪڙيل گل ڪيس سدائي ڏنڌلا نظر ايندا آهن!
(امارو)

***

جڏهن به رات ٿئي ٿي ۽ چئني پاسن کان انسان جي تاريڪي ڦهلجي وڃي ٿي، تڏهن مان پنهنجي هستي کي ڪيترن گاڻن ۾ ورهايل محسوس ڪندو آهيان. اها هستيءَ ۽ ان هستي جا ورهايل ڪيترائي گاڻا، جن ۾ هر طرف کان اونداهي آهي، تنهن ۾ الائي ڪيترا ڊپ جا پاڇا آهن، ۽ اهي پاڇا هلندي هلندي محسوس ٿيندو آهي، جڻ ڪوئي منهنجي پويان هلي رهيو آهي.... پر ڇا رات

جو ڊپ سان ڪوئي گهرو سنبنڌ آهي؟ (جڏهن اونداهي رات جو پويون پهر ٿيندو آهي، يعني جڏهن رات جو اجا ڪجهه حصو باقي هوندو آهي، تڏهن مان زندگيءَ سان هر تعلق ختم ٿيندي محسوس ڪندو آهيان).

***

سنگهترام منهنجي ذهن ۾ ڇيندڙ اهو ڪردار آهي، جنهن تي مان اجا ڪجهه به نه لکي سگهيو آهيان. منهنجي ذهن جي اونداهين ڪنڊن ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا نالا ۽ ڪردار ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. جن تي جڏهن به مان سوچيندو آهيا ته پنهنجي من ۾ اتهاس جي انهن ڪردارن لاءِ ڪائي ازلي ڇڪ محسوس ڪندو آهيان ته پنهنجي من ۾ اتهاس جي انهن ڪردارن لاءِ ڪائي ازلي ڇڪ اليئ ڪهڙي آهي، جيڪا سدائين ڇڪي مون کي اتهاس جي اونهي سمنڊ ۾ وٺي ويندي آهي.

سنگمترا، اشوڪ موريا جي ڌيءَ/ ڀيڻ هئي، جيڪا پوءِ ڀڪسو ٿي پنهنجي ڀاءُ مهندرا سان گڏ شاڪيه مني جي فلسفي جو پرچار ڪرڻ لاءِ سريلنڪا جي راجا تسا جي دعوت تي سريلنڪا وئي هئي سمنڊ جاڳيندي. (ق م 250) ٻڌ ازم ڦهلائڻ ۾ اشوڪا جو ڪردار اتهاس ۾ تمام اهم جاءِ والاري ٿو. اهڙي ريت اتهاس ۾ سنگمترا ۽ مهيندرا جا ڪردار به عجيب آهن. ان زماني ۾ جيترو مهيندرا ماڻهن ۾ مشهور هو، سنگمترا ان کان به وڌيڪ زالن ۾ مشهور هوندي هئي ۽ مان سدائين سنگهمترا جي نالي ۾ الائي ڪهڙي ڇڪ محسوس ڪند آهيان. مان چاهيان ٿو ته سنگهمترا جي زندگي تي ڪجهه لکان! ڪاش زندگي ايترو ساٿ ڏئي جو مان نندي ڪنڊ جي اتهاس ۾ اونهي ٽٻي هڻي ڪي املهه ماڻڪ هٿ ڪريا. املهه ماڻڪ، جيڪي هزارين سالن جا اونهائين ۾ گم ٿي چڪا آهن! پر مان به ته هن نندي ڪنڊ جي اتهاس جو ڪوئي ڪردار آهيان، جنهن کي وقت جي بيرحم وهڪرن، جنم جنم جي چڪر ۾- ڦاسائي، بيچين آتما بنائي ڇڏيو آهي. مون کي الائي ڇو لڳي ٿو ته مان بہ ان سري لنڪا واري مشن ۾ مهيندرا سنگهمترا سان شامل هيس، ڇا منهنجي آتما ڪنهن ڀڪشوءَ جي ته ناهي؟ ۽ مون کي سڪون به ته سدائين ٻڌ مان ملندو آهي!

***

خدا هجي يا نه هجي. حقيقت فقط هيءَ آهي ته دک موجود آهن. محبت بيڪار آهي. فلسفو بيڪار آهي، سڀ دوکو آهن. شروع ۾ نه وجود هو، نه عدم وجود، هر شيءِ غير حقيقي آهي، پوءِ هتي خواهشن جو گذر ڪٿي؟ ڪير خواهش ڪري ۽ ڪنهن جي؟ ڪنهن به شيءِ جو ڪنهن به شيءِ سان ڪو به تعلق ڪونهي.

(شاڪيه مني)

***

اڄ تون ڏاڍو پيو ياد اچين.- ۽ ڀاڻ کي روڪڻ کان پوءِ الائي ڇو دل ٿي چاهي، ته تون گڏ هجين، اڳيان هجين، ٻئي چپ هجون ۽ پنهنجي ڀاڻ ۾ گم هجون، تو ڪڏهن ياد نه ڪيو، جيتوڻيڪ منهنجي پيٽ ۾ تو لاءِ اها ڳالهه سولي هئي. منهنجي طرفان خط لکڻ مناسب نٿي لڳو، ان ڪري تو کان ۽ تنهنجي گهر وارن کان معافي ٿو وٺان.

مون کي هينئر اوتو اهو خيال آيو آهي، ته تنهنجي ۽ منهنجي دوتي عام رواجي نه آهي، نه ذاتي سطح تي، نه ادبي سطح تي، پوءِ ڇا آهي؟ انجو جواب اُيترو سولو ڪونهي. شايد گهرائپ ان ڪري آهي، جو تون مون کي سمجهي سگهين ٿو ۽ آئون توکي سمجهي سگهان ٿو. شايد ان ڪري جو اسان هڪٻئي جي اڳيان پنهنجو کولي رکيو آهي. شايد ان ڪري جو اسين وڙهيا آهيون، ڪاوڙيا آهيون، گڏجي رنا آهيون، سڏڪا گهٽي رنا آهيون. ان پياري دوست لاءِ ، جيڪو اسان ٻنهي کان وڌيڪ پيارو هو. عبدالحق عالماڻي جيئرو هجي ها ته اسان ٻنهي کي گاريون ڏئي ها، دٻائي ها، شرمسار ڪري ها، پر عالماڻي ڪونهي. شايد ان ڪري آئون تو لاءِ تون مون لاءِ اجنبي بنجي ويا آهيون، پر اها اجنبي بنجي جيئڻ جي پيڙا آئون ڀوڳيان پيو ۽ مون کي پڪ آهي ته تون به ڀوڳيندو هوندين! پنهنجي پنهنجي هستيءَ جي اجاڙ ايوان ۾ ٻئي تنها سوچون پيا، دل چاهي ٿي ته اها سوچ آئون توکي ٻڌايان ۽ تو کان ٻڌان. هن وقت هن پل اسين ڇا ڇا ڀوڳيون پيا، ڪيترائي نه اڪيلا آهيون اسين. پر تون جتي به هجين شال خوش هجين (اها دعا توکي روايتي لڳي ته معاف ڪجائي)

خط لکڻ کان پوءِ اهو سوچيان ٿو، ڪٿي مون کي هي خط ان ڪي ته نه لکيو آهي ته تون مون کي ياد ڪرين!

(شوڪت حسين شوري جو 30 ڊسمبر 1976ع تي لکيل

❇

شهر صحرا پانيان